
سوجھرو
ماھتاب محبوب- سالگرہ مبارک
لوڪ فنڪار ديول فقير- 22هين ورسي
نسيم کرل- 36هين ورسي
184

سوجهرو
جولاءِ 2014
سال:15. شمارو:184. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانيقيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور

**ايڊيٽوريل:**
ٿچ مي پليز... تاج بلوچ
**لطيفيات/ نقطہِ نظر:**
جن، تِن يا... امداد حسيني
پِٽائي جا اُچار... ڊاڪٽر غفور ميمڻ
**سالگره مبارڪ:**
ماهتاب- ادب جو سنگ ميل... نصير مرزا
**نسيم کرل جي ڇٹهين ورسي:**
ڪچو رنگ (تجزيو)... تاج بلوچ
چوٽيهون در (ڪهاڻي) .... نسيم کرل
**ناول/ناوليٽ:**
اسٽيل جا پنج گلاس (13)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ
**ڪهاڻي:**
ڪاٺا ٽيل لغڙ... جهان آرا سومرو
ڏپارو لاش... محمد صديق منگيو
برف جو وٽو... انور شيخ
نندپڻ جو نينهن... عنايت لغاري
فئنٽيسي زندگي جي... عبدالسلام ٿهيم
دهشتگرد... بشير سومرو
نندڙيون ڪهاڻيون... منور ڪيهر
تلاوت ڪندڙ اکيون... حبيب ايڊووڪيٽ
ٻوري مينهن... زاهد منگي
**سنڌ ڀيهر گَرموڙيا:**
حُر گوريلا جنگ (17)... سائين رکيو
**آتما ڪٿا/من ڪٿا:**
پاتم جهاتي جهان ۾ (34)... شيام ڪمار
**نظم/وايون:**
مزمل سائر، رجب ٻگهيو، گل ٽڪڙائي، منور ملاح ۽ ساٿي محبوب زنگيجو.
**غزل:**
ج.ع. منگهاڻي، ساحر راهو، حنيف عاطر، اداسي جکراڻي، مختيار سهتو، بيوس بهار، سجاد مهر، فراخ جانوري، هدايت ڏيپر، وحيد محسن ۽ قاسم دائود.
**جي مارن مون ڏي موڪليا:**
ناياب بروهي، فوزيہ ناز، مير حاجن مير ۽ حاجن نظاماڻي.




## ٿچ مي پليز...

اهو وڏو ڊڪناڻڪ آهي جو مهڙ کان ئي سنڌ جي قومي علمي ۽ ادبي ادارن ۾ وقت جي حڪومتن جي آشيرواد سان، گهڻ-رُخي صلاحيتون رکندڙ ماڻهن بدران، مدي خارج ۽ رٽائرڊ ماڻهن کي ٿاڦيو ويندو آهي. ماضيءَ ۾ اڪ -ڏنياڻي طور ڪجھ ماڻهن جوڳو ڪردار ادا ڪيو. پر گهڻائي سنڌ جي قومي مفادن بدران، ذاتي ۽ گروهي مفادن کي ترجيح ڏني.

پر سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي جي پوئين عهد ۾ مقرر ڪيل چيئرپرسن ۽ سيڪريٽري ڏني- وائني ڏر بڇجي خراب ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. سنڌ جا اديب، دانشور ۽ ٻيا خيرخواه ماڻهو، اختياريءَ جي اهڙي هڪ پاسائين ۽ غير مناسب روش تي آڱريون کڻندا رهيا آهن. نامزدگيون جيئن ته نج سياسي بنيادن تي ٿيل آهن، انڪري پڪار جو جوڳو نتيجو نه نڪري سگهيو آهي. ۽ ڪارڪردگي خوفناڪ حدت تائين مايوس ڪندڙ رهي آهي.

سٺي ڪارڪردگيءَ جو تعلق صلاحيت ۽ ڏات سان هوندو آهي. اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن جون صلاحيتون، علمي ۽ ادبي ڪنٽريبيوشن مشڪوڪ رهيون آهن. ڏات ڏٺي ۽ باصلاحيت ماڻهو هميشہ شفافيت ۽ ميرٽ کي ترجيح ڏيندو آهي. پر پليجرزم جا عادي ڏوهاري ليکڪ، سدائين بي صلاحيت دوستن کي نوازڻ يا سياسي بنيادن تي فيصلن ڪرڻ جا عادي هوندا آهن. فهميده حسين صاحبہ پاران جالبي ۽ پي. گُري جي مضمونن، مقالن، خيالن يا عبارت جي چوري (Plagiarism)ادبي دنيا سان لاڳاپو رکندڙ ڪهڙي پڙهيل لکيل ماڻهوءَ کان ڳجهي رهي آهي؟

جڏهن اسٽئبلشمينٽ 2002 ۾ پنهنجي هڪ ساٿي سيد نورالحسن جعفري جي بيگم صاحبہ ادا جعفري جيڪا اردو جي واجبي شاعره آهي، کي اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، پنجن لکن جو 'ڪمالِ فن' ايوارڊ ڏيڻ چاهيو ته ان لاءِ 'سنڌ ووٽ' جي گهرج هئي- ۽ اها ضرورت فهميده حسين صاحبہ پوري ڪئي. ۽ موٽَ ۾ گهٽو اڳ ڇپيل پنهنجي هڪ بي دريافتي پليجري جي شاهڪار ڪتاب جو پاڻو بدلائي 2002 جو انعام حاصل ڪيو. جڏهن ته تاج جويو صاحب بقول محترمہ ماهتاب محبوب صاحبہ 'هو ته آهي ئي سنڌي ادب جو ڪائو ٻواءِ.' نج پج سنڌيڪائو ٻواءِ، جنهن کي انگريزي ٻنهہ نہ ايندي آهي.

اهڙي صورتحال ۾، اٿارٽي جو وقار مجروح ٿيو آهي. ۽ انجي ڪارڪردگي لاءِ سرڪاري سطح تي ڪنهن به قسم جو پڇاڻو، انڪري به نہ ٿيو آهي جو مٿي سڀ 'پنهنجا' ويٺا آهن.

اختياريءَ ۾ ويٺلن جي اڏنگي روش 2013ع جي ڪتابن جي ڇٽاپيٽيءَ وارن نتيجن مان پڌري ٿي پئي آهي. ايتري قدر جو ججن جي جمهوري فيصلي کي ريٽي چيئرپرسن صوابديدي اختيارن هيٺ انعامن جي ورڇ ڪئي آهي. ناني رڏڻ واري ڏوهتا ڪائڻ وارا.

برازيل جي مشهور ناول نگار پائلو ڪوئلهو (Paulo Coelho) جو پورچوگيز ٻوليءَ ۾ 2003ع ڌاري ڇپيل ناول، Eleven Minutes جنهن جا هندي ٻوليءَ سميت دنيا جي ٽيهن کان وڌيڪ ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن. هندي ترجمو دنيش شرما ڪيو، جيڪو ترجمي جي خيال کان 'ٿرڊ ريٽ' ترجمو چئي سگهجي ٿو. (پورچوگيز کان انگريزي ۽ انگريزي کان هندي) ۽ انهيءَ ناول جو اردو ترجمو پڻ ٿي چڪو آهي. '**يارنهن منٽ**' جي سنڌي ترجمي کي ٻولي اختياريءَ اول انعام جو حقدار قرار ڏنو آهي. اهو ناول برازيل جي هڪ نوجوان ۽ خوبصورت وئشيہ 'ماريا' جي جنسي تجربن جي ڪٿا آهي. جيڪا نوخيزيءَ ۾ چوٽ کائڻ ڪانپوءِ عاشقي کان توبهائون ڪندي اهو چئي جنيوا هلي وڃي ٿي، "Love it terrible thing that will make you suffer."

۽ جينوا ۾ ماريا پنهنجي وجود کي پئسي ۽ جنسي نماءُ لاءِ لوئيندي ۽ لباڙائيندي رهي ٿي.

ٻولي اختياريءَ جي چيئرپرسن يا ان جو سيڪريٽري ٻڌائي سگهن ٿا ته اهڙي ڪتاب جي اسان جي سماج يا ثقافت ۾ ڪا جاءِ بڻجي ٿي؟ ترجمي لاءِ چونڊ جو اختيار ته هر ليکڪ کي حاصل آهي. پر اهڙي نوعيت جي ڪتاب جي ڪَٽَ ڪرڻ ۽ ان جي متن کي انعام جوڳو سمجهڻ بابت اداري طرفان ڪو تجزيو ٿيو؟ ڪا جوابداري پوري ٿي؟ يا هاڻ اسان يورپ جيان ايڊوانس ٿي چڪا آهيون. يا اسان جا ادارا جوڳي جاچ جي ادراڪ کان وانجهجي ويا آهن؟ يا ٽيهين جون کان اڳ، بجيٽ کي تين-وال ڪرڻ جو ڪو طريقو آهي؟

**تاج بلوچ**

tajbaloch2505@yahoo.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
اعزازي ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد
0300
0313
0332
9288496

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



# جِنِ- تِنِ يا جَنَ- تَنَ...

امداد حسيني

10 مئي 2014ع تي اياز قادريءَ جو ڏينهن ملهايو ويو. ان ۾ ٻہ سيشن رکيا ويا هئا. هڪ صبح جو ۽ ٻيو مانجهاندي کان پوءِ. مون پوئين سيشن ۾ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ مون کي اياز قادريءَ جي شاعريءَ تي ڳالهائڻو هو. مون کي اياز قادريءَ جو شعري مجموعو ’زلفِ اياز‘ ڏنو ويو هو. ٽن چئن ڏينهن ۾ مون اهو پڙهيو ۽ اُن تي ڪجھ لکي ورتم.

ان سيشن ۾ رخمان گل پالاريءَ ’شاھ لطيف ۽ اياز قادري‘ جي عنوان سان ڳالهايو. هن ڪجھ ڳالهيون موضوع کان هٽي بہ ڳالهايون. هُن ’جِنِ‘ ۽ جَنِ‘ ’تِنِ‘ ۽ ’تَنِ‘ تي بہ ڳالهايو ۽ چيو، ’جِنِ‘ ۽ ’تِنِ‘ اُچار وارا لفظ صحيح آهن.

ٻي ڳالھ هُن منهنجي حوالي سان اها ڪئي، ”امداد حسيني چوي ٿو تہ سينگار جا بيت سگھڙن جا گپوڙا آهن.“ جڏهن تہ مون ائين ڪڏهن بہ ۽ ڪٿي بہ نہ چيو آهي تہ ڪو سينگار جا بيت سگھڙن جا گپوڙا آهن. نہ ئي ائين چئي سگهان ٿو. ڇاڪاڻ تہ سينگار جا بيت سنڌي شاعريءَ جو اُملھ ۽ خوبصورت حصو آهن.

ان ڏس ۾ مون وڌيڪ چيو، ”ها، البت هڪ اداري پاران موڪليل مواد تي، جيڪو ’نوريءَ‘ جي ڪردار جي حوالي ساڻ هو. اُن تي مون اهڙي راءِ ڏني هئي. ان مواد ۾ لکيل هو،

**نوري مهاڻي نہ، پر جسوڏڻ(جسوتڻ)راءُ جي ڌيءُ هئي. هوءَ ڪوڙھ جي مرض ۾ ورتل هئي، جنهنڪري مائٽ ڪيس مهاڻن ۾ ڇڏي ويا. پوءِ نوري ڪنهن درويش جون مَٽيون ڀرينديي هئي. اُن درويش جي دعا سان مينهن وٺو. نوريءَ اُن مينهن ۾ پاڻ پُسايو ۽ سندس ڪوڙھ جو مرض ڌوپي ويو ۽ هوءُ حسين ترين عورت بڻجي پئي! ڄام تماچيءَ جي مٿس نظر پئي ۽ هو نوريءَ تي چِڪن ٿي پيو. هن مهاڻن کان نوريءَ جو سڱ گهريو ۽ ائين نوري، ڄام تماچيءَ جي راڻي ۽ پوءِ پَٽ راڻي بڻي.**

ان مواد تي مون تفصيلي راءِ ڏني هئي، جيڪا رد ڪئي وئي. ان جون مکيہ ڳالهيون هي آهن:

1. نوري مهاڻي هئي.
2. جسوڏڻ/جسوتڻ راءُ وارو مفروضو پوءِ جو گهڙيل آهي.
3. ڪوڙھ، درويش ۽ اُن جي دعا سان مينهن جو وسڻ ۽ نوريءَ جي ڪوڙھ جو ڌوپجڻ وغيره بہ ان گهڙيل ڪهاڻيءَ جو حصو آهي.
4. ان سڀي مفروضي جي آڌار طور لاڪيٽي لطيف جي هيءَ سِٽ ڏني ويندي آهي:

**جنءُ سڱو وِچ سُرندڙي، تنءَ راڻين ۾ راڻي.**

جڏهن تہ انهيءَ هڪ سٽ جي پيٽ ۾ ’سُر ڪاموڏ‘ ۾ انيڪ سٽون اهڙيون آهن. جن نوريءَ پاڻ کي گُذري ۽ مُهاڻي سڏيو آهي. بلڪ ’سُرڪاموڏ‘ جي شروعات ئي هن سِٽ سان ٿئي ٿي:

**تون سَمون، آئون گندري...**

۽ اهڙا پنج سنگهر ۾ بيت آهن. جن جو پهريون پد ”تون سَمون، آئون گندري“ آهي.

هتي هڪ بيت ان ڏس ۾ ڏيان ٿو:

**مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾، نہ گيربُ نہ گاءُ**
**نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءُ**
**سَمون سين ملاءُ، هيريائين حرفت سين.**

5. جن هستين ’شاھ جو رسالو‘ سهيڙيو آهي- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، غلام محمد ابراهيم شاهواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي- انهن هر سُر آڏو اُن جي ڪهاڻي بہ ڏني آهي. پر انهن مان ڪنهن بہ اهڙي ڳالھ نہ ڪئي تہ ڪو ’نوري‘ مُهاڻي نہ ، پر جسوڏڻ راءُ جي ڌيءَ هئي. هنن اها ڳالھ ان ڪري بہ نہ ڪئي آهي، جو خود شاھ سائينءَ بہ اهڙي ڳالھ نہ ڪئي آهي.
6. ڌارين قومن، قبيلن، ڪاهيندڙن، قبضہ گيرن، مختلف طريقن سان سنڌ ۾ سنڌ جي وسيلن تي قبضا ڪيا ۽ سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن، ڌرتيءَ ڌڻين کي غلام بڻايو. اُنهن کي degrade ڪيو. (اهو سلسلو اڄ بہ جاري آهي).
7. مهاڻا بہ اهڙن پيڙهيل طبقن مان هئا/ آهن. شاھ سائينءَ اهڙين پيڙهيل طبقن کي مڃتا ڏني آهي ۽ انهن کي مٿي کڻي آيو آهي. جيئن مهاڻا، ڪوري، هاري، اوڏ، ڪنڀار، ڪٽي، لوهار وغيره.
8. سُونهن، سورهيائي ۽ ڏاهپ قدرت جا اهڙا عطيا آهن. جيڪي بنا ذات پات جي تفريق جي انسانن کي ڏنل آهن. هوا، اُس ۽ چانڊوڪيءَ وانگي.
9. مهاڻا پاڻين (سمنڊن، دريائن، ڍنڍن) جا ڌڻي آهن. جيڪي ڪانئن کسيا ويا آهن. درياءُ تِڪِايو ويو آهي. سمنڊن تي ليڪا پاتل آهن. ڍنڍون هڪڙيون ختم ٿي ويون آهن. منڇر کي زهريلو ڪيو ويو آهي. باقي جيڪي ڍنڍون بچيون آهن. انهن تي قبضا ڪيا ويا آهن.
10. مهاڻا محنتي، سچار آهن. ويرن سان وڙهي، لهرن سان لڙي، حق حلال جي روزي ڪمائيندا آهن.
11. شاھ سائين ڪين مهاڻا، ميربحر، ملاح، ناڪئا سڏي ٿو. سُرڪاموڏ، سُر سامونڊي، سُر سري راڳ ۽ سُر گهاتوءَ ۾ انهن جو ذڪر ڪيو آهي.
12. سڀ کان آخري ڳالھ تہ سگھڙن جي انهن گهڙيل ڪهاڻين کي شاھ سائين جي فڪر ۽ فلسفي سان ٺهڪائڻ هڪ سازش آهي. ۽ مون کي اميد آهي تہ رخمان گل پالاري ان سازش جو حصو نہ بڻجندو.

مون ان موقعي تي اهو بہ چيو هو تہ سگھڙن جو version اهو بہ آهي :

(الف) سهڻي سانوڻ توڙي سياري، درياءُ اُڪري ميهار سان نہ پر ڪنهن درويش سان ملڻ ويندي هئي.

(ب)مومل، سومل سان نہ پر سيتل واڻي سان ستل هئي.

سگھڙن جون اهي گهڙيل منظوم ڪهاڻيون پنهنجي جاءِ تي، پر انهن کي شاھ سائينءَ سان جوڙڻ جو مطلب شاھ سائينءَ جي فڪر ۽ فلسفي کي هاڃي رسائڻ جي سازش ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي ۽ اسان کي ان سازش جي حصي بڻجڻ کان انڪار ڪرڻ گهرجي.

رخمان گل پالاري ٻي جيڪا ڳالھ ڪئي. اُها اها هئي، ’جِنِ‘ ۽ ’جَنِ‘ ، ’تَنِ‘ ’تِنِ‘ ۽ چيو تہ ’تِنِ‘ ۽ ’جِنِ‘ صحيح آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين کان پڇيم، ”ڇا رخمان گل پالاري صحيح ٿو چئي؟“ پوءِ ڪيس شاھ سائين جو هي بيت ٻڌايم. جنهن ۾ جَنِ، هينيَن ۽ تَنِ قافيا آهن:

**وحده لاشريڪ لہ، جڏهن چيو جَنِ**
**تَنِ مڃيو محمد ڪارڻي، هيجان ساڻ هينيَنِ**
**تڏهن منجهان تَنِ، اوتڙ ڪنهن نہ اوليو.**

فهميده حسين ۽ آئون لاڙ جا آهيون. ۽ ’جِنِ‘ ۽ ’تِنِ‘ اُچاريندا آهيون. رخمان گل پالاري ڪوهستان جو آهي. اُن جو اُچار بہ ’جِنِ‘ ۽ ’تِنِ‘ آهي. مون سحر کي پرچي ڏني، ’جَنِ قافيي وارو ڪو بيت لکي ڏي‘ ۽ هُن اهڙا ڪجھ بيت لکي ڏنا. مون ان ڏس ۾ چيو تہ اسين لاڙائي ۽ ڪوهستاني ’جِنِ‘ ، ’تِنِ‘ چوندا آهيون. ۽ وچولي ۽ اُتر ۾ ’جَنِ‘ ’تَنِ‘ چوندا آهن.

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي هڪ اهم تصنيف ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ ۾ ’جِنِ‘ ۽ ’جَنِ‘ تِنِ‘ تَنِ‘ لفظن بابت بحث ڪيو آهي ۽ جَنِ‘ ۽ تَنِ کي صحيح قرار ڏنو آهي. ان ڏس ۾ هن لاڪيٽي لطيف جون سِٽون سَند طور ڏنيون آهن. ان سان گڏو گڏ مون اهو بہ چيو تہ انهن لفظن بابت اڃو تہ لاڪيٽي لطيف جي شاهدي وٺون ۽ پوءِ هي بيت پڙهيم،

**ڏونگر ڏکوئين کي، دلاسا ڏجَنِ**
**گهڻو پڇجي تِن کي، جن وٺان هوت وَڃَنِ**
**تون ڪيئن سنداتَنِ، پهڻ پير ڏکوئيين؟**

ٻيو بيت:

**محبت پائي مَنَ ۾، رنديا روڙيا جَنِ**
**تَنِ جو صرافِنِ، اڻ توريوئي اُگهائِيو.**

مٿين بيتن ۾ ’تَنِ‘ ڏجَنِ ۽ وَڃَنِ سان هم قافيا آهن ۽ ٻئي بيت ۾ ’جَنِ‘ صرافِنِ سان هم قافيا آهي. ايئن شاھ سائين پاڻ ئي اهو تڪرار نبيري ڇڏيو آهي.

’سوجهرو‘ جي پڙهندڙن آڏو هڪ ٻي حقيقت بہ رکڻ چاهيان ٿو. شاھ لطيف جو هڪ بيت آهي:

**هٿين، پيرين، آرڪٽين، مُنهن نہ مُهاڻِي**
**جنءُ سڱو وِچ سُرندڙي، تنءَ راڻين ۾ راڻي**
**اصل هئي اُن کي، اهل ڄاماڻِي**
**سَمي سُڃاڻي، ٻيڙو ٻَڌس ٻانهن ۾.**

*(شاھ جو رسالو، شاهواڻي، ص869)*

ڪجھ مهينا اڳ Ktn تان ’سُرڪاموڏ‘ تي هڪ پروگرام پئي آيو. ان ۾ مٿيون بيت مِني مهيريءَ هيئن پڙهيو:

**هٿين، پيرين، آرڪٽين، مُنهن نہ مُهاڻي،**
**”ڌيءَ جسوڌڻ راءُ جي، جنهن جي ماءُ مروبت راڻي.“**
**جنءَ سَڱو وچ سُرندڙي، تنءَ راڻين ۾ راڻِي**
**اصل هئي اُن کي، اَهل ڄاماڻِي**
**سَمي سُڃاڻِي، ٻيڙو ٻَڌس ٻانهن ۾.**

واڪ جي نشانين ۾ ڏنل اها واڌو سٽ: ”ڌيءَ جسوڏڻ راءُ جي، جنهن جي ماءُ مروبت راڻي.“

ڪٿان آئي؟ مِني مهيريءَ کي فون ڪيم تہ هن چيو، ’اها سِٽ هن شاھ جي رسالي تان ڪنئي آهي.‘ پر هو اُن رسالي جو نالو نہ ٻڌائي سگهيو. مون ڪيس چيو، ”اها سِٽ ڪنهن سُگهڙ جي بيت جي آهي ۽ شاھ جي سِٽ نہ آهي. نہ ئي ڪنهن رسالي ۾ آهي.“ نيٺ مِني مهيريءَ بہ اها ڳالھ مڃي تہ ’اها سِٽ شاھ سائينءَ جي نہ آهي ۽ ڪنهن بہ رسالي ۾ موجود نہ آهي.‘ ■



# لطيفيات ۽ لسانيات...

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

10 مئي تي محترم اياز قادري بابت ڪونايل ڪانفرنس ۾ هڪ اهڙو بحث ڇڙي پيو، جنهن سان ڊاڪٽر قادري جو ڪو تعلق نه هو. ڳالهه اتان شروع ٿي جڏهن ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ چيو، ”شاهه جي ٻوليءَ سان هٿ چراند ٿي رهي آهي. خاص طور سان شاهه جي ٻوليءَ کي اترادي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان ڪان علاوه لوڪ ادب خلاف اسان جي ڏاهن واويلا مچائي ڏني آهي. مثال امداد حسيني صاحب، ”سينگار کي سگهڻ جا گهوڙا چوي ٿو.“

امداد حسيني پنهنجي تقرير ۾ جواب ڏيندي چيو، ”مون سينگار کي ڪڏهن به سگهڻ جا گهوڙا نه چيو آهي.“ ها، البت جيڪي هٿ ٺوڪيون روايتن تي فڪر ۽ تاريخ بدلائي رهيا آهن. انهن کي گهوڙا ضرور چيو آهي. مثال سگهڙ چون ٿا، ”نوري گندري مهاڻي نه پر راجا جسودڻ جي ڌيءَ هئي. ڪوڙهه جو مرض لڳس. ته ڪيس مهاڻن وٽ ڇڏي ويا. جڏهن صحيح ٿي ته سمي بادشاهه سڄاتس ۽ اچي ٻيڙو ٻانهن ۾ ٻڌائينس. انهيءَ بيت ۾ ٻيو نمبر سٽ سگهڙن پنهنجي طرفان شامل ڪئي آهي. سٽ هن ريت آهي:

**”ڌيءَ جسودڻ راءَ جي، جنهن جي ماءُ مروبت راڻي.“**

جيڪڏهن غور سان ڏسنداسين ته گهڻيون روايتون ۽ واقعا هٿ ٺوڪيا، غير عقلي، غير منطقي ۽ ٻُڌل ڳالهين تي مشتمل آهن. ۽ انهن جي چنڊڇاڻ به ڪڏهن ڪانه ٿي آهي. اسان هر قصي ۾ اهو پڙهندا آهيون ته سسئي به پيتي ۾ لڙهي اچي نڪتي هئي. ۽ محمد ڪتيءَ کي هٿ آئي. سورٺ به پيتي ۾ لوڙهي ويئي. يا وري هوڏانهن مومل سان گڏ سومل ستي پئي هئي. وغيره.

دراصل واقعا ٿيندا ئي ابنارمل آهن. جيڪڏهن سڀ ڪجهه نارمل ٿئي ته پوءِ واقعو ڇا جو؟ ٻيو ته اسان وٽ ذات پات جي متڀيد ۽ تفريق جي ڪري گهڻن ڳالهين کي هڪ خاص اخلاقي نڪتي نگاهه وارو چشمو پائي ڏٺو ويندو آهي. نوري مهاڻي تي ڪري بادشاهه سان ڪيئن پرڻجي؟ اها بادشاهي طبقي جي توهين آهي.

تنهن ڪري گهوڙو اهو آهي، ”نوري مهاڻي نه پر اصل ۾ بادشاهزادي هئي. يا سسئي پنهون جي پنيان گهر ڇڏي جبل جهاڳيا ته اها مسلمان توڙي هئي. اها ته هئي ’هندو‘.“

مومل سان گڏ سيتل واٽيو توري ستل هو. چوته مومل بيوفاڪاڻ هئي. ۽ غير اخلاقي ڳالهه بنجي ٿي پوي. تنهن ڪري مومل سان سندس ڀيڻ ستل هئي. پر ڳالهه اها آهي ته مرداڻي ويس پهري چو سُتي؟ ۽ جي سُتي به ته پوءِ هيٺ جُتي مرداڻي چو رکيائين؟

وري اهڙو قصا سهڻي جي پيار کي مسلمان بڻائڻ لاءِ چيو ويندو آهي، ”بابا، اصل ۾ ته هنن جو پاڻ ۾ نڪاح ازل کان ٿيل هو. ٻيو ته ڪير ڀيڻ سان پيار ٿيو جيڪو فرشتن ڏنو هو.“

عجب آهي!! جتي وڃي اسان جي زماني جون اخلاقي ضرورتون پوريون ٿين، قصو اوڏانهن ڦيرائيبو. هاڻ مئي هاڻي وارو مامرو اچي پيو: شاهه صاحب کي پاڻ انهيءَ اخلاقي پلڪار تي رکي ماپ ڪئي ويئي جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب هڪ اهم بيت ڪڍي ڇڏيو.

**عاشق عزازيل، ٻيا مڙئي سڙڙيا**
**منجهان سڪ سبيل، لعنتي لال ٿيو.**

چيائون، ”بابا شاهه کو ايئن چوندو ڇا؟ ته ٻيا مڙئي سڙيا، معنيٰ پيغمبر به سڙيا؟ ڳالهه صرف ناسمجهي جي آهي. جڏهن پيٽ ڪبي آهي ته ڪنهن به شيءِ جي پنهنجي ئي هم جنس شين سان ڪبي آهي. انهي ۾ پيغمبرن جو ڇا وڃي؟ جيڪڏهن آئون چوان، ”بابا، پڪي ته تتر آهي ٻيا مڙئي ڦلهيار.“

ته اهو سمجهبو ڇا ته، ”تو صدر ممنون کي به ڦلهيار چيو آهي ۽ تو تاج بلوچ کي به ڦلهيار چيو آهي.“

يا وري اها ڳالهه، ”شاهه صاحب عشق ته ڪيو ئي ڪونه. بابا هو سيد زادو شريف انسان: سو سيده بيگم جي چيچ جهلي ائين ڪو ڪيو هوندائين؟“

اسان اهائي ڳالهه هڪ پيرو علي احمد بروهي صاحب کان پڇي، ”سائين، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب هيئن ٿو چوي.“

علي احمد بروهي صاحب چيو، ”بابا بلوچ صاحب ته اسان جو وڏو اسڪالر، دانشور، عالم، فاضل، ڏاهو آهي. جيڪڏهن هو چوي ته شاهه لطيف هوئي ڪين ته پوءِ؟ آهي به سگهڙن جا گهوڙا آهن.“

*

ان کان پوءِ ٻيو نڪتو پالاري صاحب اٿاريو، ”شاهه جي بيتن ۾ ضمير موصول ۽ جواب موصول.“

مثال لفظ ’جِن‘ آهي يا ’جَن‘، ’تِن‘ آهي يا ’تَن‘. چوته لاڙ ۾ ’جِن‘ چيو ويندو آهي، ’جَن نه‘ ٻيو ته بقول پالاري صاحب جي، ”شاهه جي ٻولي سان هٿ چراند تمام گهڻي ٿي آهي. هر لهجي وارو شاهه کي پنهنجي لهجي جو شاعر ٿو سمجهي. ۽ شاهه جي پڙهڻي درست پنهنجي لهجي مطابق به ڪري ٿو. اهو سراسر غلط آهي.“

امداد حسيني صاحب انهيءَ جو جواب ڏيندي چيو، ”لفظ ’جَن‘ ۽ ’تَن‘ صحيح آهن.“

امداد حوالو پيرو مل جو ڏنو. برابر پيرومل پنهنجي ڪتاب، ”سنڌ ٻوليءَ جي تاريخ“ ۾ صفحي 96 کان 97 تي اهو بحث ڪندي جَن ۽ تَن کي صحيح قرار ڏنو آهي. پر انهيءَ جو مطلب ڇا آهي ته پيرومل جيڪو چوي اهو صحيح مثال آهي. پيرومل ته اهو به چوي ٿو، ”سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڄائي آهي. سنڌي جا نج اکر ڄ، ٻ، ڳ، ڄ، ڏ وغيره اهي به اسان سرائيڪي کان ورتا آهن.“

ڇا انهي ڳالهه مان به اسان متفق آهيون؟

شاهه لطيف جي ٻوليءَ سان هٿ چراند سگهڙ ڪن يا عام اڻ پڙهيل ماڻهو: ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي. پر اسانجا عالم ڪن ته حيرت ٿئي ٿي. اهو به ته اسان جي عالمن لکيو هو، ”گند معنيٰ ڪن ڪچرو.“ ۽ سوئيرو معنيٰ، ’سئي جهڙو سنهو.‘ وغيره وغيره.

امداد حسيني چوي ٿو، ”شاهه جي هن بيت کي ڏسو،

**محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جَن**
**تَن جو صرافَن، اڻ توريو ئي اگهايو.**

هن ۾ ’جَن‘ ۽ ’صَرافن‘ قافيو ملي ٿو. انهي ڪري اهو ’جَن‘ صحيح آهي. ايستائين ته امداد حسيني صاحب سان گڏ هلي سگهجي ٿو. پر امداد صاحب جڏهن چوي ٿو، ”آهي ئي ’جَن‘ ۽ ’تَن‘، ’جِن‘ يا ’تِن‘ آهي ئي ڪونه.“

اتي ضرور اختلاف ٿئي ٿو. چوته شاهه صاحب آفاقي شاعر هو. هن جي شاعريءَ جو بنياد ئي موسيقي تي آهي. جتي لئي ۽ تال ۾ موسيقي ۾ قافئي ۾ لفظ سنڌي نه پيو ملي ته هن عربي، فارسي ۽ هندي مان ڪنيو آهي. مثال:

**پاڇاهي نه پاڙيان سرتيون سئي ساڻ**
**ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ**
**پيهر جاپي جاڻ، ابر جي اوصاف کي.**

هاڻ اتي شاهه سئي جي جڳهه تي فارسي مان لفظ ابر چو ڪنيو؟ يا اوصاف چو ڪنيو؟ چوته جي سئي جي وصفن يا خاصيت کي ڪتب آڻي ها ته بيت جي موسيقي نه نهي ها.

اهڙي ريت پٽائي جتي ضرور سمجهي ٿو اتي انهي لهجي کي استعمال ڪري ٿو. هاڻ جَن ۽ تَن به استعمال ڪئي اٿس. ته تِن ۽ جِن به.

*

لاڙ جي ماڃر واري علائقي جي لهجي کي صفا نج لاڙي چوندا آهن. جڏهن ته لاڙ ۾ ٻيا ننڍا ننڍا ڪيترا لهجا آهن. ماڃر ۾ ماڻهو ته صرافن به ڪونه چون صرافِن چون.

وري شروع وارن لفظن تي زبر بجاءِ پيش ڏين. مثال اُبراهيم، اُمام، وغيره. تنهن کان علاوه لاڙ ۽ اتر جا مذڪر ۽ مونث به الڳ الڳ آهن. رت، لاڙ ۾ مذڪر آهي. اجرڪ لاڙ ۾ عدد واحد مونث آهي. ٻوڙ عدد واحد ۽ مونث آهي. پر اتر ۾ اهي ابتا آهن. هاڻي پٽائي جو هي بيت ڏسو:

**تِن نيڻن ڪئي نيران، جِن ساجهر سيڻ سانپيئا**

هن بيت جي سٽ ۾ تن تي زير، نيڻن تي زير، نيران تي زير، وري جن تي زير، ۽ مڙي جي ڳالهه ته ماڃر ۾ ’ساجهِر‘ چوندا آهن ’ساجُهر‘ نه.

وري ٻيو بيت ڏسو،

**”جِن وڃايو وجود، سي فاني ٿيا في الله ۾.“**
**هن ۾ جن تي زير ۽ وري وجود تي زير.**
**جِن ري‌ءَ سري نه ساههَ، رتي رس مَ تِن سين**

هتي جن جي جواب ۾ تِن آيل آهي.

پر گنج شريف ۾ جَن ۽ تَن لکيل آهي. هاڻ موسيقي ۾ ڳائڻ سان راڳ ئي بدلجي ويندو.

بقول ذوالفقار، ”شاهہ جي بيتن ۾ زير زبر ڦيرائڻ سان موسيقي ۾ تبديلي اچيو وڃي ۽ مزو ڦِٽيو وڃي ۽ راڳ بدلجيو وڃي.“

هي بيت ڏسو:

**تِن جِيسلميرياڻين جَس، جي لِلّه ڪارڻ لنديون**
**هِت بہ رهائين رَس، هُت بہ گَڏيون هوت ڪي**

شاهہ جي شاعري ۾ علم عروض وارو قافيو ناهي. بلڪ ڇند وديا ۽ موسيقي وارو قافيو آهي.

**جِن جون اوطاقون اَريج ۾، تن جي وهہ**
**هتي جَن يا تَن جي ضرورت آهي ڇا؟**

هاڻي سر ڪاموڏ جو بيت هجي ۽ لفظ جَن ڪم آڻجي تہ زيادتي آهي. مثال

**”ڪُم ڪالوڙا ڪوڏيون، پهت جن جي پر.“**

هاڻي هتي بہ جَن چئجي تہ پوءِ شاهہ جي ٻوليءَ سان زيادتي آهي. توهان ڏسو هي بيت،

**”ڄامان اڳِي جي ڄايون، تِن جي نرت**
**نوري تي ناهي.“**

هاڻي هتي تَن چوڻ نهي ٿو؟

تَن معنيٰ بدن، دل يا من مثال طور:

**”تن تماڇي ڄام جو نايون پايوني“**

هتي تن معنيٰ: من، دل بدن آهي. جيئن،

**”تَنَ ۾ تونس پرين جي، پيان نہ ڍاپان“**

هڪ ٻيو بيت ڏسو،

**ڪاچ جِني جو ڪڪيون، مال جِني جا مڏ،**
**سمي سيئي سيڻ ڪئا، هيڏا جِن جا هَڏ**
**ڄام پريتئي لَڏ، سانگين جي سَيد چُئي.**

هاڻ هتي جَني، جَن لکڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟ هتي ڪهڙو قافيو آهي؟ ٻيو تہ توهان ماڇر جي علائقي ۾ گهمي ڦري ڏسو اڄ بہ اتي اها ئي ٻولي ڳالهائجي ٿي. جيڪا شاهہ استعمال ڪئي آهي. جڏهن لاڙ چيو ٿي جِن، تِن، جِني، تِني وڃي ٿو. تہ پوءِ اسان ڪير ٿيندا آهيون ان کي غلط چوڻ وارا تہ معنيٰ اسان ان لهجي کي ئي غلط قرار ڏيون ٿا. تہ پوءِ هترادو تضاد بہ پيدا ڪرڻ واري ڳالهہ آهي.

لاڙ ۾: ڪيو نہ پر ڪِئو چون. چوان نہ پر چُئان، ڏوئن نہ پر ڏُون، ڇَوَن نہ پر ڇُون، سمنڊ نہ پر سمونڊ، رمز نہ پر رموز وغيره چوندا آهن. مَعياري لهجي ۾ پلي اهي لفظ ائين نہ بہ ڪٽي هجن پر شاهہ صاحب تہ سڄي سنڌ جي ٻولي جي هر لهجي کي استعمال ڪيو آهي. تنهن ڪري هر سُر کي سندس علائقي ۾ رکي اتي جي لهجي موجب سندس اچار ۽ معنيٰ ڪڍڻ گهرجي.

**جنهن تڙ ڏونئترون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو**
**اچن پنوئر پنيوليا، پاڻي تهين پون**
**راول رتورون، ڪو وهہ لڳو واسئين.**

*(شاهہ)*

گذريل سالن ۾ ڊاڪٽر بلوچ اتر ۾ ڳالهائجندڙ ”ر“ وارو مسئلو اٺاريو ۽ رسالي ۾ لکيو بہ هو. مثال، ’ٽريو، ڪنڊر، پٽر وغير.‘

هاڻي اتر ۾ پلي اهو ”ر“ موجود هجي پر شاهہ جنهن علائقي جو آهي اتي تہ اهو اچار بغير ”ر“ جي آهي. اتي تہ ڪنڊ، ٽيو پٽ چون. پر جي ضد ڪجي تہ پوءِ شاهہ جي پرک غلط ٿيندي. شاهہ جڏهن چوي ٿو:

**جڏهانڪر ٿيام ساڃاهہ سپرين سين**
**تڏهانڪر تر جيترو ويل تہ وسريام**
**اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري**

هاڻي ڪو بہ لاڙي اهو نٿو چوي تہ شاهہ ’جڏهن ڪر‘، ’ٿيم‘، ’تڏهن ڪر‘ استعمال ڪيو هوندو. بلڪل نہ. شاهہ اترادي لهجو بہ استعمال ڪبو آهي. تنهن ڪري،

**”گند جني جي گوڏ ۾ پاپوڙا پوشاڪ.“**

هتي جِني ٿيندو. ڇو تہ گندن ۽ پاپوڙن وارن علائقي جتي مَڪَ ٿئي جتي قم، ڪوٽيون، ٻوڙ ۽ لوڙيون ٿين اتي ’جَن‘ چون ئي ڪونہ.

باقي پيرومل وارو دليل تہ ’جنهن ۽ تنهن‘ ۾ زبر اچي ٿي. تنهن ڪري ’جَني‘ ۽ ’تَني‘ ٿيندو تہ پوءِ جِتي بہ جَتي ٿيڻ گهرجي. تِتي بہ تَتي ٿيڻ گهرجي. يا وري جاتي ۽ تاتي پڙهجي.

مون اڳ بہ هڪ مقالي ۾ لکيو هو، ’اتر ۾ الف ڪٿي اضافي موجود آهي تہ ڪٿي وري آهي ئي ڪونہ. ڪاٽجي وڃي ٿو. مثال:

| | | |
|---|---|---|
| ڪنيار | - | ڪنير |
| لوهار | - | لوهر |
| آچار | - | آچر |
| پنهوار | - | پنهور |
| توهان | - | تهان. |

ڪٿي وري ”ن“ جو مسئلو آهي. خاص طور سان ڪشمور ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾. مثال:

| | | |
|---|---|---|
| هلندو | - | هلدو |
| وٺندو | - | وٺدو |

يا ٽيڙيو ڪي اتر ۾ ٽيڙيون اضافي ”ن“ سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثال:

**”ادا ٽنگون ٽيڙيون پيون آهن.“**

هاڻي اهي اهڙا مسئلا آهن جن تي تمام گهٽي ڪوجنا جي ضرورت آهي. پر ڪنهن لهجي کي ڪچو چوڻ ياوري شاهہ جي ٻوليءَ تي فتوا لڳائڻ سراسر غلط آهي.

**هاڻي اچو تہ هڪ ٻي بيت کي ڏسون،**
**سرنايو سجدا ڪرين، تَن توانعو تو نہ**
**هو جو مٽڪو مَن جو سودو سورين سو نہ**
**ڪڏهن ٿينديءَ ڪونہ، ڦوڪيءَ ڏوتي فاعدو.**

اسان جي گهڻن عالمن جو چوڻ آهي تہ ڦوڪي ۽ ڏوتي جي معنيٰ ڦوڪڻ ۽ ڏوئڻ آهي. پر لاڙ جي ماڻهوءَ کان پڇندا تہ مٿو پٽيندو. (سنڌي ۾ ڦوڪي ڏوتي ٻٺو لفظ آهي ئي ڪونہ- ’ڦوڪي‘ چنبي آهي. ڦوڪي معنيٰ ڳئي.)

ڇا آهي تہ اسان موجود شهري قدرن جو چشمو پائي قدر طئي ٿا ڪريون. پر اخلاقيات اضافي ۽ ڦرندڙ شيءِ آهي. اڄ اسان جي شهرن ۾ عورت ۽ مرد پاڻ ۾ هٿ ڪونہ ٿا ملائين. سلام ٿا ڪن. ڇا سنڌي روايت اها آهي؟ بلڪل نہ سنڌ ڳوٺن ۾ عورت ۽ مرد هٿ ملائي ڪيڪاريندا آهن. جي نہ ڪيڪارين، هٿ نہ ملائين تہ کهاڙيون اُپيون ٿي سگهن ٿيون. ڇوتہ هٿ نہ ملائڻ معنيٰ اها عورت انهيءَ مرد سان ڪريل آهي.

جيئن وتائي فقير سان سندس مڱ اچي هٿ ملايو تہ فقير نہ ملايو. ۽ چيائين، ”ڇريا ڪريا آهيون. پر سڃاڻون سيني کي ٿا.“

شاهہ لطيف کي اڄ جي ڳالهائيندڙ لهجن جي تبديلي کي اڄ جي ڳالهائيندڙ لهجن جي تبديلي ۾ يا اخلاقي قدرن ۾ پرکڻ نہ گهرجي. ان وقت جي دؤر ۽ لهجي کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. ■

# غزل

**ج.ع.منگهاڻي**

چنڊ تارن کان مٿي اِيري وئي
ڏس منگهاڻي حال مان نڪري وئي
تو وسارڻ جو ڪيو اِعلان هو
ياد تنهنجي هانءَ تان اُتري وئي
روهہ ڄائي روهہ جهڙي ٿي وڃان
آس لوهيڙي جيان نسري وئي
چنڊ جيئن هُو در مٿي اِيري پيو
سونهن چانڊوڪيءَ جيان نڪري وئي
بيرخيءَ جهڙو رويو تلخ هو
پيار جي ٻولي سڄي وسري وئي
ڳالهہ مرڪي تو وڇوڙي جي ڪئي
ريل ڪا ڄڻ دل مٿان گذري وئي
خواب هو يا مهڪ هئي ڪا ساهہ جي
سوچ ڄڻ سرهاڻ جيئن وکري وئي
تو مٿائڻ جا ڪيا حيلا هزار
پريت منهنجي هانءَ ۾ اڪري وئي
ذات منهنجي زندگيءَ مان ايئن ڇنڊئي
ڏوڙ هئي ڪا دربدر اڏري وئي
تو ڪيو هو خواب سان اهڙو سلوڪ
خوف مان ساپيا سڄي پگهري وئي
ديد ۾ موتي هيس ڪِي آبدار
هو عميقن ڏي وڏي اُهري وئي
آجپي جي آس ڏرتيءَ لئہ هيس
ڪوڪ اونائي اٿي سنيري وئي
رڪ ديوارن قلعا ۽ پيڪڙا
ها، ’منگهاڻي‘ پوءِ پي اُڪري وئي.

*

ٿي ويو ايئن رابطو
ڄڻ جڳن جو واسطو
ڇين ڪهڙي ڏيهہ ۾
درد واريون ڏيو پتو
چاهہ جون لاڳيون پَسي
من اسانجو پي مٿو
چاڳ سپ تعبير جا
خواب سان ڪهڙو جَتو
تو ڏنو مڪ ٿي ويو
لال گل جهڙو رتو
پيار مونکان ايئن گهريئي
جيئن ڪرائي ۾ پتو
اڻ گهريو سپ ڪجهہ مليو
ڪين مليو جو ڪتو
سنڌ جي دولت منجهان
سنڌ جي لئہ ڇا بتو
مون ڏٽيءَ کان سنڌ لاءِ
لفظ آزادي گهتو
ذات پنهنجي لئہ ڪڏهن
مون نہ گفتو ڪو اُتو
سنڌ- ويريءَ لئہ سدا
هٿ ’منگهاڻي‘ جي جُتو. ■

# ماهتاب- ادب جو سنگ ميل...



نصير مرزا

**ماهتاب** محبوب پنهنجي تحريرن ۾ ڪردار نگاريءَ جي تہ اصل ماهر آهي ماهر. هن جي ٻولي با محاوره، من موهڻي ۽ گڏوگڏ هن جي لکڻ جو ڍنگ بہ الڳ آهي. جيڪو بي حد پر ڪشش آهي. ماهتاب صاحبہ بابت اهي لفظ، منهنجا نہ. پر سندس همعصر ليکڪا ريٽا شهاڻي جا آهن. ها! انهن ۾ آئون پنهنجي طرفان صرف هيترو واڌارو پيو ڪريان تہ: ادي ماهتاب،

**تنهنجو ناهي جواب، تارن ۾ تون چنڊ لڳين ٿي**



هڪ ادبي پروگرام ۾ مضمون نگار سان گڏ

پر هي اڄ ماهتاب صاحبہ جي تحريرن جي ڪهڙي رخ ۽ گُڻ تي لکڻ لاءِ مون قلم هٿ ۾ ڪنيو آهي؟ ۽ اهو پوءِ- پهرئين سندس باوقار بلند ۽ شاندار شخصيت بابت موهن ڪلپنا جا اُهي لفظ ٿو هتي دهرايان، جن ۾ هن ڪيس '**سنڌ جي علامت**' ۽ '**سنڌو ندي**' سڏيو هو، جن ڪان متاثر ٿي پوءِ مون وري هُن جي اڃي اُجري ۽ سهڻي شخصيت کي ڏسي، پٽائي صاحب جي چانديءَ واري دروازي سان سندس ڀيٽ ڪئي هئي. هونئن منهنجي لاءِ، هيءَ بہ ڇا ڪا گهٽ خوشنصيبي آهي تہ لکڻ پڙهڻ جي ابتدائي ڏينهن ڪان ئي وٺي ماهتاب صاحبہ جي نثر جو مون پاڻ کي مداح پاتو- ۽ هن سان بلمشافہ ملاقاتن جا جيئن جيئن پوءِ موقعا ملندا ۽ سَلسلا وڌندا رهيا. ۽ آئون سندن گهر جو فرد ئي تہ بڻجندو ويو هئس. ياد اٿم، ساڻس اهڙين ملاقاتن ڪان اڳ ئي هن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو، '**چانديءَ جون تارون**' يا پوءِ سندن ٻين ڪتابن جا پهريان پهريان ايڊيشن بہ منهنجي بوڪ شيلف جي زينت بڻبا رهيا هئا، جن منجهان پوءِ... ڪن ڪتابن جي تہ لانچنگ جو اسٽيج سيڪريٽري ئي آئون بڻيس، خير خوش سڀاءُ رلڻ ملڻ ۽ مزي مزي جهڙن رنگا رنگ سندس ڪردارن سان مسلسل مُلاقاتن بعد جڏهن ادي ماهتاب سان بہ روبرو ملڻ جا باقائده موقعا ملندا ۽ ساڻس ويجهڙائپ ٿيندي وئي تڏهن نهايت ئي جلد ڄاتم، اڙي هان... هوءَ تہ پاڻ بہ پنهنجن ئي ڪردارن جي گفتار وانگر ڇا تہ witty ۽ سينس آف هيومر سان ڪناتار پريل پريل خاتون آهي. علاوه ازين اهو تہ مون کي اڳ ئي پتو هو تہ هوءَ سٺ جي ڏهاڪي ۾ ماهتاب منور عباسي جي نالي سان ڪهاڻيون لکندي هئي، ۽ "چانديءَ جون تارون" ڪان وٺي پوءِ هاڻي جڏهن ڪجهہ وقت اڳ شايع ٿيل سندس ڪتابن "چنڊ چهرا" ۽ "هِي حسن" جو اڄ آئون مطالعو ڪري رهيو آهيان تہ، هن جو فن مون کي مسلسل ارتقا پذير بہ تہ نظر اچي پيو. ۽ ايئن بہ برابر آهي، تہ اسلوب اظهار ۽ ٽيڪنڪ جا نت نوان رنگ هن اڪثر ئي اختيار پئي ڪيا آهن پر پوءِ بہ بہ خاص گُڻ جيڪي ابتدا ڪان وٺي هن جي نثر سان ساڻ ساڻ رهندا اچن. انهن منجهان هڪ تہ نِج نبار ۽ محاوريدار سندس ٻولي آهي. ۽ ٻيو Satire. يعني ڪٽمنڙي جهڙي طنز ۽ مزاح. ها، هڪڙي ٻي بہ خاص خوبي هن ۾ آهي ۽ اها آهي هِن جي زبردست ڪردار ۽ جزيات نگاري. برابر تہ ان فن ۾ جمال ابڙو، حفيظ شيخ، رباني صاحب، اياز قادري ۽ نسيم ڪرل بہ ڪمال جا ڪاريگر! ۽ دبنگ ڪهاڻيڪار هئا، پر ايترن مرد ڪهاڻيڪارن وچ ۾ بطور خاتون قلمڪار، ماهتاب محبوب ڪردارنگاري ۾ بہ اهڙي تہ پڙ، جو واهہ واهہ. موهن ڪلپنا ڪيس اهڙين ئي تہ خوبين آڌار، هاڪارن ۽ دنيا جي معتبر افسانہ نگارن منجهان هڪ ڄاتو آهي.

خير ادي ماهتاب جي ذاتي شخصيت وضعداري ۽ سهڻو سڀاءُ پنهنجي جاءِ تي، پر اها بہ حقيقت... تہ همعصر افسانوي ادب ۾. هوءَ پنهنجو مٽ، پاڻ ئي تہ آهي. ۽ جيئن روبرو ڏسڻ وارن کي سندس شخصيت ۾ روشني نظر ايندي آهي. ايئن هن جي افسانوي ۽ غير افسانوي نثر ۾ بہ، هڪڙي روشن ڏينهن جهڙي چمڪ چٽي پٽي نظر ايندي آهي. يعني هُن جو لکيل ادب هجي يا شخصيت، مون کي تہ اُهو هڪڙي شاداب باغ وانگر ئي لڳندو آهي. غالب جو هڪ شعر آهي تہ:

*گردشِ رنگِ چمن ہے ماہ و سالِ عندلیب*

يعني باغ ۾ بلبل جي جيڪا زندگي هوندي آهي اها خزان ۽ بهار مطابق ئي هوندي آهي. يعني جي باغ تي بهار، تہ بلبل خوش- ۽ جي خزان، تہ اداس! ايئن ادي ماهتاب جي شخصيت ۽ روزمره جي زندگي تي بہ خزان بهار جا پاڇاوان پوندا رهيا آهن. پر اهڙي هر صورت حال باوجود، هن جي قلم جي شگفتہ مزاجي سدائين قائم دائم ئي رهي آهي. باغ جي ذڪر تان ياد پئم تہ ستر واري ڏهاڪي ۾، جڏهن هوءَ لطيف آباد نمبر 6 جي ارم نما ۾ رهائش پذير هئي، ان جي ديوار سان صنوبر جو هڪ خوبصورت وڻ هو جيڪو ان بنگلي جو دراصل دربان ۽ نگهبان پيو نظر ايندو هو، مٿان ان گهر جو خوش نما لان ۽ وڻندڙ باغ جنهن کي آئون باغِ ماهتاب سڏيندو هوس، جنهن ۾ مون شيخ اياز، جويي صاحب، ع.ق شيخ، مراد علي مرزا، آغا سليم، امر جليل، نسيم ڪرل، امداد حسيني، تاج بلوچ، نثار حسيني، ظفر حسن ۽ ذوالفقار راشدي وغيره کي، نہ فقط روبرو ڏٺو پر اتي هنن سان پُر لطف مانجهاندن ۾ بہ آئون برابر جو شريڪ رهيس. پوءِ حيدرآباد ۾ لساني فسادن بعد سنڌ ۾ جڏهن ورهاڱي جهڙو ورجاءُ ٿيو تہ نئون ارم نما سٽيزن سوسائيٽي ۾ جڙي راس ٿيو. تڏهن ان بنگلي جي هائوس وارمنگ تقريب وقت بہ، اياز صاحب، جويي صاحب ۽ پليجي صاحب ۽ ٻين صاحبن سان گڏ هي ناچيز بہ اتي موجود هو. ۽ اجهو اهڙن موقعن تي اوچ ڪوٽيءَ جي قلمڪارن دانشورن سان اُٿ ويهہ ڪان اڳ ماهتاب صاحبہ جو خود پنهنجو بہ تہ، جيڪو خانوادو ۽ خانداني پس منظر هو ۽ اهو بہ ڪجهہ هيئن تہ پاڻ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي خاندان جي فرد- پوءِ جنهن وضعدار گهراڻي جي هوءَ نُنهن ٿي، اهو بہ سنڌ جو هڪ اعليٰ منصب دار خانوادو. معنيٰ اک کوليندي ئي، هن پنهنجي ۽ ساهراڻي ماحول ۾ مير، پير، ڪلهوڙا، عباسي، حاويليون ۽ انهن ۾ رهندڙ وڏيريون، شاهہ بيبيون، نوڪر چاڪر، ٻانهيون ٻانها، ڇيڙي نبيري، انهن جا رهڻ سهڻ سڀ ڏٺا ۽ مشاهدي ۾ آڻيندي رهي. پوءِ حيدرآباد جي هاءِ فاءِ سوسائيٽي جي ماڊرن خواتين جو مشاهدو. ۽ ان سموري سيناريو کي، هوءَ پنهنجي 'مشاهده تجوڙي' ۾ محفوظ بہ تہ ڪندي پئي وئي. ايئن گڏوگڏ هن جو قلم کي جهڙوڪر بہ طرفو مشاهدو بہ ملندو رهيو. هڪڙي پاسي سامهون سيدن جون حاويليون ئي حاويليون. جن ۾ ڇپر ڪٽ تي بيبي زليخا، جيڪا جنڊيءَ جي پاون واري کٽ تي ويهي نوڪرياڻين، ٻانهين تي حڪم احڪام هلائيندڙ. ٻئي پاسي، اڱڻ ۾، نمن جا وڏا وڻ، ۽ انهن جي هيٺان رکيل کٽون، پينگها. پرسان ڏڌ مکڻ سان پريل چاڏيون، مانڌاڻيون. ۽ پرسان مينهُن جا وٿاڻ. ۽ ايئن قلم ڪئمرا جي اک سان هن ٻئي پاسي ڏٺو ٿي تہ ان طرف وري هاءِ فاءِ سوسائيٽي جا '**نمل**' ۽ '**صنم**' جهڙا ماڊرن ۽ بيباڪ ڪردار، جيڪي کُليل وارن سان ڊرائيونگ ڪندي نظر آيس. پر هيءَ تحرير ادي ماهتاب جي اهڙن ڪردارن ۽ ڪردار نگاريءَ جي موضوع تي ناهي. پوءِ ڇا تي؟ صرف هن جي نثر ۾ Witt, satire ۽ ڪمال جي لفظ اٽڪاري تي. يعني مون هن ليکڪ ۾ هتي ٻڌائڻ صرف هي پئي چاهيو، تہ ٿورن لفظن ۾ هوءَ ڪيڏو نہ تُز، ٽُو دي پوائنٽ، منڊيءَ تي ٽِڪ ۽ من کي بهار بهار ڪري






چڏيندڙ نثر لکڻ تي قادر قلمڪار آهي. مثال طور سندس افسانوي ۽ غير افسانوي تحريرن مان پهرئين منهنجي پاران هي ڪي سٽون،

**-نانيءَ ڪي ٽُڪ اچلائڻ ۾ ته ڪمال حاصل آ، مجال آهي جو سندس ٽڪ نشاني کان ذرو به پري هٽي. (ڪهاڻي پيلي قميص)**

**-هاڻي ڪتوءَ به ڪئي نه هم، نه تم، ۽ تيل لڳل پراٺيون ۽ ميريون رليون ڪٽي هيٺ وڇائي، سمهي رهي ۽ پوءِ ليٽڻ سان ئي ننڊ ڪٽي ويس. (ڪهاڻي چارو)**

خاص ڪري ماهتاب جي ڪهاڻين جون هي جيڪي مزيدار مزيدار مايون آهن، مٿان انهن جا نالا ۽ اهي به اهڙا اهڙا جو انهن جو تلفظ ئي ڪندي ڪِلَ اچو وڃي. مثال طور: **مائي ڪريمت** (ڪهاڻي: نڪ) **امان استاد، يعني ٿيف آف بغداد** (ڪهاڻي بليٽن) **امان ڪئران** (ڪهاڻي خيران) **زليخا ۽ زيبل** (ڪهاڻي ڏگو پير پيران) بقول آغا سليم صاحب جي، ماهتاب جي ڪهاڻين جون اهي تري ناڪ مايون اهڙيون ته بلي بلي، جو ڳالهه ڪندي وٺي جو نڪ کي موڙو ٿيون ڏين، ته ايئن ڪرڻ سان، ڪهاڻي جو رخ ئي ڦريو ٻئي پاسي ٿيو وڃي.

ماهتاب صاحبه جي خاڪن جي مجموعن ”جيءَ جهروڪا“ ۽ ”چنڊ چهرا“ ۾ به وک وک تي زبردست زبردست جملا پڙهڻ لاءِ ملن ٿا، يا پوءِ سندس سفرناما ”اندر جنين اُج“ ، ”سرهي سرهي سار“ ۽ ”راهون چنڊ ستارا“، جن ۾ پهريان ٻه سفرناما ته ڀارت ياترا بابت آهن، جن ۾ هڪڙو پورو دؤر پورو زمانو محفوظ ۽ زنده نظر ايندو. (۽ جن ۾ ڪيترائي ڀارت واسي سرڳواسي عظيم اديب ۽ شاعر جهڙا جيئرا جاڳندا ۽ کلندا ٽِلندا نظر ايندا. ۽ جن سان هوءَ پاڻ به ڪيڏو نه ڇهڪندي ٻهڪندي ۽ خوش خوش پئي نظر اچي) ايئن خاڪن جي هنن ٽنهي مجموعن ۾ به، مختلف شخصيتن بابت هن جا ڪتڙا منڙا جملا ۽ اهي به واهه وا. جيئن هي ڏسو:

**-اياز بيماريءَ جي بستري تي موت سان ملهه وڙهندي به شاعريءَ مان هٿ نه ڪڍيا.**

**- ماسٽر چندر کان پڇيم، اوهان جي ڪنهن سان دلڙي اڙي؟ وراڻيائين ڪو به آرٽسٽ تيسين مڪمل ناهي جيسين سندس دلڙي ’ڏڪيل‘ ناهي. هاڻي ڪائنس روهڙي واري رومينس بابت پڇم: ڪِلي چيائين: ڀڪ افساني لاءِ ’مصالو‘ گهربل هوندئي. پر مان به ڀڪو آهيان سڀ حال تو کي ٿوروئي ڏينديس. تون ٻارن وانگر سيني کي ٻڌائي مون کي ”هيٺ مٿي“ ڪري ڇڏين، ته مان ڇا ڪندس؟**

ڪن ڪن خاڪن جا ته هن عنوان ئي مزيدار مزيدار رکيا آهن، مثال طور هري موٽواڻي واري خاڪي جو سرو آهي: **”هري هرڪيولس“** الطاف عباسي جي خاڪي جو عنوان آهي **”ڪرتبن جو ڪوڏيو“**. تاج جويي جي خاڪي جو عنوان رکيو اٿس: **”سنڌي ادب جو ڪائو بواءِ“**. اڇا! هِتي ياد پئم، عظيم اردو ليکڪا قرت العين حيدر چوندي هئي: **”جيڪڏهن توهان خوش سياءُ آهيو، سينس آف هيومر رکو ٿا، witty آهيو ته سمجهي وڃو، زندگي جي اڌ جنگ ته اوهان ايئن ئي کٽي ورتي.“** ته بس عيني آپا جي اهڙي چوٽي مطابق، ماهتاب صاحبه جي اڪثر تحريرن جو خاصو ئي اهو آهي يعني طنز ۽ مزاح مُڙي ڏسان ٿو ته ارڙنهن ورهين جي ڄمار ۾ لکيل سندس اوائلي کي ڪهاڻيون هجن يا هاڻي تازو شايع ٿيل سندس ڪتاب ”چنڊ چهرا“ يا ”هي حسن“... انهن ۾ به هنڌ هنڌ تي سندس آرٽسٽڪ ۽ فني جملن جي نٽنگ اهڙي، جو ڪيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي ئي نٿو سگهجي. سندس ڪن ٻين متفرقه لکڻين ۾ به هن جي تحرير جو انداز- ۽ اُهو به بَلي بَلي. لکي ٿي،

**منهنجي طبيعت ۾ ’جاب هاڻو‘ رجحان هجي ها، ته ٻين جيان شيخ اياز جي اقتدار مان ضرور فائدو حاصل ڪريان ها.**

**شيخ اياز چوندو آهي، هن جي ڊائننگ ٽئبل تي پليٽ رکڻ جي جاءِ مس هوندي. پر مون کي ته ”ترِچنڻ“ جيتري جاءِ به نظر نه آئي.**

ايئن خاڪن جي ڪتاب ”چنڊ چهرا“ جي مهاڳ ۾ به هوءَ پنهنجي ساڳي ئي دلفريب نوع ۾ نظر اچي ٿي.

**-پروف ريڊنگ ۾ اکرن جي ”پيٽ پيٽان“ اکيون کوڙڻ سان ”تارا کوڙ“ صورتحال... هونئن به هن لفظ ”پلنامي“ جي ”پُون پُون“ مون کي سدائين کان**



**’پنيلائيندي‘ محسوس ٿيندي آهي، سو اڳتي! هي ڪتاب جنهن کي وٺي، اهو چپائي... يا اُچلي... سانون کي... اپان تي چلي“**

خير، ماهتاب صاحبه جي خاڪن واريون اهڙيون سڀ شخصيتون هجن، ڪهاڻين جا ڪردار يا سفر جي مشاهدن دوران ساڻس ملندڙ ماڻهو يا ڪهاڻين، ناولن ۾ جيڪي جيڪي به ڪردار يا ماحول يا حيدرآباد شهر... **ڪچي قلعي** کان وٺي **سرفراز واري چاڙهي، ٽنڊي ولي محمد ۽ هير آباد** ۽ اتي موجود جن جن به ڪردارن، گهرن، گهٽين ۽ حاويلين جا حوال، هِن لکيا يا Portray ڪيا آهن، انهن لاءِ ايئن سمجهو، ته اُهي سڀ سچا پچا ۽ اُهي ئي آهن، جن کي ويجهڙائي کان هُن ڏٺو يا وري ڪنهن نه ڪنهن محفل ۾ انهن تي هن جي نظر ضرور ته پئي آهي. بهرڪيف، مجڻ مراد، ته ماهتاب محبوب سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي هڪڙي اهڙي ڪامياب ترين قلمڪار آهي. جنهن جو تذڪرو هر دور جي ادبي تاريخ ۾ چانديءَ واري نه، پر سَوني قلم سان سدائين لکجندو ۽ لکجندو ئي رهندو. ■





# ڪچو رنگ- تجزيو...

تاج بلوچ

نسيم ڪرل جي ڪهاڻي، پنهنجي بيان، جزئيات ۽ ڪردارنگاريءَ ۾ ٻاهريان فڪري اثر ٻه ورتا آهن. پر تنهن هوندي به هن جو افسانو، نج پج پنهنجي ڌرتيءَ جي اٿل پٿل جو شاخسانو آهي. هن جو پنهنجو مشاهدو ۽ ذاتي تجربو آهي. جيڪو هن زنده ڪردارن جي صورت ۾ ڏنو، محسوس ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ ڪي انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو. جيڪا ٻولي اهي ڪردار ڳالهائن ٿا. انهن ڪردارن جي رهڻي ڪهڻي، اشارا، رمزون، نفسيات، لڳ لاڳاپا، دوستيون، وفاداريون، منافقتون ۽ سچايون، ادبي حقيقت نگاريءَ سان پيش ڪيون آهن.

هو ڌرتيءَ جو قلمڪار آهي ۽ هن آسماني ڳالهه ڪرڻ ڪان پاسو ڪيو آهي ۽ فني طور ٻه ڪنهن نه عظيم يا ننڍي سنڌي، اندرين ٻاهرين ليکڪ جا اثر ٻه ورتا آهن. هن جي ڪجهه ڪهاڻين جو ڪلچر گهڻ رُخيو آهي.

سندس ڪهاڻي، ’ڪچو رنگ‘ ۾ جڏهن وڏيرو، پنهنجي زال ڪي شهر ۾ رهندڙ پنهنجي پٽ جي شادي ڪرڻ بابت خبر ٻڌائي ٿو، ’خير وري کهڙو، چوري ڪاري ڪاري ڇڏي آهي... ڪراچي ۾ مندم سان نڪاح پڙهيو اٿئين.‘ تڏهين وڏيري، ’هئي- منيس.‘ چئي زور سان گوڏن تي ٻئي هٿ هڻي ٿي. اهڙي منظرنامي ۾، هڪ مڪالمو، حمزاتوف رسول جي ڪتاب، ’ماءُ داغستان‘ ۾ ٻه ملي ٿو. جڏهن پينٽر جي ماءُ، رسول ڪان پئرس ۾ رهندڙ پنهنجي پٽ بابت پڇي ٿي، ’هن توسان پنهنجي مادري ٻولي، اوار ۾ ڳالهايو؟‘ رسول جي انڪاري وراڻيءَ تي پينٽر جي ماءُ، ڪاري پوتيءَ سان پنهنجو منهن ڍڪي ۽ ٻي پاسي ڪري چوي ٿي، ’رسول، اهو منهنجو پٽ نٿو ٿي سگهي، جيڪو مادري ٻولي ۾ نه ڳالهائي.‘ داغستان ۾ ڪنهن ويجهي عزيز جي لاڏاڻي تي عورتون ڪاري ڪپڙي سان منهن ڍڪينديون آهن اسان وٽ ٻه مائرون ۽ ٻيون عورتون زوال پذير سماجي نفسيات تحت، ترت ردِعمل طور ’اهڙن تڪليف ڏيندڙ مامرن‘ تي، منهن، مٿو، سينو ۽ سترون ڪٽي ماتم ڪنديون آهن.

جيئن ته ڪرل، مرندڙ جاگيرداراڻي معاشري جي نفسيات جو ڄاڻو آهي. ان ڪري رئيسياڻيءَ جي منووگيانڪ ويچارن ڪي هن ريت بيان ڪري ٿو،

”... نڪاح واري ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ لاءِ اجان گهٽي ڳالهه گهربي هئي. سندس خاندان ۾ آخر ڪير ستوجتو هو. مڙسهينس شاهنواز خان، سهرس قيصر خان ۽ ان جي پيءُ سنجر خان جون ڳالهيون ڪنهن ڪان ڳجهيون هيون. ماڻيائون ته برابر سئوٽيون ۽ ماساتيون، پر شادي ڪان اڳ ۽ پوءِ ڇا نه ڪيو هئائون. ذوالفقار علي ٻه سندن ئي اولاد هو. جاءِ هميشه پيڙهه تي ويندي آهي. موڪلن ۾ ڳوٺ هوندو هو ته حويلي ۾ ڪم ڪندڙ جوان جماڻ ٻانهين سان ڪيچل ڪا ڪانئس ڳجهي نه هئي.“

اهڙن ويچارن ڪان پوءِ رئيسياڻي مڙس ڪي وراڻي ٿي، ”نڪاح ڪو نه ڪيو هونداءِين. ائين مڙيئي...“

اهڙي تناظر مان مجموعي طور تي عورتازاد جي سستي، خسيس ۽ ويڪائو مال هئڻ جو شديد احساس اپري ٿو. جڏهن ته اهو مڪالمو هڪ عورت جو ئي آهي. جيڪا شديد گهٽتائي واري احساس ۾ ورتل آهي، ’ماڻيائون ته پنهنجون سوٽيون ۽ ماساتيون.‘ يعني شهر يا آکهه برادريءَ ڪان ٻاهر جي عورت. فقط عيش ۽ عشرت لاءِ هڪ تفريحي ٽول آهي. جنهن جو وقار ڪونهي ۽ جيڪا گهر گهرستيءَ جو ڪاروهنوار هلائڻ وارو نه ته حق رکي ٿي ۽ نه ئي ان لائق آهي.

انهيءَ ساڳي لهر ۾ شاهنواز خان جي ٻه ذهني سطح لڳ ڀڳ ساڳي آهي، ’پيڪن وئي آهي يا ٻي پاسي؟‘

انهيءَ، ’ٻي پاسي‘ ۾ ٻه، ساڳئي زوال پذير سماج جو عڪس ملي ٿو. يعني شهري ۽ پڙهيل عورت ڪرپٽ، بيوفا ۽ گهر نه ڪرڻ واري عورت آهي. ڪرل، هن ڪهاڻيءَ ۾، اسرندڙ مڊل ڪلاس ۽ مرندڙ جاگيرداراڻي سماج جي وچ ۾ ڪنهن نعري ڪانسواءِ تصادم/ڪشمڪش ڏيکاري آهي.

جديد سنڌي ڪهاڻي، نادر بيگ مرزا ڪان ويندي نسيم ڪرل تائين سنڌ جي انهيءَ ڪلچر جي نمائنده ڪهاڻي آهي. جيڪو داستان گوئيءَ ڪان وٺي بيانيه انداز واري ڪهاڻيءَ ڪان ٿيندو هاڻ مَسَ وڃي نين ڏسائن ڪي ڇُهڻ ۽ اڻويهين صديءَ جي ادبي تحريڪن ڪان ٿورو گهڻو اثر قبول ڪرڻ شروع ڪيو آهي. نه ته، وچين دور ۾ ماڻڪ، علي بابا، مشتاق شوري ۽ مدد علي سنڌي جي هيڪڙ ٻيڪڙ ڪهاڻي ڪانسواءِ، سموري سنڌي ڪهاڻي اهائي روايتي ڪهاڻي آهي. جيڪا مدي خارج فيوڊل سماج جي ڏيڻ ۾ قاتل آهي.

ادب، سماج ۽ ادب جي سماج سان وابستگي. اهي سڀ پوءِ جي نقادن جون دريافتون آهن. جيڪي پڻ، ادب ۾ اهڙين اوائلي فطري واڳبندين ڏسڻ ڪانپوءِ ئي ڇيون ويون نه ته صورحال اها آهي جو، اسان وٽ يورپ جي پيٽ ۾ نه ته ڪا ايجاد ٿي ۽ نه ئي ڪو اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو ويو جو چئجي ته ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ڪا فڪري اڳيرائي آهي. جنهن ڪي يورپ جي مقابلي ۾ ڏيکارڻ جو ڳا ٻڌجون. ٽين دنيا جي ملڪن جي سوچ ئي مردار هئي. ڇاڪاڻ ته صدين جي غلاميءَ ماڻهن منجهان اهڙيون صلاحيتون ئي ختم ڪري ڇڏيون هيون يا ڪين ان ڳالهه جو اونو يا ادراڪ ئي نه هو.

ادب جي سماج سان واڳبندي وارو مامرو ٻه 19هين صديءَ ڌاري فرانس ۾ اٿاريو ويو. جنهن ۾ Gaurtier بودليئر، ملارمي ۽ رامبو وغيره گهڻو متحرڪ هئا. رامبو ته انهيءَ سطح تائين چيو، ’مان پنهنجي ذهني ڇڙواڳيءَ ڪي مقدس سمجهان ٿو.‘ ورڊسورٿ، انگلستان ۾ نعرو بلند ڪيو، ’شاعر، فرد آهي جيڪو ٻين فردن لاءِ لکي ٿو.‘ انهيءَ نڪتي جي وضاحت ۾، ورڊسورٿ وڌيڪ چيو، ’شاعر اهو فرد آهي جيڪو ٻئن جا خيال، ٻئن جي ٻوليءَ ۾ پيش ڪري ٿو.‘

ورڊ سورٿ جا اهي جملا ڪنهن سماجي درجي بندي جي عڪاسي نٿا ڪن. پر ان دور جي يورپ ۾، انسان جو تصور ئي پَور پَور ٿي چڪو هو ۽ اهو تصور، ٽي ايس ايليٽ تائين پهچندي انهيءَ نتيجي تي وڃي پهتو، ’ڏک سهڻ وارو شخص، تخليقي فرد ڪان مختلف آهي.‘

ورڊسورٿ ۽ ايليٽ جو معاشرو ته پيچ ڊاهه جو شڪار هو. پر اسان جو سماج، زوال پذير معاشرو آهي. پيچ ڊاهه واري سماج جي مامرن ڪي، زوال پذير معاشري سان ڪيئن پيٽي ٿو سگهجي؟

نسيم ڪرل ٻه انهيءَ زوال پذير ۽ ڄڻاڻي ٻولي ڳالهائيندڙ ڄڻن جي معاشري جو ڪهاڻيڪار آهي جيڪو طويل عرصي جي جسماني ۽ روحاني غلاميءَ ڪان پوءِ جاگيرداراڻي باقيات جي جڪڙ ۾ گرفتار آهي ۽ انهن جي اهائي نفسيات آهي جيڪا زوال پذير سماج جي فردن جي هوندي آهي. پر نسيم ڪرل جي ڪرافتمئنشپ جو ڪمال اهو آهي جو هن دهقاني نفسيات ڪي Loud ٿيڻ نه ڏنو آهي ۽ ڏاڍي سرل ۽ Smoth نوع ۾ ’ڪچو رنگ‘ جو تاڃي پيٽو اڻيو آهي جيڪو سماج جي نئين حسيت ۽ قدرن جي لحاظ ڪان رجعت پسند، هيڻو، منافق ۽ پرمار آهي.

’ڪچو رنگ‘ جو وڏيرو، ڪمدار، منشي ۽ ٻيا ڪردار جنهن تحليل نفسي مان گذري، دوستو وسڪي جي ڪرائيم ۽ پنشمينٽ جي ڪردار، رسڪولينڪوف جيان رضا تي راضي رهڻ، شڪست يا ذلت قبول ڪرڻ تي راضي ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪي پنهنجي نااهلي يا صورتحال ڪي منهن نه ڏيئي سگهڻ تي نادم آهن. پر انهن ۾ انانيت ۽ سرڪشي آهي. وڏيرو شاهنواز پنهنجي ندامت جو اظهار هيئن



# چوٿيھون در...



نسيم کرل

باک مهل پاڻيءَ جي ماپ وٺندي، هن جي اوچتي نظر وچي هڪ لاش تي پئي، جو بئراج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڪچي آرپار ڪپيل هئي ۽ سسي باقي وچي ڪل جي ٽڪريءَ سان ڳنڍيل هئي. لاش ڏسي هو هراسجي ويو ۽ ڪي گهڙيون پت ڪي هٿ وجهيون چپ چاپ بيٺو رهيو. ڳپل مهل ڪانپوءِ هن تان ٿورو هراس لٿو ته وري لاش کي غور سان ڏسڻ لڳو. لاش ڪنهن زائفان جو هو، جنهن ڪي ڳاڙهو گهگهو پيل هو، جنهن جا ڏگها وار پاڻيءَ ۾ لڙهڻ ڪري ڪلي پيا هئا. ۽ جنهن جو پورو باهه جهڙو رنگ ان لڙئي پاڻيءَ ۾ بہ ڪوڏ جيان پئي جرڪيو. هن جي هڪ دل گهريو تہ جيڪر ان ڦڏي ۾ ئي نہ پوي ۽ در ڪولي لاش کي هيٺ لوڙهي ڇڏي، پر وري بيءَ دل هن کي ائين ڪرڻ کان جهليو ۽ ڪيس رب جي ڏاڍي سرڪار ياد ڏياري، جا اهڙين ڳالهين ۾ راضي ڪا نہ هئي. هن دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪيو تہ هو پاڻ وڃي ٿاڻي تي فريادي ٿيندو ۽ صوبيدار کان ڪرڙي جانچ ڪرائي، خونين کي سوگهو ڪرائيندو. اهو ارادو ڪري، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ ڪلف ڪٽي در بند ڪرڻ لڳو. در بند ڪندي اوچتو هن کي پور پيو تہ جيڪر پنهنجي ترت عملدار، سروير کي اهو سمورو مذڪور ٻڌائيندو وڃي. ان پور تي هن وڃي سروير جي ڪوارٽر جو ڪڙو کڙڪايو. پر سروير جي سڄي رات سکر گهمي ۽ فلم ڏسي اسر موٽيو هو، سو ڪيئن پيو اهي ائين ٻارهين آنين وارا کڙڪا ٻڌي. پر هن در کي ايستائين نہ ڇڏيو، جيستائين سروير اچي در نہ کوليو. اکيون مهٽيندي کائنس پڇيائين، ”چو ڙي، ڪو ڪنڌ پيو آ چا؟“

”نہ سائين، ڪنڌ ڪونهي پيو، پر هڪ لاش اچي در ۾ ڦاٿو آ.“

”پوءِ مون کي چو جاڳائيہ، مان ڪو صوبيدار آهيان!“

”سائين، ٿاڻي تي وڃان ٿو، پر توکي اطلاع ڏيڻ آيم، جو متان دير ٿي وڃي.“

”دير، شام تائين موٽي آئين ڇڻ لڪ ڪٽيئہ، پوءِ تہ روز حاضريون ڪارائيندءِ.“

”ها سائين، مٿئون جو اچي پئي، منهن تہ ڏبو، نہ.“

”پلي وڃي منهن ڏي، پر ٻي ڳالهہ ٻڌ، متان فرياد ۾ منهنجو نالو بہ شاهديءَ ۾ لکائين.“

”نہ سائين، تنهنجو نالو ڪو نہ ايندو، چوندس تہ لاش ڏسي، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان.“

”نيڪ آ، ائين ڇئجانءِ.“ سروير در بند ڪيو.

هو وري بئراج تي آيو ۽ سکر طرف هلڻ لڳو. هن اجا سڌ کن پنڌ ڪيو هو، جو پوئتان ڪيس ٽرڪ جون بتيون نظر آيون. ٽرڪ ڊرائيورن جي وڏائيءَ جي ڪيس چڱيءَ طرح خبر هئي. هو ههڙي تهڙي کي تہ سنگل بہ ڪو نہ ڏيندا آهن، پر هن کي بہ سکر جو پنڌ سجهيو تہ هن بہ ڪٽي هٿ ڏنو. ڊرائيور بہ ڪو اشراف جو پٽ هو، جو ڪٽي ٽرڪ جهليائين. هو خوشيءَ ۾ پر ٿي ويو ۽ دل ئي دل ۾ ڊرائيور جو ٿورو مڃڻ لڳو، جنهن ٽرڪ جهلي ڪيس جنگهن هٽڻ کان بچايو هو. ان ٽرڪ کي بيهارڻ ۽ ڪيس پنڌ کان بچائڻ ۾ بہ مرضي مولا جي هئي، جو سندس ان ڪم ۾ راضي هو. ٿاڻي جي در کان ٿورو پرتي هو ٽرڪ جهلائي لٿو ۽ گيٽ ٽپي اندر ٿيو. سامهون بيٺل سپاهيءَ کان صوبيدار جي پڇا ڪيائين.

”صاحب جانچ ۾ ويل آ.“ سپاهيءَ ڪيس ڪياڙيءَ سان ورندي ڏني.

”جمعدار، مون کي صوبيدار وڏي سان ضرور ملڻو آهي. اهي ڳالهيون ڇڏ، ميان!“

”چو، ڪا فرياد آ چا؟“

”ها ميان، فرياد آ.“

”هينئر فرياد داخل نہ ٿيندو. ٻئي ڏينهن رکي پوءِ اچجانءِ. سال جي پڇاڙي آهي، ڏوهہ اڳ ۾ ئي وڌيل آهن.“

”ميان، ڪا چوريءَ ڪات جي ڳالهہ ٿوري آهي. خون ٿيل آ خون!“

”تو ڪيو آ چا خون؟ ڪٿي آهن هٿيار؟“

”هٿيار صوبيدار ئي وٺندو. مون کي ڇڙو ساڻس ملاءِ.“

”اهي سنها ڪم بہ صوبيدار وڏو ڪندو تہ باقي مان هي مڇون اس ۾ اڇيون ڪيون آهن؟ جلد پيروي ٻڌاءِ.“

”جمعدار، تڪڙ گهٽ ڪر، مان بہ ڏٽڪو آهيان ۽ تو جهڙو ئي سرڪاري ملازم آهيان.“

”ڪٿي آسمان تان اڏري لٿو هجين، توکي حقيقت ٻڌائڻي ئي پوندي.“

”جمعدار، هروپرو ٿو ضد ڪرين، صوبيدار وٽ تون بہ ٻڌجانءِ.“

سپاهي هن مان ڪو چاڙهو نہ ڏٺو تہ لاچار ڪيس صوبيدار جي ڪوارٽر ڏانهن وٺي هليو. صوبيدار بہ هينئر تازو اٿيو هو ۽ چانهہ پئي پيتائين سپاهيءَ سلوٽ هڻي صوبيدار کي چيو، ”سائين، هي فريادي آيو آ.“

صوبيدار ڪرڙي اک ڪٽي پنهنجي سپاهيءَ ڏي ڏٺو، ۽ خار مان کائنس پڇيائين، ”اڙي عقل جا دشمن، ٿاڻي تي منجهند آمد آهي، جو مون ڏي وٺي آئينس!“

”سائين، مان تہ هن کي ٻڌايو تہ صاحب گناهہ نمبر 24 2 جي جاچ ۾ مصروف آهي، پر هن جو ڳوري ڳالهہ ٻڌائي تہ لاچار ڪيس وٺي آيس. پاڻ بہ سرڪاري ملازم آ.“

”چا ٿو ٻڌائي؟“

”سائين، چئي ٿو تہ خون ٿيل آ.“

”خون، ڇڪلي ۾ چا؟ پر اتي تہ سڄي رات رائونڊ ۾ هوس.“

”نہ سائين، مون کي تہ جاءِ واردات جي خبر ڪانهي، اوهان کي پاڻ ٻڌائيندو. اڙي ميان، ويجهو اچي صاحب کي سموري حقيقت ٻڌاءِ. ڏچ ڏپ نہ، سچ ٻڌائيندين تہ فائدو پوندءِ.“ سپاهيءَ هن کي سڏي چيو.

هو اڳتي وڌي صوبيدار جي پرسان آيو تہ صوبيدار کائنس پڇيو، ”ميان، تون کهڙي کاتي ۾ آهين؟“

”سائين مان گيج ريڊر آهيان، سکر براج تي.“

”ها، حقيقت ڪر.“

”سائين، مان صبوح جو دستور موجب پاڻيءَ جي ماپ پئي ورتي تہ هڪ لاش ڏٺم، جو براج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڪچي آرپار ڪپيل آهي، ۽ سسي باقي وچي ڪل جي ٽڪريءَ سان ڳنڍيل آ.“

”لاش مرد جو آ يا عورت جو؟“

”عورت جو.“

”لاش پڪ مڇيون کائي ويون هونديون ۽ شناخت کان زور هوندو.“

”نہ سائين، اجا سلامت آ.“

”هون، ڪا خبر چار؟ ڪو آيو، ڪو ويو؟“

”نہ سائين، اسان وٽ تہ ڪو ڪو نہ آيو.“

”ڪوڙا خان، ٿاڻي تي تہ ڪو وارث وصي ڪو نہ آيو؟“ صوبيدار پنهنجي سپاهيءَ کان پڇيو.

”نہ سائين، هتي بہ نہ جن نہ ڪن.“

صوبيدار وري ڏانهنس ڪنڌ ڦيرايو، ”ها ميان، ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺئہ؟“

”سائين، باک پي ڦٽي.“

”اتي ٻيو ڪير هو؟“

”ڪوئي ڪو نہ، مان اڪيلو هوس.“

”پوءِ ڪنهن کي ٻڌائيہ؟“

”ڪنهن کي ڪو نہ، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان.“

”تون پاڻ ڪٿي رهندو آهين؟“

”سائين، سکر براج تي ڪوارٽر مليل آ.“

”اڪيلو رهندو آهين يا ٻارين ٻچين؟“

”سائين اڪيلو.“

”ها ميان اڪيلو چو نہ رهندين، مڙس بہ شوقين ٿو ڏسجين!“

”شوقين ڪيئن سائين؟“

”ميان، لب مهراڻ، ٽي روز هڪ ٻئي کان اور ٿيون اچي گڏ ٿين، تو بہ هڪ کن تہ تاڙي هوندي.“

”نہ سائين، مان انهن ڳالهين کان پري آهيان.“

”انهن ڳالهين کان پري هجين ها تہ خون چو ٿئي ها، لاش چو لڀي ها!“

”سائين، مان نہ سمجهيو.“ گيج ريڊر کي پگهر اچي ويا.

”برابر، تون هاڻي ائين سمجهندين بہ ڪو نہ. پر اها مهل آئي تہ پاڻهي طوطي وانگر ٻوليندين.“

”سائين، توهين مون ۾ اجايو شڪ ٿا رکو. مان اهڙو ڪم ڪيان ها تہ لاش هيٺ نہ لوڙهي ڇڏيان ها. آخر مون کي ڪنهن پئي ڏٺو؟“

”ها، اها ڳالهہ تنهنجي فائدي ۾ آهي، ان کي ضرور خيال ۾ رکبو، چڱو لاش جو حليو تہ ٻڌاءِ.“

”سائين، مان هيٺ لهي تہ ڪو نہ ڏٺو، جو هرس پئي ٿيو. باقي فوتڻ رنگ جي پوري، ڊگهن ڪارن وارن سان، ڳاڙهو گهگهو پرت سان...“

”وئي، وئي!“ صوبيدار ڳوٺ پڳي.

”ڪيئن وئي، سائين؟“

”پڪ ڪنهن گهگهيلي ڪاري ماري، پنهنجو منهن

ڏوتو.“

گيج ريڊر اجا اهو گفتو نه سمجهيو، سو صوبيدار کان پڇيائين،

”سائين، ڪنهن منهن ڏوتو؟“

”ميان، تون جٽ ماڻهو، توکي انهن ڳالهين جي ڪهڙي خبر، اهي غيرتون گهگهيلن کي، جو ڪو مهٽو ڏئين ته ان تي ئي آءُ ڪن.“

گيج ريڊر هينئر اها ڳالهه سمجهي ويو، سو صوبيدار کي چيائين،

”سائين، اهو ڪهڙي قرآن ڪتاب ۾ جائز آهي؟“

”ٻروچ هن قانون کي ڇا ٿا سمجهن، اهڙا خون ته هنن لاءِ جائز آهن.“

”پر سائين، قانون ۾ ته ڏوهي آهن.“

”ها ميان، قانون ۾ ته سڌو سنئون 302 آهي، پر ڪير فريادي ٿئي ۽ ڪير باڪو ٿئي؟ ان ڪاريءَ جو پاءُ ۽ پيءُ به جوٿي نه ڪٽندا، ٻيا مائٽ ته پري ٻڌ.“

”پر سائين، اوهان اڪيون وجهو ته اهي ڏوهه ڪيئن ٿا لڪي سگهن.“

”ها، جي ڊگهي جاچ ڪبي ته اٿي مان وار به ڪڍي ڇڏبو. مون کي ته اهڙو آزمودو آهي، جو ڪو خونيءَ کي ڪٽي گلاب جي عرق ۾ وهنجاري سو ماڻهن سان گڏ ويهاري، ته به مان هڪ پل ۾ ڪن کان وٺي ٻاهر ڪڍندو سانس ته پٽ ماءُ جا، هتي ٿي ويهه!“

”واهه سائين واهه، اهو وري ڪيئن؟“

”خون جي ڏپ !خونيءَ مان ڪارت جي ڏپ ويندي؟“

”پوءِ ته سائين وارو ڪيو.“

”ميان، هن ڪاريءَ جي ڪيس ۾ ڪنهن کي پڪڙي ڪنهن کي پڪڙيان، جنهن ٻروچ ۾ هٿ پوندو، تنهن مان خون جي ڏپ ايندي!“

”پر سائين، اهو به ته ٿي سگهي ٿو ته فوتڻ ڪاري نه هجي ۽ واٽ ويندي، پاٽي پريندي، ڪنهن شڪاريءَ کي هٿ اچي وئي هجي ۽ ان پوءِ ڊپ کان ماري ڪيس لوڙهي ڇڏيو هجي.“

”ها، ائين به ٿي سگهي ٿو، پر اهڙو امڪان اٽي ۾ لوڻ برابر آهي.“

”سائين، هڪ ڀيرو جانچ شروع ٿي ته پاڙهي ڊگ ٿيندو ويندو. خون ۽ ڪٺوريون ٿورو لڪنديون آهن.“

”ميان، هھڙي خون جي مولا نه ڇاج ڪرائي. هيءَ جاچ ته رهندو گهر جا ٽپڙ به گهليندي؟“

”ڪيئن، سائين؟“

”بابا، لاوارث لاشن جون جاچون ڪي سوليون آهن. ڦهريون لاش ڪڍائڻ تي مزوري، پوسٽ مارٽم جو خرچ، فوٽو گرافر، جيپن جا ڀاڙا ڪرايا، لاش جو دفن ڪفن، ان کان پوءِ بالا آفيسرن جا سهما، روز پيا پڇائون ڪندا، جيستائين به ڏوڪڙ سندن منهن ۾ نه هٽبا، ميان، در ڪولي، لاش لوڙهي ڇو نه پئي ڇڏيئي؟“

”سائين، اهڙو پاپ مون کان ڪيئن پئي پڄو، مولا الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي، شل حقئون به رکي ناحقئون به.“

”پر هاڻي تو گناهه ڪيو يا مان، جو ٻئي پيا رولڙا پسون. ميان، خون جو فرياد ڪا چرچي جي ڳالهه ڪانهي. روز روز حاضريون ڪائي ٿڪين ته پاڙهي بان ڪندين.“

”سائين، مون کي اهي حاضريون چڱيون آهن، پر اهڙو ڪڏو ڪم مون کان نه ٿيندو، منهنجي فرياد وٺ.“

”ها ميان، تو مان جند ڪا نه ڇٽندي، نندي هوندي مائٽن ڪو گڏهه جو ڪير پياريو هيئي الائي ڇا؟“

”سائين، جيئن سمجهين.“

”ڪوڙا خان، منشي وڏي کي سڏ ڪر ته هي فرياد وٺون.“ صوبيدار پنهنجي سپاهيءَ کي چيو.

منشي وڏو پنا، ڪاربان، رول، پينسلون کڻي آيو. ۽ اچي صوبيدار جي پرسان موڙي تي ويهي، رول سان پني تي ليڪا ڪڍي، صوبيدار کان پڇيائين، ”سائين ڦهريون ڪچي پني تي ڏاهيون ته پوءِ ٿا 154 تي آڻيون.“

”وڏا، مڙيئي ڏوڙ وجهينس، يا جيئن وڻئي تيئن ڪر، پلي ڦهريون ڪچي ڏاهه.“

منشي وڏي پنا ڪاربان ڏاهي پينسل هٿ ۾ کڻي، صوبيدار ڏانهن ڏٺو.

”وڏا، لک فرياديءَ جو نالو، ڇا ٿي نالو؟“

”سائين، غلام محمد پٽ نور محمد.“

”وڏا لک فريادي غلام محمد پٽ نورمحمد، گيج ريڊر، سکر براج، ڏوهه قلم 302، وقت اطلاع صبوح 6 بجا، وقت رپورٽ... وڏا، ويهه ته، روزنامچو ڪيستائين لکيو اٿئي؟ هينئر ته ڏهه اچي ٿيا آهن.“

”روزنامچو رات کان بند آ. هينئر وجي لکندس.“

”ٺيڪ آ، ته پوءِ لک وقت رپورٽ داخلا جو سوا 6 بجا، وقت جانچ جو، بروقت پوليس طرفان ڪا دير ڪا نه. ها بابا، لاش ڪٿي ڦاٿل آ؟“

”سائين، سکر ٻيراج جي ڇوٿيهين در ۾.“

”وڏا، وارو ڪر، ڏس ته اسان جي ٿاڻي جي حد ڪهڙي در تائين آهي.“

منشي وڏو تڪڙو ڪوٺيءَ ۾ ويو ۽ پري کان رجسٽر ڪنيون ٻهڪندو آيو، ۽ چوڻ لڳو، ”سائين، اسان جي ٿاڻي جي حد ڪانهي.“

”واهه قلندر !ميان، وڃ روهڙي ٿاڻي، ان حد ۾ نه اسان جو اڌ نه ٿهائي.“ صوبيدار مرڪندي چيو.

”سائين، ائين ڪيئن ٿا ڪيو؟“

”ميان، اعتبار نٿو اچئي ته ڪٿي پاڻ رجسٽر ڏس.“

”سائين، فرق ته رڳو هڪ در جو آهي.“

”بادشاهه، هڪ در جو فرق ته وڏي ڳالهه آ، پر هڪ تر جو هجئي، ته به وڪ نه هلانءِ. مان آخر پرائو سور پنهنجي مٿي ۾ ڇو وجهان.“

”مڙئي سائين مهر ڪر.“

”اڙي ڪو چريو ڇئبين. ليلهڙاٽ ته ائين ٿو ڪرين، ڄڻ ڪا پنهنجي سڳي هجئي. ميان، تنهنجو ڇا.“

”پوءِ سائين، مان ڇا ڪيان؟“

”بابا، تون روهڙي ٿاڻي تي وڃ. اتي وڃي اها رپورٽ ڏي.“

”اهو جو رپورٽ نه وٺي؟“

”ڪيئن نه وٺندو، سندس حد آ.“

”گيج ريڊر وري روهڙيءَ ڏانهن ڪڙي ڪئي، ۽ ذري گهٽ منجهند اچي ٿاڻي تي پهتو. ڪلاڪ ڏيڍ جي انتظار کان پوءِ، مس مس صوبيدار سان ملاقات ڪيائين ۽ خون ٿيل لاش جي لڙهي اچڻ جي خبر ٻڌايائين.

”لاش ڪٿي ڦاٿل آ؟“

”سائين، سکر براج جي ڇوٿيهين در ۾.“

”منشي وڏا، اهو ڇوٿيهون در اسان جي حد آ، يا سکر جي؟“

”اسان جي.“ منشيءَ وڏي منهن پيلو ڪري ٻڌايو.

”ڪهڙي مهل لاش ڏٺو هيئي؟“

”سائين، باک مهل.“

”پوءِ ايتري دير ڪاٿي هئين؟ هنيئر ته ذري گهٽ منجهند اچي ٿي آهي!“

”...“

”ميان، جواب ڏي، نه ته اها دير توکي ڏکي پوندي.“

اتي گيج ريڊر ڦاٽ ڪاڏو پرائيءَ عورت کان نيٺ پنهنجي عزت پياري هئي. ”سائين، مان ته پنهنجي سر ڪا دير ڪا نه ڪئي. مان ته ان مهل ئي سکر ٿاڻي ويو هوس، پر ان صوبيدار مون کي ويهاري ويهاري نيٺ پوءِ جواب ڏنو.“

”ڇو جواب ڏنائين؟“

”چيائين ته منهنجي حد ڪانهي.“

”حد هن جي هجي يا منهنجي هجي. جهڙو هو گورنمينٽ جو نوڪر، تهڙو مان نوڪر. هن کي ڦهريون خون جي خبر پئي هئي، قانون مطابق هن کي رپورٽ وٺڻي هئي ۽ مشير نامو ڏاهي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلڻو هو. ان کان پوءِ مون ڏي ڪاغذ موڪلڻا هئس.“

”سائين، چيائين پئي ته هھڙي جاچ ڪير ڪري. هيءَ جاچ ته رهندو گهر جا ٽپڙ گهليندي.“

”ها، پر جي مٿو ڪائبو آ ته ڦڪو به ڪائبو آ. جي ان لاش جا وارث پيدا ٿين ٿا ته پوءِ اهو لاش ڪيس ڏاڍو مٿو لڳي ها، پوءِ انهن حدن ٻدن جو خيال ئي ڪو نه اچيس ها.“

”الائي، سائين.“

”الائي ڇو، توکي اها خبر نٿي پوي؟“

”...“

”چڱو ڀلا، هاڻي هي ٻڌاءِ، توکي ڪيئن خبر پئي ته لاش ڇوٿيهين در ۾ آ؟“

”مان پاڻ ڏٺو.“

”تو لاش ڏٺو يا در ڳڻيا هيئه؟“

”در ڳڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي سائين، درن جا نمبر ته منهنجي دل تي لکيا پيا آهن.“

”پر ميان، ڀل چڪ ته ٿي سگهي ٿي.“

”نه سائين، اهڙو انڌو مان به ڪونهيان.“

”ڀلا، هينئر جو هن ٿاڻي تي آئين ته وري لاش ڏٺئه؟“

”هن ڀيري ته اهو رستو آيس ئي ڪو نه. مان ته سڌو اچي روهڙيءَ واري پل ٽپيس.“

”اوڏانهون اچين ها ته گهٽ ۾ گهٽ پڪ ته پئي ها. الائي، وري لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ ته نه ڦاٿو؟“

”اها الله کي خبر. پر ائين وري ڪيئن ٿيندو؟“

”چڱو، اها وري ٿا ڪٽي جاچ رکون.... وڏا، او منشي وڏا.“

”جي، سائين.“ منشيءَ وڏي جواب ڏنو، ۽ اچي صوبيدار جي سامهون ويٺو.

”يار، لاوارث لاش جي فرياد آهي ته ڏکي، پر هن مڙس کي هرويرو ڪو نه رلائبو. تون هن کان فرياد وٺڻ جي تياري ڪر. پر ان وچ ۾ پنهنجو ڪو ماڻهو موڪلي اها ته خاطري ڪر، متان لاش اسان جي حد ۾ ئي نه هجي ۽ اسين ويٺا اجايا خفا ڪيون.“

”اهي خفا اجايا ٿا ڪيو سائين، لاش ڇوٿيهين در ۾ آ.“ گيج ريڊر صوبيدار کي وري پڪ ڏني.

”ميان، اسان کي پڪ ته ڪرڻ ڏي، متان درياهه جي وهڪري تي لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ نه ڦاٿو هجي.“

”پلي سائين.“
”منشي وڏا، تو بہ ڳالھ سمجهي نہ؟“
”ها سائين، خاطري ڪيو.“
”پر ڪنهن بني بشر ڪي خبر نہ پوي! مهاڻي ڪي بہ جهلجانءِ تہ ان ڳالھ جو پڙهو نہ ڏي، رڳو ماٺ ميٺ ۾ لاش ڏسي، در ڳڻي اچي.“
”ها، سائين بس نہ؟“
”بس، پر هن همراھ کي پاڻ سان ورتيون وڃ. هن ويچاري ماني بہ ڪاڏي آهي الائي ڪونہ.“
”سائين، مون کي طلب ڪانهي.“
”ميان حجاب نہ ڪر، ماني مولا جي آ. وڏا، منهنجي ڪنڌي هوٽل مان گهرائي ڪارائينس. هي مڙس ماڻهو اٿئي، پرائي خون تي ڪنهن پاڙئي پتي کي کهڪاءُ ڪونہ ايندو آ، وڏا، ههڙن مڙسن جو شل ڪال نہ پوي.“
”بيشڪ سائين، مڙساڻا اکر اٿس. هل ادا، اٿي ڪو ٻيو ڪاءُ.“

صوبيدار ۽ وڏي منشيءَ جي ان تعريف گيج ريبر جا مڙئي ٿڪ لاهي ڇڏيا. هن کي سکر واري صوبيدار تي وڏي خار هئي، جنهن ڪيس اجايو رلايو هو ۽ ساڻس خوديءَ سان ڳالهايو هئائين. هو منشي وڏي جي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ ماني کائي، ڄنگهون ڊگهيون ڪيائين تہ ڪيس ننڊ ڪٽي وئي. ٽيهريءَ مهل منشيءَ وڏي ٽنگ لوڏي جا ڳايس ۽ صوبيدار وٽ هلڻ لاءِ چيائينس. هو صوبيدار جي ڪوٺيءَ ۾ گهڙيو تہ صوبيدار ڪيس چيو: ”ميان، لاش تہ ٽيٿهين در ۾ آ، اها اسان جي حد ڪانهي.“
”اهو وري ڪيئن سائين؟ مان پاڻ چوٿيهين در ۾ ڏٺو هو!“
”ميان، يا تہ تون پلو آن يا لاش پوءِ وري لڙهي وڃي ٻئي در ۾ ڦاٿو آ.“
”سائين، مان تہ رلي مري ويس!“ گيج ريبر ڪي رلڻ جو جيڪو خيال هو، سو تہ ڪٽي ڇڏيو، پر ڪيس سکر واري صوبيدار جا سور بہ پئي سجهيا.
”ميان، پرائيءَ حد ۾ مان ڪيئن دخل ڏيندس.“
”پر سائين، در ۾ ڦاٿل لاش ڪيئن وري لڙهندو. منهنجو تہ مغز ئي نٿو ڪم ڪري.“
”ميان، پر تون وري ڪٽي بيراج ڏانهن ٿيندو وڃ. چڱيءَ طرح در ڳڻجانءِ، جو چوٿيهون در هجي تہ مون کي ڪٽي نياپو موڪليندين تہ مان اچي ٺهڪو ڪندس.“

گيج ريبر آڳ قبولي، وري سکر طرف هليو ۽ سڌو رستو ڇڏي سکر براج ڏانهن ڦريو. هن پيري هن پڪو پهه ڪيو تہ لاش چڱيءَ طرح خاطري سان ڏسي پوءِ سکر واري صوبيدار سان ملندو. هو هلندو هلندو چوٿيهن در وٽ پهتو. ڏٺائين تہ ڪاريءَ وارا ڪک هئا ۽ وري اڳتي وڌي ٽيٿهين در ۾ جهاتي پاتائين تہ اتي برابر ڦاٿل هو. اها خاطري ڪري هو سکر ٺاڻي پهتو تہ صوبيدار پري کان ڪيس ڏسي پڇيو، ”پٽيا خدا جا، وري ڇو آيو آهين؟“
”سائين لاش ٽيٿيهن در ۾ آهي، اها اوهان جي حد آ.“
”اڙي، اهو وري ڪيئن؟“
”سائين، صوبيدار روهڙيءَ واري جو لاش ڏسڻ لاءِ مهاڻو موڪليو تہ اهو ٽيٿيهين در ۾ ڦاٿو پيو هو، سو توهان ڏي موڪليائون.“
”هتي ويھ گيج ريبر جا پٽ.“ صوبيدار گجگوڙ ڪندي چيو، ”تنهنجي حد ۾، تنهنجيءَ ڊيوٽيءَ ۾، خون جو ڏوھ ٿيل آهي. ان ڪان پوءِ تون لاش کي هڪ جاءِ تان ٽيڙائي، وري ٻي جاءِ واردات ٺاهي آهي. اهو ڏوھ بہ خون جيترو ئي آهي. وڏا، ڏيڪارينس ان ڏوھ جو قلم.“
”هيڏي آ ميان تہ قلم ڏيڪاريانءِ.“ منشي وڏي ڪيس سڏ ڪيو.
”ڇڏ منشي وڏا، مان برابر گناهي آهيان.“ گيج ريبر روئڻهارڪو ٿي ويو.
”بلڪل تون گناهي آهين. ان ڪانسواءِ تون ٻن ٺاڻن، ٻن عملدارن کي ٿو پاڻ ۾ ويڙهائين. ان ويڙھ ۾ تون ائين پيسجي ويندي، جيئن ان سان گڏ گهڻو.“
”سائين اعتبار ڪر، مان توهان کي ڪو نہ ٿو ويڙهايان ۽ نہ مون ڪو لاش ئي ٽيڙيو آهي.“
”پوءِ لاش ٽيٿيهين در ۾ ڪيئن آيو؟“
”سائين خدا جو قسم، مون کي ڪا خبر ڪانهي، منهنجون تہ پاڻ وايون بتال ٿي ويون آهن. صبوح جو مان هن گنهگار اکين سان لاش چوٿيهين در ۾ ڏٺو، پر وري روهڙيءَ ڪان موٽندي ڏٺم تہ ٽيٿيهين در ۾ پيو هو.“
”پوءِ لاش جن ٽيڙيو، پوت ٽيڙيو؟“
”سائين روهڙيءَ واري صوبيدار تہ چيو پئي تہ لاش درياھ شاھ ٽيڙيو آهي.“

صوبيدار سوچ ۾ پئجي ويو ۽ ڪي گهڙيون ٽپيءَ ۾ پئجي ڪنڌ مٿي ڪنيائين، ”ها اها ڳالھ ٺي سگهي ٿي. درياھ بادشاھ آهي.“
”پلا سائين، هاڻي رپورٽ وٺو، دير ٿي ٿئي.“
”ضرور وٺبي، پر هينئر تہ سانجهي ٿي وئي آهي، هن مهل لاشو ڪير ڪڍندو؟“
”پوءِ ڇا ڪيان؟“
”تون ساجهر اچجانءِ، رپورٽ مان رات ئي ٺاهي ڇڏيندس. صبوح جو ڇڙي تنهنجي صحي پوندي.“
”پر سائين، لاش کي ٻي بہ رات پوندي تہ شناخت کان زور ٿي ويندو.“
”ميان، رات ۾ ڪجھ ڪو نہ ٿيندس، تون باڪ مهل اچي پهچجانءِ.“

رات جو تہ نہ، البت باڪ مهل هو وري سکر ڏانهن پئي آيو تہ ٽيٿيهين در جي سامهون پهچي، هن کي دل ۾ خيال آيو تہ جيڪر هو لاش کي وري هڪ نظر ڏسندو وڃي. هن کي پڪ هئي تہ لاش شناخت کان زور ٿي ويو هوندو. هن پٽ کي هٿ وجهي جو هيٺ نهاريو تہ هن جي اکين ۾ ترورا اچي ويا، لاش ٽيٿيهين در ۾ ڪو نہ هو. هن وري ڊڪي وڃي چوٿيهين در ۾ جهاتي پاتي تہ لاش ڦاٿو پيو هو.

هو ڪي گهڙيون ڦٽ پاٽ تي ٻيهي رهيو. هن نہ سکر طرف قدم وڌايو ۽ نہ روهڙيءَ طرف موٽ ڪاڏي. ٻئي پاسا ڳورا هئا. اڳيان باھ هئي تہ پٺيان پاڻي هو. ڪا مهل سوچي سوچي هن هيڏي هوڏي نهاريو، پرتي اورتي ڪوئي ڪو نہ هو، هن پٽ تي چڙهي در جي چاٻيءَ ۾ وجهي هٿ وڌو.

نيرن مهل گيج ريبر پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن پئي ويو تہ سروير ڪائنس پڇيو، ”غلامو، لاش ڪهڙي صوبيدار جي حوالي ڪيئہ؟“
”بابل، ٻنهي صوبيدارن لاوارث لاش ڪو نہ ورتو، سو ان کي ان بادشاھ جي حوالي ڪيم، جنهن جون حدون تمام وڏيون آهن، هيڏانهن سکر براج تہ هوڏانهن عربي سمنڊ.“ ■



رجب ٻگهيو

## رڳو هڪ آس جاڳي ٿي...

تقاضا ڪا بہ ڪانهي ڪا
رُڳو هڪ آس جاڳي ٿي
پريءَ جا پير پنبڻين سان
چُمڻ جي تاس جاڳي ٿي
صدين کان جاڳ جاڳي ٿي
اها رولاڪ راتين جي
هوائن جي اشارن تي
ڇَري بي چين دل منهنجي
رُڳو ئي ناءَ پنهنجي سان
جُدا ڪنهن ڏانءَ پنهنجي سان
هزارين خواب واڳي ٿي.
تقاضا ڪا بہ ڪانهي ڪا
رُڳو هڪ آس جاڳي ٿي
ستارن کي چُمڻ خاطر
ڊگهو ڪو پنڌ اورانگهي
پريءَ جي شهر ڏانهن ويندڙ
هوا جي پاند ۾ خوشبوءِ
بدن جي لئہ، اُڏڻ جي لئہ
ڇري بي چين دل منهنجي
گُلابي گيت مالهائون
هٿن سان پاڻ جوڙي ٿي
هوا جي ديس ۾ تنها
پريءَ جا پيرَ ووڙي ٿي.
تقاضا ڪا بہ ڪانهي ڪا
رُڳو هڪ آس جاڳي ٿي
پهاڙيءَ جي تلائن ۾
اُتي جي هيرَ وانگر يا
سرءُ جي هير وانگر يا
سرءُ جي سانجھ وانگر ڪا
هوا جي پاڪُرن ۾ دِل
پئي هر دم ٿي جهونگاري
پريءَ جا نيڻ نيٽن ۾
لڪائي لوڪ ساري کان
سمونڊن جيئن سمائي ٿي.
تقاضا ڪا بہ ڪانهي ڪا
رُڳو هڪ آس جاڳي ٿي
ڇري دل چنڊ چوڏهين ڏي
اُتي اڌ رات اُڏري ٿي
سڄوئي پاڻُ وسري ٿي
مگر ڪا جاڳ ٿي جَرڪي
پهاڙن جي پُٽيان ڪائي
ملڻ جي واٽ ٿي مُرڪي
پريءَ جو پنڌُ پائڻ لئہ
لهوءَ جو رنگُ لائڻ لئہ
پرانهين پار ڏانهن ويندي
اُگهاڙي پير دل منهنجي
تتل ڄڻ ريت جهاڳي ٿي
رڳو هڪ آس جاڳي ٿي. ■

# اسٽيل جا پنج گلاس...





ڊاڪٽر رسول ميمڻ

پاڪستان بنگالين سان ڪيڏيون نه چڱايون ڪيون. انهن جا پوڙها اديب بندوقون هٽي ماريا جيئن نوجوان اديبن کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي سگهي. بنگلاديش جو نئون نسل پهرين کان رنگ جو اڇو ۽ قداور آهي. آزاديءَ کان پوءِ وري اهي پڪا مسلمان ثابت ٿيا آهن. قاضي نذرل الاسلام جنهن لاهور جي شاهي قلعي ۾ پٽ تي پنهنجي خون سان تازو ڪلام لکيو. ان کي پاڪستاني ايجنسين چريو قرار ڏنو. بنگلاديش جي آزاديءَ کان پوءِ واقعي چريو ٿي پيو. ان عظيم اديب جي عزت جيڪا اسان وٽ آهي شايد بنگالين وٽ به هجي يا نه. ڇو جو اسين ڪيس پنهنجي شاعر شيخ اياز سان ڀيٽيندا آهيون. مون سعودي عرب ۾ ملازمت دوران هڪ بنگالي ٽيڪنيشن کان پڇيو، "ڇا تون ٽئگور کي سڃاڻين ٿو؟" هو سوچ ۾ پئجي ويو ۽ چيائين، "ٽئگور ته ڪونهي پر ناڪر آهي." جنهن جي جواب ۾ مون چيو، "ٽئگور کي سڃاڻان. ناڪر جي خبر مونکي نه آهي."

ساڳي ريت اتي ئي مون هڪ عرب کان پڇيو، "ڇا تون محمد بن قاسم کي سڃاڻين ٿو؟" اهو عرب به سوچ ۾ پئجي ويو ۽ چيائين، "الائي ڪهڙي محمد بن قاسم جي ڳالهه ٿو ڪرين. اسان سعودي صرف الله کي ياد ڪندا آهيون." ان کي ٻڌايم، "برابر تنهنجي ڳالهه صحيح آهي. پر اسان سنڌي چوٿين ڪلاس کان سي ايس ايس تائين پيا محمد بن قاسم، محمد بن قسم ڪندا آهيون. ماڻهو توهان جو، توهان کي ياد نه آهي. باقي اسان سنڌي ڪلمو پڙهي محمد بن قاسم کي ياد نه ڪيون ته جڻ اڌ مسلمان ٿيا آهيون."

وري ان عرب سڳوري کان پڇيم، "يلا سنڌ کان واقف آهيو؟" عرب سڳورو وري گهري سوچ ۾ هليو ويو ۽ وراڻيائين، "اڙي ها، ها. اها سنڌ جنهن لاءِ منهنجو ڏاڏو ڪنهن ڏورانهين ڏيهه لاءِ مثال ڏيندو هو ته اهو ايڏو پري آهي جيڏي سنڌ."

سو ضروري نه آهي ته ملڪ جو عوام پنهنجي هيروز کي ياد ڪري، ڇو جو هيروز ساڳي عوام جي مخصوص آدمشماريءَ جا ولئنس به هوندا آهن. ڪڏهن وقت هيروز پيدا ڪندو آهي ۽ وقت ڪانپوءِ ساڳيا هيروز اهميت وڃائي ويهندا آهن. نظريا ختم ٿي ويندا آهن. انقلاب ڪوڙا ثابت ٿيندا آهن. ڪڏهن قربانيون رائگان وينديون آهن. ڪڏهن وقت جا گناهگار، غدار ۽ ڏوهي اڳتي هلي مظلوم ۽ شهيد ثابت ٿيندا آهن.

مون کي اهي ڏينهن ياد آهن جڏهن اڃا اسٽيل جو پنجون گلاس چوري نه ٿيو هو. اهو اوڻويهه سو ايڪهتر جو سال هو. منهنجي منهن تي هلڪيون سايون مڇون هونديون هيون ۽ اڳڻ ۾ لڳل سائي نم تي ويٺل ساوا طوطا اکين کي سٺا لڳندا هئا. مون کي طوطن جي تيز ڳاڙهي چهنب ان ڪري نه وڻندي هئي جو پاڙي ۾ فتل ماءُ نالي هڪ ويڙهاڪ عورت رهندي هئي. جنهن جي ٿلهن چپن تي سُرخي ٿقيل هوندي هئي. ان هڪ دفعي منهنجي دوست حاڪم عليءَ کي بي گناهه مٿي ۾ ڏانداري هڻئي هئي. مان ڏسي رهيو هوس. حاڪم عليءَ جي مٿي مان اهڙو ئي ڳاڙهو رت وهيو هو، جهڙي سُرخي اها خارباز عورت پنهنجن چپن تي هڻندي هئي. مون کي ڪيترائي ڏينهن حاڪم عليءَ جو ڪليل زخم ان عورت جي چپن جهڙو لڳندو هو، جنهن مان اهي آواز ايندا هئا ته، "فتل ماءُ خدا ڪري تنهنجيون مينهيون مرن."

ٿيو به ائين. اوڻويهه سو ايڪهتر ۾ جڏهن مائي فتل جون مينهون سکر واري پل وٽ سنڌوءَ ۾ وهنجي ٻاهر نڪتيون ته مٿان جنگي جهاز مان بم ڪرڻ ڪري هن جون ٽي مينهون مري ويون ۽ ڏنار جي ٻانهن وڃي پري پئي.

حاڪم علي ان هندستاني حملي تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، "چڱو ٿيو فتل ماءُ جون ٽي مينهون مريون. خدا ڪندو ٿي طلاقون به ايندس." مان حاڪم عليءَ کان پڇيو، "يا اهو چڱو ٿيو يا خراب پر ويچاري ڏنار جو ڪهڙو ڏوهه هو."

"ڏوڙ پئي آهي ڏنار کي." حاڪم عليءَ چيو، "نه اهو ڏنار هجي ها، نه هجن ها مينهون. نه هجي ها کير، نه هجي ها کير جي ڪمائي. نه هجي ها پئسو، نه هجي ها فتل ماءُ کي مستي. نه هجي ها قوسن ميڙڻ واري ڏانداري، نه لڳي ها مٿي ۾."

اوڻويهه سؤ ايڪهتر واري جنگ دوران هڪ دفعي بليڪ آئوٽ ۾ حاڪم علي گهر ٻاهران اوطاق جون دريون ۽ دروازو بند ڪري اندر اونده ۾ چنگ وڄائي رهيو هو. شهري دفاع وارا خاڪي ورديءَ ۾ اچي اوطاق ٻاهران بيٺس. انهن در کڙڪائي چيس، "توکي خبر هجڻ گهرجي ته حملي کي روڪڻ لاءِ صرف بليڪ آئوٽ ڪافي نه آهي. تنهنجي چنگ مان ساز جون لهرون مٿي پهچي انهن کي اهڙو پيغام ڏئي سگهن ٿيون ته هتي آبادي آهي."

انهن زبردستي حاڪم عليءَ کان چنگ کسڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ شهري دفاع واري خالص اردوءَ ۾ اهڙي گار وهائي ڪدي جيڪا ميزائل جيان حاڪم عليءَ جي ڪن وٽان گسي وئي.

"اڙي هندستان جا جاسوس." هڪ ٻئي ڪيس چيو، "اهو چنگ اسان حوالي ڪر. نه ته ٻي صورت ۾ توکي فوج حوالي ڪيو ويندو."

حاڪم علي قسم قرآن کڻي ويو.

"ادا قسم آهي حاجن شاهه حضوريءَ جو. مان وٽ چنگ آهي ئي ڪونه. مان ڇپن سان ست ساز وڄائي سگهندو آهيان. جنهن ۾ چنگ. ڇپڙي. بين. تبلو. توتلي ۽ شهنائي شامل آهن. چئو ته مان توهان کي وڄائي ڏيکاريان."

ائين چئي حاڪم علي بليڪ آئوٽ ۾ ٻيهر چپن کي چوري اهڙو ته چنگ وڄايو جو اوچتو هندستان جا جنگي جهاز اچي ويا ۽ حملو شروع ٿي ويو. شهري دفاع وارا وٺي ڀڳا ۽ ان مورچي ۾ پناهه ورتائون جنهن ۾ پاڙي وارا ڦتل سبزيون ۽ بصرن جون کلون اڇلائيندا هئا. هندستان جا جنگي جهاز آرام سان حملو ڪري هليا ويا. انهن کي ڪو به روڪڻ وارو نه هو. سکر بئريج مٿان بيٺل توپ مان ڪئي گولا هڪ ٻئي پويان ڇٽا جن کان آسمان ڳاڙهو ٿي ويو. پر جنگي جهاز روهڙيءَ جي ريلوي اسٽيشن ۽ ملازمن جا ٻئرڪن نما گهر تباهه ڪري هليا ويا. اهي جنگي جهاز اسر جو ۽ سانجهيءَ وقت جڏهن هلڪي روشني هوندي هئي، سکر ۽ روهڙيءَ جي خاص هنڌن تي حملو ڪندا هئا. انهن جو نشانو، سکر بئريج. سکر روهڙيءَ کي ملائيندڙ ٻه پليون، ۽ ريلوي لائين هوندا هئا. سکر بئريج تي اينٽي ائر ڪرافٽ گنيون نصب ٿيل هونديون هيون پر سکر ۽ روهڙيءَ کي ملائيندڙ پليون، انهن پلين وچ ۾ نهيل حاجنا شاهه حضوريءَ جي مزار حوالي هونديون هيون. پوري جنگ دوران هڪ به بم انهن پلين کي نه لڳو. عقيدتمند چوندا هئا ته سکر ۽ روهڙيءَ وچ تي پلين مٿان بمباريءَ دوران حاجنا شاهه حضوري مزار مان نڪري انهن پلين وٽ اچي بيهندو هو ۽ بم جهپي هيٺ سنڌوءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندو هو. شابس آهي حاجنا شاهه حضوريءَ کي پر منهنجي خيال ۾ هندستاني پائلٽ انڌا هئا. ڇو جو جهڙا هيٺ ٺهڙا مٿي. انڌو انڌي کي سؤ ڪوهه تي ڳولهي لهي.

انهن ڏينهن مان گليل سان نشانا پڪا ڪندو هيس. جهرڪين مارڻ کان اڳ مٽيءَ مان ڳوڙها ٺاهي. ٻاهه ۾ پچائيءَ ڳاڙها ڪري سامهون اسٽيل جون پنجون گلاس رکي ان کي پيو چٽيندو هيس. هر ٺڪ سان اسٽيل جو گلاس آواز ڪري پوئتي سري نيٺ ڦتي تان هيٺ ڪري پوندو هو ۽ کڙڪي تي خوف جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. لاڏلو هجڻ ڪري ڪو منع نه ڪندو هو پر گليل جا ٺڪ هٽي مون اسٽيل جي گلاس ۾ چاليهه چڱهه ڪري وڌا. اهو ساڳيو گلاس هو، جنهن کي ڏوئي مون ڳوٺ کان آيل محمد وريل کي برمي جو تازو پاڻي پري ڏنو جنهن ڪوڙو منهن ڪندي چيو، "پاڻي ٻاڙو آهي يا گلاس جي شڪل ڏسي ٻاڙو ٿو محسوس ٿي."

مون محمد وريل کي پوءِ انهن گلاسن جي تازي سيٽ جي ڪهاڻي ٻڌائي جيڪي جنگ کان هڪ هفتو پهريون بابو بازار مان وٺي آيو هو ۽ جڏهن جنگي جهازن پهريون حملو ڪيو ته روهڙيءَ اوريان ڪرندڙ ڪنهن وڏي بم جي ڌماڪي ڪانپوءِ اٿندڙ زلزلي جهڙين لهرن ۾ ڪمري اندر لڳل تختو گلاسن سوڌو اچي هيٺ ڪريو ۽ ورتل تازي سيٽ جا ڇهه گلاس هڪ مهل ڀڄي پيا. اهڙي ڳالهه ٻڌي محمد وريل کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اهو اکيون ٻوٽي ان ڇچريل اسٽيل جي گلاس ۾ ٻاڙو پاڻي هڪ ئي ساهيءَ ۾ پي ويو.

"شڪر آهي رب جو." هن چيو، "جنهن اسٽيل جا

# ڪاٽا ٽيل لغڙ...

جهان آرا سومرو



هو پٽرن جي نندي جبل جيتري ڍير تي ويٺو هو. هن جي چوڌاري پري پري تائين پٽرين جا وڏا وڏا ڍير پکڙيل هئا. چاڪاڻ ته ويجهڙائي ۾ پٽرين پورڻ جو پلانٽ لڳل هو. اهو خاموشيءَ ۽ پٽريلي ويرانيءَ وارو علائقو هو. جيڪو درگاهه کان چڱو پري هو. روزمره جي ساڳي مصروفيت جڏهن هن کي بيزار ڪري ڇڏيندي هئي ته هو پڃي اچي اتي ويهندو هو ۽ پنهنجي گذريل وقت کي ياد ڪري ڪجهه وقت پنهنجو پاڻ سان گذاريندو هو.

هو پنهنجي پيءُ ماءُ جي پهرين اولاد هو. ان ڪري کيس گهڻي اهميت ملي. ڏاڏي جي ناليءَ پٺيان سندس نالو به درويش رکيائون.

پٽس چوندو هو، ”منهنجو پٽ ڪليڪٽر ٿيندو.“

ماڻس چوندي هئي، ”منهنجو شهزادو اجنير ٿيندو.“ هو اهي جملا ٻڌي وڏو ٿيو. جڏهين سمجهڻ شروع ڪيائين ته ڪنفيوز ٿي ويو. سوچڻ لڳو، ”ڪيس ڇا ٿيڻ گهرجي- ڪليڪٽر يا انجنيئر؟“

ايڏو ته ڪنفيوز ٿي ويو جو نه ڪليڪٽر ٿي سگهيو ۽ نه ئي انجنيئر. بس ٽڙي ٽاٻڙي ست درجا مس پاس ڪيائين سي به ايڏي ته قابليت سان جو پنهنجو نالو درويش بدران لکڻ ۾ در آش لکندو هو.

استادن ته ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته علم جي ڪا روشني دماغ ۾ اچيس. پر ٻليءَ جو اشو پُش چوڻ ۾ ڪو سڌارو ئي نه آيس. پڙهڻ جو ڪو خاص شوق هيس به ڪونه. هونئن به ماڻس سندس پٺيان ٽي پائر ۽ چار پينرون ڄڻي گهر ۾ ايڏي ته رونق ڪري ڇڏي جو سڄو ڏينهن انهن جو ٽيڪو ۽ روهاٽ لڳو پيو هوندو هو. گهر ۾ پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ نه جاءِ بچي هئي نه ئي ماحول. پوءِ جواني ديواني آئي ته پاڻ سان نوان شوق ڪنيون آئي. پيءُ کي ڳلٿو ٻڌائين، ”ابا، موٽر سائيڪل وٺي ڏي.“

انهن ڏينهن ۾ موٽر سائيڪل وٺڻ وارا يا ته آسوده ماڻهو يا ڪامورا هئا. پٽس ويچارو معمولي دوڪاندار. سڄو ڏينهن گراهڪن سان مغزماري ڪرڻ بعد مس گذر سفر ٿيندو هو. سو گهڻو ئي ٽارڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر ابي جي نالي وارو موپي پٽ مڙيو ئي نه. نيٺ هڪ ڏينهن ماڻس کي چيائين، ”حياتان، اها جيڪا ويسي ملي اٿئي اها ڏي ته پٽهين کي ڦٽڦٽي وٺي ڏيان.“

پهريائين ته ماڻس پڙڪندي بيٺي. چئي، ”درويش جا پيءُ، مان ٽڪو به نه ڏيانوَ. چار ڌيئر ساماڻيون ويٺيون آهن. انهن جي ڏاج لاءِ ڪو ڇَلو منڊي نهرائٽو آهي ڪي نه؟“

پر درويش جيڪا اونڌي منجي ڪئي ان تي نيٺ ماءُ جا آنڊا پسويا. مجبور ٿي پئسا ڪڍي ڏنائين. پيءُ موٽر سائيڪل وٺي ڏنس. درويش جا عيش ٿي ويا. ڪجهه ڏينهن ته صمد گهوڙي تي چڙهي گهم وارا مزا ڪيائين. پوءِ پيءُ چيس، ”ابا، پڙهين به ڪونه. هاڻي ڪو روزگار جو بلو ڪر. ٻيلي مان به هاڻي گاڏو گهلي ٿڪجي پيو آهيان. وڏو پٽ آهين. هاڻي گهر جا بار تو کي کڻڻا آهن.“

پٽس جيلس بازار ۾ پلاوٽي جو ڪم وٺي ڏنس. ڦٽڦٽيءَ تي چڙهي شان سان ڪم تي ويندو هو. شام جو پيءُ سان دوڪان تي به همراهي ڪرائيندو هو. بس پانجاريءَ ۾ متو ڏئي گهاٽي ۾ هلڻ شروع ڪيائين. پائر پڙهندا هيس. ٻه ٽي سال گذريا ته هن جي شاديءَ جي سنبت ڪيائون. هن پيءُ کي ايلاز ڪيا، ”بابا، مونکي ڪا ماسترياڻي پرڻاءِ؟“

”ماسترياڻي چو؟“ پٽس پڇيو.

”بابا، ماسترياڻيون ڏنيون اٿئي. روز اڇيون اجريون ٿي هار سينگار ڪري اسڪول وينديون آهن. اڻ پڙهيل مايون گهر ۾ مور ڳو منهن به ڪونه ڌوئن.“

”اڙي تون اڌو گابرا ست درجا پاس. توسان پلا ماسترياڻي شادي ڪندي؟“

”چونه بابا...“ هن سينو تاڻيندي چيو، ”هو ڏس جبو پٽيوالو، پاڻ پڙهيل ئي ناهي زال ماسترياڻي اٿس.“

”ان جو ته قصو ئي ٻيو آهي.“ پٽس چيو، ”اڙي، اهڙين چمڪ چلين جي ڳالهه ئي نه ڪر. توکي چاچي مولويءَ جي پوٽي ٿو پرڻايان. نيڪ نمازڻ.“

”نه ابا، مونکي ملياڻي نه کپي.“ هن گهڻو ئي احتجاج ڪيو. پر پٽس نه مڙيو. نيٺ کيس ملياڻي پرڻايائون.

هڪ سال تائين ته هن پاڻ به ملياڻيءَ جو پورو منهن مهانڊو نه ڏٺو. سڄو ڏينهن گهر جو ڪم ڪار ڪندي وتندي هئي. پر هر وقت وڏو رئو ويڙهي سيڙهي گهمندي هئي. رات جو وري اڌ رات تائين نمازن ۽ نفلن جي حوالي هوندي هئي. اونده ۾ اچي سمهندي هئي. ننڍاڪي اونده ۾ انڌن وارين هٿوراڙين ۾ پلا منهن مهانڊي جي کهڙي ٿي خبر پئي. اسر جو اونده ۾ اٿندي هئي. اونده ۾ ئي وهنجي وار سڪائيندي هئي ۽ پوءِ ساڳيو رئو ويڙهي تهجد ۽ فجر جي نمازن ۾ مصروف ٿي ويندي هئي. مائي هئي ڏاڍي نيڪ سلڇڻي. زندگيءَ جا ٽيهه سال هن سان گذاريائين. کيس پنج ٻار ڄڻي ڏنائين. ٽي پٽ ٻه ڌيئر. ٿوري ڪمائي کي به سنڀالي خرچ ڪيائين. پينرن جون شاديون ٿي ويون پائر به ڏنڌن ڪمائڻ وارا ٿي ويا. حيثيت ۽ پئسي ۾ درويش کان سگهارا هئا. هن کي پنهنجو مٽ شاني نه سمجهندا هئا. وقت گذرڻ سان ايترا ته رڪا ٿي ويا جو پيءُ ماءُ جي مرڻ تي به مهمانن جيان آيا. ۽ ختم درود بعد هليا ويا. وڏي ڀاءُ جو ڪو احسان ياد نه رهين. رهندو حساب ڪتاب ڪري پيءُ جي دوڪان ۽ گهر جو حصو به گهريائون. چئن چڱن ۾ فيصلو ٿيو. گهر ۽ دوڪان وڪرو ڪري حصا پتي ڪيائون. درويش کي ايترو حصو مليو جو هن ٻن ڪمرن وارو ننڍو گهر مس ورتو.

پائرن جي اهڙي ورتاءُ سبب درويش ڏاڍو دلگير ٿي پيو. پر مائي ملياڻي هن کي گهڻو سهارو ڏنو. جنهن ڪري ڏک سهوڻي پنهنجو گهرٻار سنڀالڻ لڳو. زمانو بدلجڻ لڳو. مهانگائي چوٽ چڙهندي وئي. درويش جي آمدنيءَ مان مشڪل گذارو ٿيڻ لڳو. جنهن ڪري هن کي رات ڏينهن محنت ڪرڻي ٿي پئي. ڌيئرن کي پوري ساري تعليم ڏياري شاديون ڪرائي ڇڏيائين. پٽ به پلجي جوان ٿي پيا. پئسي جي اڻهوند ڪري انهن کي گهڻو پڙهائي نه سگهيو. وڏو پٽ بشير پوليس ۾ ڪانسٽيبل ٿي ويو. وچين پٽ مئٽرڪ کان اڳتي پڙهڻ کان جواب ڏنس ته ان کي پي سو او کولي ڏنائين. ننڍي پٽ نصير کي رلي پني ڪوٽار جي نوڪري وٺي ڏنائين. غريب غريبون مائٽياڻيون وٺي پٽن کي پرڻايائين ته جيئن پٽن کي جدا نه ڪري وجن. پر انهن غريبڙين چڱا گڻ ڪڍيا. بهانا ڪري ڪري جهيڙا ڪيائون. ۽ پنهنجا پنهنجا مڙس ۽ ٻار وٺي ڌار ٿي وڃي ويٺيون.

ان ننڍڙي گهر ۾ درويش ۽ ملياڻي اڪيلا رهجي ويا. جيستائين ملياڻي حيات هئي. درويش اڪيلائي نه ڏٺي. پر هن ويچاريءَ کي ڪارو ڪامڻ ٿيو. درويش گهڻو ئي علاج ڪرايس پر مائي نه بچي. وڃي رب کي پيڙي ٿي. ملياڻيءَ جي مرڻ ڪانپوءِ درويش کي ماءُ جي ڳالهه دل سان لڳي. هوءَ چوندي هئي، ”نندپڻ ۾ ماءُ نه مري. پڇاڙيءَ ۾ زال نه مري. نندپڻ ۾ ماءُ مُئي ته ٻار اڌ چورو. پڇاڙيءَ ۾ زال مُئي ته مڙس سَڄو چورو.“

هو به سڄو چورو ٿي پيو هو. نه ڪو ڪيس ماني پچائي ڏيڻ وارو هو. نه سندس لٽو ڪپڙو سنڀالي رکڻ ڌوئڻ وارو. ماڻهن پٽن تي ’ٿو ٿو‘ ڪئي ته وڏو بشير کيس پنهنجي گهر وٺي ويو. عيد تي ٽيئي گڏ ٿيا ته ٽنهي کيس گڏجي چيو، ”بابا، هاڻي تون اڪيلو رهي نه ٿو سگهين. گهر ڪپايون ٿا. اسان ٽيئي تنهنجي اولاد آهيون. جڏهن مرضي پوئي جنهن وٽ رهين ٽيئي گهر حاضر اٿئي.“

پٽن جي ڳالهه ٻڌي درويش جي دل وڏي ٿي وئي. پوءِ پٽن ڪانئس صحيحون وٺي سندس گهر ڪپائي ڇڏيو ۽ ٽي حصا ڪري پئسا ورهائي ڪنيائون. ڪجهه ڏينهن گذريا ته وڏي جي زال ڪٽ پٽ شروع ڪئي. روز مڙس سان جهيڙو. چئي، ”گهر سوڙهو آ. ٻار تنگ ٿا ٿين. پٽهين کي ڪنگهه آ. سڄي رات ٿو ڪنگهي. ٻارن جي ننڊ ٿي ڦٽي.“

درويش روز ساڳيو جهيڙو ٻڌندو هو. سمجهيائين ته اها مائي کيس رهڻ ڪونه ڏيندي. ان ڪري هڪ ڏينهن ٽيلهو تيار ڪري پٽ کان موڪلائي وچين پٽ ڏانهن رهڻ هليو ويو. پر اتي مهينو به نه رهي سگهيو. ساڳيا مسئلا ساڳي ڪِر ڪِر. هڪ ڏينهن ننهن ڪلم ڪلا چيس، ”چاچا، منهنجي ماءُ ٿي اچي اڪين جي آپريشن ڪرائڻ. ڏسين پاڻ ٿو گهر ننڍو آهي. ٻه ٽي ڏينهن ادي نصير وارن وٽ گهمي اچ. جيستائين امڙ هتي آهي.“

ٻي ڏينهن هو ٽيلهي سوڌو ننڍي پٽ وٽ پهتو. پر ان جي زال ته ٻين وانگر لحاظ ئي نه ڪيو. اٿندي چيائين، ”چو ماما، ادي وارن کي سوڙهه ٿي ڇا جو چار ڏينهن به نه رهائيون؟“

هو هڪ سال تائين ٽنهي پٽن جي وچ ۾ متاستا ٿيندو رهيو. پوءِ هن کي احساس ٿيو ته هن جو ڪو گهر

ئي ڪونهي.

جڻ تہ هو ڪو انسان نہ پر ڪاٺا ٽيل لغڙ هو جنهن پاڻ کي هوا ۾ ڇڏي ڏنو. هن جي کيسي ۾ چار سو سٺ روپيا هئا ۽ ٽن ٽي هڪ وڳو. بس هو ائين ئي بس ۾ چڙهي پيو. هڪ بس مان لهي ٻيءَ ۾ ٽي چڙهيو. ائين ئي بنا رستي ۽ منزل جي پڇا جي بس هلندو رهيو. جيستائين اهي چار سو سٺ روپيا ختم ٿيا. ۽ پوءِ اهو ڪاٺا ٽيل لغڙ هڪ درگاهہ جي صحن ۾ اچي ڪريو.

✻

ان وقت نہ هن کي کيسي ۾ پئسا هئا نہ ئي ڪو سامان ساڻ هو. بک بيحال ڪيو هيس. درگاهہ ۾ لنگر پئي ورهايائون. هو بہ درگاهہ جي پڪي فرش تي ويهي رهيو. لنگر وٺي پيٽ جي بک اجهايائين. ۽ پوءِ ٻانهن سيراندي رکي اتي ئي سمهي پيو.

بس ان ڪانپوءِ اها درگاهہ هن جي پناهگاهہ بنجي وئي. ان مهربان درگاهہ هن کي رهڻ جو ٺڪاڻو بہ ڏنو ۽ پيٽ پرڻ جو آسرو بہ. هو سڄو ڏينهن خاموش درگاهہ جي دروازي واري ٿلهي تي ويٺو اتان جا نظارا ڏسندو هو. لنگر وٺي کائيندو هو ۽ رات جو ٿڌي فرش تي ٻانهن سيراندي رکي سمهي پوندو هو. اتي نہ ڪو ڪانئس ڪک ٿيندو هو نہ ڪيس طعنو تنڪو ڏيندو هو. جاءِ بہ سوڙهي نہ هئي. وڏي درگاهہ وڏا ميدان هئا.

هڪ ڏينهن درگاهہ جي ٻاهرين دوڪان واري ڪانئس پڇيو، ”چاچا، سڄو ڏينهن نڪمٽو ويٺو آهين. لائي نقل ڏيانءِ ڪپائي ڏي مزدوري ڏيندو مانءِ.“

بس ان ڏينهن کان مزدوريءَ جو بندوبست بہ ٿي ويو. هن کي پئسي جا ڪا خاص ضرورت تہ ڪونہ هئي. ٺڪاڻو بہ هو رزق بہ پيو ملندو هو. پر ويٺي ويٺي بنا ڪنهن گهٽي محنت جي بہ ٽي ڏوڪڙ مليا ٿي تہ غنيت هئا.

هو نہ ڪنهن سان ڳالهائيندو هو نہ ئي هوڪا ڏئي گراهڪن کي سڏ ڪندو هو. بس لائي ۽ ريوڙين جو ٿالهہ پرسان رکيون ويٺو ماڻهن کي ڏسندو رهندو هو. جيڪي اتي ايندا ويندا هئا. اتي ڪيس طرحين طرحين چهرا نظر ايندا هئا. خوشيءَ کان مرڪندڙ چهرا، فڪر ۾ دونهاٽيل چهرا. هر طرح جا ماڻهو ايندا هئا. اهي بہ جيڪي حالات، قسمت ۽ دنيا وارن سان پڄي نہ سگهندا هئا ۽ پنهنجي ان ڪمتريءَ لاءِ درگاهہ تي مدد گهرڻ ايندا هئا ۽ ٻيا اهي جيڪي حالات، قسمت ۽ دنيا وارن کان ڪٽي تہ پاڻ ويندا هئا پر احسان درگاهہ واري جو مڃڻ لاءِ اتي ايندا هئا.

هو انهن سڀني کان الڳ هو. هو ڪڏهين بہ درگاهہ ۾ اند نہ ويندو هو. نہ مدد گهرن لاءِ نہ ئي ٿورو مڃڻ لاءِ. بس ٿلهي تي ويٺو هوندو هو. ڏاڙهي وڌي ٿي وئي هيس. سڀ ڪو درگاهہ وارو چاچو درويش سڏيندو هيس. ڪهل ڪري چانهہ پاٽي وغيره بہ ڏيندا هيس. هڪ ڏينهن دوڪان واري هڪ ڪِستو ڪٽي اچي ٿالهہ جي پرسان رکيس جنهن ۾ ڪجهہ ڪارا سڳا ۽ مٽيا موتي پيا هئا. چيائين، ”چاچا درويش، هڪ مستانو ملنگ گهٽا ڏينهن ٿيا هي ڪِستو منهنجي دوڪان تي وساري ويو هو. مان سانديِ سانديِ ٿڪجي پيو آهيان. هتي تنهنجي پرسان رکان ٿو. متان موٽي اچي. هتي نظر ايندس تہ پاڻهي ڪٽي ويندو.“

اهو ڪِستو شايد هن جي زندگيءَ جو ورق اٿلائي

هن کي نئين سجاڳپ ڏيڻ آيو هو. منجهند جو وقت هو. هو ويٺي ويٺي ننڊ جي سوپي ۾ هليو ويو هو تہ هڪ مائي سڏ ڪيس، ”درويش سائين. منهنجو هڪ مسئلو آهي.“

هن اڌ ڪليل ننڊ اکين سان ڏٺو. هڪ عورت لٽي ڪپڙي موچاري سندس اڳيان گوڏا کوڙيون ويٺي چئي رهي هئي، ”درويش سائين، منهنجو مڙس ڪري پيو آهي. منهنجي مٿان پهاڄ آٽڻ جو پهہ ڪيو اٿائين. منهنجا ڪا واهر ڪر.“

”درويش اڃا ننڊ جي ڪيپن ۾ هو. سمجهہ ۾ نہ آيس تہ ڇا ڪري. بس پرسان پيل ڪِستي مان هڪڙو سڳو ڪٽي هن ڏانهن وڌايائين. مائي سڳو وٺي اکين تي رکيو ۽ سؤ روپئي جو نوٽ ڪِستي ۾ رکي احسانمند نظرن سان ڪيس ڏسندي هلي وئي.

ٻي ڏينهن تي هڪ ڳوٺاٽي مائي درگاهہ اندران نڪري ڏانهس آئي. هن کي هنج ۾ هڪ ننڍو ٻار هو جيڪو بيمار هو. مائي ٻار ڪٽي هن جي اڳيان اچي ويٺي ۽ چيائين، ”درويش سائين، هن کي دعا ڪر تہ چاق ناهي.“

درويش ٻار جي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ بہ ٽي ريوڙيون ڪٽي ٻار کي ڏنيون. مائي ڪستي ڏانهن اشارو ڪندي چيس، ”درويش سائين، دعا جو سڳڙو بہ تہ ڏي نہ؟“

درويش ڪستي مان سڳو ڪٽي مائيءَ کي ڏنو. مائي ويهہ روپيا نذرانو ڪدي سندس ڪستي ۾ رکيو. ۽ ٻاهر هلي وئي. پر ڪجهہ دير ڪانپوءِ موٽي آئي. ساڻس چار مايون ٻيون بہ هيون. جيڪي پنهنجي مراد گهرڻ آيون هيون. ۽ هن کان سڳا ۽ ريوڙيون وٺي ڪيس نذرانو ڏئي ويون. ۽ پوءِ شام تائين هن جي ڪِستي ۾ چڱا پئسا گڏ ٿي ويا. شام جو دوڪان واري جو ڇوڪرو هن لاءِ چانهہ ڪٽي آيو تہ ڪستي ۾ گڏ ٿيل پئسا ڏسي معنيٰ خيز لهجي ۾ چيائين، ”چاچا درويش، تنهنجي درويشي تہ هلي پئي.“

✻

اها هن جي نئين سجاڳپ هئي. جنهن سان هن جي زندگي ۽ حيثيت ئي بدلجي وئي. هو نہ رڳو درگاهہ وارو درويش مشهور ٿي ويو. پر ان سان گڏ هن جي آسپاس وارن ماڻهن جي بہ ترقي ٿي وئي. دوڪان واري جو ريوڙين ۽ نقلن جو وڪرو اوج تي پهچي ويو. آسپاس وارين ريڙهين ۽ گاڏن جي ڪمائي بہ وڌي وئي. درگاهہ واري خليفي اهر واهہ وهندي ڏٺو تہ پاڻ بہ ان ۾ ٽپين هٽڻ جو ڪم شروع ڪيو. هن درويش کي درگاهہ اندر ڪوٺي ڏئي اڌ ڀائيواري ڪئي. ماڻهن جي انڌي اعتقاد کي دوڪان واري ۽ خليفي گهٽي هٽي ڏني. ايندي ويندي کي هن جي ڪرامت جا ڪوڙا قصا ٻڌائي مشهور ڪري ڇڏيو تہ درويش جي سڳي ۾ ڪرامت ۽ ريوڙين ۾ شفا آهي.

هو جيڪو عام رولو انسان جي حيثيت ۾ اتي آيو هو. هاڻي خاص ٿي هڪ درويش جي حيثيت ۾ مشهور ٿي ويو هو. پئسن جو واهہ وهي نڪتو هو. هن کي عام مان خاص ٿي وڃڻ سٺو لڳندو هو. پر ڪڏهين ڪڏهين هو ان رش ۽ هلچل کان بيزار بہ ٿي ويندو هو. جڏهين هن جي بيزاري وڌي ويندي هئي تہ هو اتان پڄي اچي پٿرن جي ان ڍير تي ويهندو هو. ۽ سڪون محسوس ڪندو هو.

اڄ بہ هو اتي ويٺو آسمان تي اڏامندڙ ابابيلن کي ڏسي رهيو هو تہ سندس نظر وڃي سامهون ايندڙ ماڻهوءَ تي پئي جيڪو هن ڏانهن ٿي آيو. هلندي هلندي جڏهين هو سامهون آيو تہ درويش هن کي ڏسي حيران ٿي ويو. اهو سندس پٽ نصير هو.

”بابا، مان آهيان نصير.“ سندس پٽ ڪيس حيران ڏسي چيو. اوچتو پنهنجي پٽ کي نظرن جي سامهون ڏسي هن کان گذريل وقت جي ڪڙاڻ وسري وئي. هو هڪدم اٿيو ۽ پٽ کي ڀَڪَ وڌائين. پوءِ ٻئي ڄڻا اتي ئي پٿرن جي ڍير تي ويهي حال احوال اورڻ لڳا.

”بابا، اهو ڪهڙو ڪم ڪيئہ بنا ٻڌائڻ جي هليو وئين؟“ نصير ڪيس ڏوراپو ڏيندي چيو، ”اسان کان ڪا ڪسي پڪي ٿي تہ اسان کي ٻڌائين تہ ها. دنيا وارا اسان کي ٺُڪون هڻندا تہ ٽن پٽن جي هوندي پيءُ اڪيلو پيو ٿاٻا کائي.“

”...“

”توکي خبر ناهي اسان توکي ڪيترو ڳولهيو. ڪو ائين بہ ڪندو آهي ڇا اولاد سان؟“

درويش هڪ ڏکو ساهہ کنيو ۽ چيائين، ”بس پٽ، ملياٽيءَ وئي ڪانپوءِ ڇيتو ئي جاءِ نہ رهيو. توهان کي بہ ڪيترو بليخم ڪيان ان ڪري بس سيلاني ٿي ويس.“

”ها، پر گهٽ ۾ گهٽ ٻڌائين ها تہ ڪٿي ماڳ ڪيو اٿئي. هي تہ مون واري سس پاڙيواريءَ جي سڪ سان هٿ درگاهہ تي آئي هئي تہ توکي سڃاتائين ۽ اچي مون سان ڳالهہ ڪيائين. نہ تہ اسان کي تہ تنهنجي خبرچار ئي نہ پوي ها؟“

ان ڪانپوءِ بہ ئي ڄڻا ڪجهہ وقت خاموش ويٺا پٿرن ڏانهن ڏسندا رهيا. پوءِ نصير پڇيو، ”پوءِ ڀلا هاڻي ڪهڙا ارادا اٿئي؟“

”جيئن تون چئين.“ درويش ڪيس چيو، ”مان پاڻ هاڻي دلگير ٿي پيو آهيان. پنهنجن ٻچن سان گڏ رهڻ ٿو چاهيان. تون وٺڻ آيو آهين تہ توسان موٽڻ لاءِ تيار آهيان.“

پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي درگاهہ تي آيا. سج لهي چڪو هو. درگاهہ خالي ٿي چڪي هئي. نصير خليفي طرفان مليل ڪوٺيءَ ۾ درويش سان گڏ ترسيو. ڪجهہ پيءُ جي زبان مان ڪجهہ آسپاس جي ماحول مان سمورو حال احوال معلوم ڪيو. رات جو خليفو آيو تہ درويش خوش ٿي ڪيس پٽ سان ملايو. چيائين، ”خليفا سائين، منهنجو پٽ مونکي وٺڻ آيو آهي. هاڻي مان بہ توهان کي الله توهار ڪري وڃي پنهنجن ٻچن سان رهندس.“

اهو ٻڌي خليفي جو منهن ئي لهي ويو. پر ڪچيائين ڪجهہ بہ نہ. درويش ڪوٺيءَ جي پيٽ ۾ لڳل ڪاٺ واري دري کولي ان مان ننڍي پيٽي ڪڍي خليفي جي اڳيان رکي چيائين، ”خليفا سائين، اٺن ڏينهن جو نذرانو گڏ ٿيو آهي. اوهان پنهنجو اڌ ڪٽي وڃو.“

ائين چئي کوليائين جيڪا ننڍن نوٽن ۽ سڪن سان ڀريل هئي. نصير يڪ ٽڪ پئسن سان ڀريل پيٽيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو. خليفي نوٽ ۽ سڪا ڳڻي اڌواڌ ڪيا. پنهنجو حصو ڳوٿريءَ ۾ وجهي باقي پيٽيءَ ۾ واجهي ڪيس واپس ڪيائين. پوءِ موڪلائي اٿيو. ۽ سندس پٽ نصير کي چيائين، ”ميان نصير، تون قسمت سان مهمان ٿي آيو آهين. اڄ تہ ٻاهر هوٽل تي هلون. اڄ منهنجي مهماني

ڪاءُ. درويش ڪي ڇڏ تہ آرام ڪري.“

پوءِ هو نصير ڪي وٺي ٻاهر نڪري ويو. درويش ڇڱي دير تائين پٽ جو انتظار ڪندو رهيو. پوءِ لنگر ڪائي سمهي پيو.

*

صبح جو درويش جي اک ڪلي تہ ڏٺائين تہ نصير اڳ ۾ ئي تيار ويٺو هو. درويش هڪدم اٿي ويهي رهيو. پڇيائين، ”هلون؟“

نصير ڪن پل ماٺ رهيو. پوءِ چيائين، ”بابا، هاڻي مان وڃان ٿو. پاڻ ڪي بہ تنهنجو حوال ڪيان. ٻن ٽن ڏينهن ۾ اسان ٺئي گڏجي ايندا سون. ۽ توکي پاڻ سان وٺي ويندا سين.“

پوءِ هو ڪانئس موڪلائي اٿيو. درويش اٿي دريءَ مان پيٽي ڪڍي ۽ ان مان وڏا وڏا نوٽ ڪڍي ڪيس ڏيندي چيو، ”اڇي هي پئسا ڪٽي وڃ. ڪم ايندئي. مونکي تہ انهن جي ڪا ضرورت ڪونهي.“

نصير بنا ڪنهن اعتراض جي پئسا وٺي ڪيسي ۾ وڌا ۽ کيس خدا حافظ چئي روانو ٿي ويو.

*

نصير کي وئي هفتو گذري ويو. درويش جون اکيون دروازي ڏانهن هونديون هيون تہ ڪڏهين هن جا پٽ ايندا ۽ هن کي وٺي ويندا. جڏهن آسرو نہ هيس تہ وقت ڇڳو گذري ويندو هيس. پر جڏهن ڪان گهر وڃڻ جو آسرو مليو هيس. هڪ هڪ گهڙي ڏکي ۽ ڏکي ٿي لڳس. هفتي ڪانپوءِ نيٺ هن جو انتظار ختم ٿيو. هن جا ٽيئي پٽ گڏجي هن سان ملڻ آيا. هن سان ڏاڍي محبت سان مليا ڏک ڏوراپا ڏنائون. هن ٻاهرين ٻاڪڙي هوٽل تان ماني گهرائي پٽن کي ڪارائي. ڪچهري ڪندي شام ٿي وئي. هن پٽن کي چيو،

”رات ٿيڻ واري آهي. سفر بہ وڏو آهي. اڄ هتي ٽڪي پئو. صبح سان هلنداسين.“

هنن ٽنهي هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. پوءِ وڏي پٽ چيو، ”نہ ابا، هتي تڏن تي سمهي ڪونہ سگهنداسون. هڏا سور ڪندا. اسين شهر وڃي ڪنهن هوٽل تي ٽا ٽڪون. صبح جو سوير نڪري ويندا سون.“

هو هڪ هڪ جو منهن ڏسڻ لڳو پوءِ پڇيائين، ”منهنجي لاءِ ڪهڙي صلاح اٿوَ؟“

وڏي پٽ سندس سوال نظرانداز ڪندي چوڏاري ڏٺو. پوءِ پڇيائين، ”پئسا ڏوڪڙ ڪٿي رکندو آهين. جيڪي نذرانو ملندا اٿئي؟“

درويش وائڙو ٿي ڪيس ڏسڻ لڳو.

وچين پٽ پڇيس، ”ابا، تون پوڙهو ماڻهو آهين. ڪو شاهينگ ٿڦ هٽي ڏوڪڙ ڪسي نہ وڃنئي. هٿيڪا رکندو آهين نہ؟“

”ها سڀ هن دريءَ ۾ رکيا آهن.“ هن مئل آواز ۾ دريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”سڄو حساب ڪتاب خليفو رکندو آهي.“

”ها اهو لقاءَ تہ مان پوئين پيري ڏسي ويو هيس.“ نصير چيو، ”پوءِ پاڻ کي ٻڌائيندي چيائين، ”اهو خليفو ڏاڍو چالاڪ ماڻهو آهي. ابو آسادو ماڻهو. سڄي محنت ابي جي آ پر سڄو سارو اڌ خليفو ڪنيو ٿو وڃي.“

ننڍي پٽ ڏاڍر ڪندي چيو، ”خليفي بابي کي نڌڻڪو سمجهيو آهي ڇا جو پٽن جي هوندي اهو وارث ٿي ويٺو اٿس. پيءُ جي ڪٽي جا مالڪ تہ اسان پٽ آهيون نہ؟“

”خليفو منهنجو ڏاڍو خيال رکندو آهي.“ درويش ڍيل آواز ۾ چيو، ”هي ڪوٺي بہ ان ڏني آهي رهڻ لاءِ.“

”ها تہ ڪوٺي ڏئي ڪهڙو احسان ڪيو اٿئين. تنهنجي ڪٽي ڪمائي جا هزارين روپيا بہ تہ ڪنيون ٿو وڃي.“ ننڍي پٽ خليفي تي ڇوهہ ڇنڊيندي چيو.

وڏي پٽ سندس ڪلهي تي هٿ رکندي کيس هدايت ڪندي چيو، ”ابا، تون آهين درويش ماڻهو. سموري ڪمائي ڪٽي ٿو خليفي جي اڳيان رکين. سياڻو ٿيءُ. ڪجهہ حصو پتي ڪڍي ڏيندو ڪر. باقي شيٽ ڪندو ڪر.“

پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيائين، ”چڱو هاڻي چاٻي ڏي تہ پئسا ڪڍي ڪٽي وڃون تہ ڪو شاهينگ ڪڍي نہ وڃي؟“

درويش کيسي مان چاٻي ڪڍي کين ڏني. هنن دريءَ مان ميڙي سيڙي سڀ پئسا ڪڍيا. ڳٽيا ۽ پوءِ ورهائي ڪنيا.

اٿندي چيائون، ”ابا، سياڻو ٿجانءِ. پئسا ڏوڪڙ سنڀالي رکجانءِ. ٻي پيري لوهہ واري الماڙي وٺي ايندا سين جنهن ۾ ٿجوڙي لڳل هوندي آهي. اڳتي ان ۾ پئسا رکجانءِ. ڪنهن جي بہ وڪڙ ۾ نہ اچجانءِ. تنهنجي ڪمائي تي اسان اولاد جو حق آهي نہ ڪي انهن پراون جو.“

پوءِ وڏي پٽ سندس پٺي ٺپيندي چيو، ”ابا، هيٺو نہ ٿجانءِ. تون نڌڻڪو ناهين. توکي ٽي جوان پٽ آهن. مجال آ ڪنهن جي جو توسان دولاب ڪن. اسان پاڻهي پيا تنهنجي مالڪي ڪنداسون. پيا چڪر لڳائيندا سون.“

پوءِ هو ٽيئي ڪانئس موڪلائي اٿيا ۽ واپسيءَ لاءِ وانا ٿي ويا.

*

درويش ان رات جاڳندو رهيو. ڇاڪاڻ تہ ننڊ هن کان رسي وئي هئي. هڪ دفعو وري هن کي اهو احساس ٿيو هو تہ هو اهڙو ڪاٽا ٿيل لغڙ آهي. جيڪو جنهن ماڳ تان ڪاٽا ٿيندو آهي. اوڏانهن وري موٽي نہ سگهندو آهي. اڌ رات تائين جاڳڻ بعد هو اٿيو. پنهنجو مختصر سامان ٿيلهي ۾ وڌو. بچيل سچيل پئسا ميڙي ڪنيا ۽ صبح جو انتظار ڪرڻ لڳو. جيئن ئي پنيراڪي جي روشني ظاهر ٿي هو چپ چاپ درگاهہ مان نڪري پنهنجي اڻ ڄاتل سفر تي روانو ٿي ويو.

درگاهہ جي اڱڻ ۾ ڪريل اهو ڪاٽا ٿيل لغڙ ڪوسي هوا جي جهوٽي سان ٻيهر اڏاميو ۽ اڻ ڄاتل منزل ڏانهن روانو ٿيو ويو. ■

## سالگره مبارڪ

سوجهرو ساٿين ۽ سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ علمي ادبي سرگرمين ۾ مصروف ساٿين، **حميد ڀٽو، حسن منصور، اقبال هاليپوٽو، عبدالغفار تبسم، صنم نجيب، گلشن لغاري، رئوف نظاماڻي، زيب نظاماڻي، گل حسن ڪلمتي، علي بابا، بيدل مسرور، نصير مرزا** ۽ جولاءِ ۾ جنم وٺندڙ سمورن پڙهندڙن کي جنم جون ڏينهن جون واڌايون.

(ادارو)

# غزل

## ساحر راهو

تنهنجي ماٿي جي جهومر نہ ٻڄي سگهيس
دل تہ چاهيو گهڻو، پر نہ ٻڄي سگهيس
بوند وانگي ڪريس پياسي صحرا مٿان
موج تنهنجي سمندر نہ ٻڄي سگهيس
آءُ ويران ڪنبر جو چارو هُيس
شهر تنهنجي جي بازر نہ ٻڄي سگهيس
پيار تنهنجي جو مڱتو رهيس سانوري
تاج پائي تونگر نہ ٻڄي سگهيس
گهينگهرن جان وڳس آءٌ پڳ پڳ مگر
مست ڪنهن پل قلندر نہ ٻڄي سگهيس
عشق مون ۾ ٻريو ٿي اُماڙيءَ جيان
ٻاق اوڳاڇي ڪافر نہ ٻڄي سگهيس
پاڻ هاري ٻٽيس آءٌ ساحر غلام
توکي جيتي سڪندر نہ ٻڄي سگهيس
مون رڳن کي تنبورو ٻڻايو مگر
تنهنجي توجہ جو محور نہ ٻڄي سگهيس

*

چيلهہ تنهنجيءَ سان ڳسڻ جي پئي ڪئي
ريس مون گهاگهر هُجڻ جي پئي ڪئي
تون پرڻ وئينءَ پئي ريت جان
پير مون تنهنجا چُمڻ جي پئي ڪئي
آفتن جي دور ۾ محبوب مون
بوند مان گوهر ٿيڻ جي پئي ڪئي
ننڊ جو ورتاءُ سوتن وانگيان
خواب مون تنهنجا ڏسڻ جي پئي ڪئي
رات مون لڳين اُگهاڙي ننڊ ۾
ريت تان ڪوشش ترڻ جي پئي ڪئي
تو ڪيو ٿي پرت ۽ مون چيچ ۾
سانوري سُئيءَ جان چُڀڻ جي پئي ڪئي
بارها لوڙهي وئي ٿي لهر مون
گهر ڪناري تي اڏڻ جي پئي ڪئي
درد جي برسات ساحر رات ڀر
خشڪ نيڻن مان وسڻ جي پئي ڪئي.

***

## قاسم دائود عباسي

پرين جي پور ۾ آهيون،
سدائين سور ۾ آهيون
نٿا ڪجهہ عشق ۾ سوچون،
نفي يا مور ۾ آهيون،
نگاهن وار دل تي ڪيو،
وڏي ناسور ۾ آهيون،
رڳو تنهنجي نہ اکڙين ۾،
گهٽن جي گهور ۾ آهيون،
نہ سک جي ڪا گهڙي گهاري،
سدا عاشور ۾ آهيون،
ڪندا سڀ رشڪ قسمت تي،
نگاهن نور ۾ آهيون،
وڏي ڇو ديس ۾ نفرت؟
انهيءَ ويسور ۾ آهيون. ■

# ڏپارو لاش...



محمد صديق منگيو

بادشاهه ته پاڻ خدا آهي. پر هُو ڌرتيءَ جي گولي تي، دل جهڙي ٽڪڙي جو بادشاهه هو. ”ذات به ڏاڍو، وات به ڏاڍو.“

پر ترسو، ”زبان چم جي، ڪنهن نه ڪم جي.“

هو بادشاهه هو نه پر آهي. بچي شل. پنهنجي سر پاڻ موجود آهي. گهران ڪائي، پي ’جيئي جيئي‘ جي سياسي مگرمان تي هنيوچون هٽندڙ خدا جي خلق جي عشق آڪسيجن تي، سرير ۾ ساهه جو سڳو اجان سلامت اٿس. اها ڌار ڳالهه آهي، ته سندس ڄمار جا ڪانءُ به مري ڪپي ويا آهن. ان سان فرق به ڪهڙو ٿو پوي؟ ”پرجا ڪي ڪم راجا سان ۽ راجا ڪي ڪم نڪاءُ سان.“ هونئن به، بادشاهه بادشاهه هوندو آهي. اهو سرڪاري ملازم جيان، ڪانءُ جي عمر واري سٺ سالن جي ڄمار ۾ گهر پيڙو نه ٿيندو آهي. ”ماڪي، جيتري پراڻي، اوتري ٻلي“ ان ڪري بادشاهن کان عمر جا پڇاڻا نه ٿيندا آهن. پر ڪو به پڇاڻو نه ناهي ٿيندو. هِتي به جيئري جنت ۾، ته برقعو مٿڻ ڪان پوءِ به ڏُو بهشت ۾. پُڇاڻو ئي معاف.

هو رڳو نالي جو بادشاهه نه آهي. پر نالي چڙهئي بادشاهه جو ڪتيو ڪائڻ وارو، اهڙو بادشاهه آهي، جنهن جا خيال به بادشاهي آهن. هو بادشاهه ته آهي، پر چمڙا پوش نه آهي. چمڙا پوش نه پائيندا آهن. اهي ته، پوشن جهڙن ڪارن شيشن وارين بُلٽ پروف گاڏين ۾ واءُ سواءُ لهڻ نڪرندا آهن، ته ”عوام پروف“ بڻجي ويندا آهن. ان ڪري، بادشاهه سلامت جي چمڙن سان ڪا به هڪجهڙائي نه آهي. سواءِ ان جي، ته چمڙا هوا جهڻڻ لاءِ اُپ ۾ اُڏارون پريندا آهن ۽ هو سائي ٻُوٽيءَ جي ڪير جهڙي ست مغزي اَمرت جا مٿ اوتي، عرش جي اُڏارن ۾ گهُو گهُوتو جا گيت گهُڳهلندو آهي.

بادشاهه سلامت تي ڏٽيءَ جي مِهر آهي، جو ڪيس پلوڙ گهي ڏني اٿس. تڏهن ته ڪانءُ ۽ ڇٻري ڪي شَهه ڏئي، ڳجهه جي ڄمار ۾ به سدا جوان آهي. ڇاتيءَ جي اڇي ٻَج ۽ ٻانهُن جي وارن کي صافي ڏئي، ڪياڙي، پرن ۽ مُڇن ڪي خضاب جو مَڪُ مَڪي، بادشاهي ميڪ اپ ۽ ٺاهه نُوهه سان نڪرندو آهي، ته نه رڳو سدا ملوڪ، پر سدابهار به لڳندو آهي. پوءِ راڄ ڀاڳ جا مَٺ گهُرا مخالف، ’اُٺ نه ٻُڇي، ٻوري لتون هٽي‘ وانگر اندر سڙئي ڪان پُٺڪن ۾ تبصرا پيا ڪندا آهن، ’سِڱ پَڇايو، گابو ٿيو وتي.‘ چوڻ وارا پلي پيا چون. چوڻ وارن ڪي جهل آهي ئي ڪانه. چوڻ وارا، ته اهو به چون پيا، ته ’بادشاهه سلامت، روبوٽ آهي، ريموٽ ڪنٽرول روبوٽ.‘ اُنهن جي چوڻ سان ٿي ته ڪو نه پيو؟ پنهنجو وات ٿا وڃائين. بادشاهه سلامت جي صحت تي اڳ ڪڏهن اثر پيو آهي، جو هاڻي پوندو؟ اثر پوي به ڪيئن؟ جهنگ جو بادشاهه ته ڪونهي؟ هو ته جِدي، پُشتي بادشاهن جهڙو بادشاهه آهي. راڄ ڀاڳ وارو، راڄ ڏٽي، ڪو چرٻٽ ته ڪونهي؟

هُماءُ پکي، مٿس مهربان آهي. زمان، مڪان جا ڦيرا هن اڳيان ڪچن ڪنواٽن جيان گوڏا ڪوڙي ٿا چڏين، ان ڪري ئي، ته بادشاهت جي چَئونري پيري پيري سان هن تي ئي اڇي ڊري ٿي. چوڻ وارا چون ٿا، ’هُماءُ پکي پاڻ ئي مٿس چَئونري ڊاريندو آهي.‘ ڪنهن جي ڀاڳ سان ڪهڙي ريس؟

توَڪل جي تُرهي تي، جيڪو سِير لنگهي پار پوَي. ’اگهي ته پاءُ، نه ته مٽن ڪي موٽ‘ واري ڳالهه آهي- نه ته بادشاهيءَ جا خواب اکين ۾ سانديي ٿِري پيس سُوٽ، ته گهٽا سبرايو وتن. ڀلا، هُماءُ پکيءَ ڪي سَڌڙين جي گهڻ مان هن ڪان وڏيڪ گُٽائتو، صُحابتڙو ۽ چئيدار بادشاهه ٻيو ڪهڙو ملندو؟ ’ٻائي جو ٻائو، تيوڻ جو تيوڻ.‘ وڏي سهپ وارو، عقل جو اَڪابَر. گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيو وينو آهي. مري به ڏنو اٿس، ته جي به ڏنو اٿس. خوبين جي ڪاڻ ۽ گُڻن جو گلدستو. روئي به ڄاڻي ته رُئاري به ڄاڻي. کِلي به ڄاڻي، ته کِلائي به ڄاڻي. ان ڪان به وڏي خوبي، ته کِلڻ جي موقعي تي روئڻ ۽ روئڻ جي موقعي تي کِلڻ جو هُنر ته ڪو هن ڪان سِکي. سندس گوناگون شخصيت جي اُن اُپريل گُڻ تي به راڄ جا بد خواهه ۽ مخالف اڻ وڻندڙ تبصرا ڪندا آهن. ’ڀلا، ڏک جي گهڙي ۾ ڪو معتبر مهمان ڏک ونڊڻ اچي، ته وڏا رانپاڙ ڪري، مُئي جو تڏو ته ڪو نه لڄائبو؟‘ ان موقعي تي وڏ گُردي جو مظاهرو ڪندي، ڪيس ٽوٽڪا ٻڌائي، کِلائڻ جي ڪوشش ڪيائين، ته ڪهڙو خانصاحب، ٻيگو مسخري سان کلهو هنيائين، جو ساڙ سڙيا ساڙولا ڪيس پرپٽ چرٻٽ ٿا چون. اهو به شڪر ٿيو، جو ڪيس ’گلم جو توبچي‘، ڪو نه چيائون. پروسو به ڪهڙو؟ آهن ئي هِڪڙي ٻَبُرَ جا ڊينگهر. ’نمڪ ڪائي، نمڪ دان پڇڻ وارا.‘ راڄ ڀاڳ جا دشمن.

گهٽِ، ته ميڊيائي چغل خور مخلوق به ڪانهي. فِتنو آهن، فِتنو. اجان ڪنهن جو هٿ لڳوئي ڪو نه اٿن. تڏهن ته بادشاهه سلامت جي ڇُوٽ مان غلط فائدو پيا وٺن. چيٽي پور، بي وڙا. شل نه ڪا ڳالهه هٿ اچين. ’رهڙ مان ڦٽ‘ ڪٽي بڻائيندا. ڪالهه ڪالهوڪي ڳالهه آهي، ٿر ۾ چار مور ڇا مئا؟ آسمان ڪٽي مٿي تي ڪنيائون. ڀلا، بيماري وِگهي ڪجهه مور مري به پيا، ته ڪهڙو اُپ ڏري پيو. جو بادشاهه سلامت خلاف واويلا مچي وئي؟ بادشاهي هلائڻ، ٻاراڻي راند به ته ڪانهي. مرڻ جي وارڪائي به ڪانه ٿي ملي. رعيت جا مسئلا گهٽ آهن، جو پڪين؟ پڪي آهن، هڪڙا پيا مرندا، ته ٻيا آنن مان پيا ڦُٽندا.

ڪراچيءَ ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ، گينگ وار ۽ آپگهاتي حملن ۾ ماڻهو پيا مَرن. قبائلي جهيڙن، ڌاڙن، ڦُرن ۽ حادثن ۾ روزانو ماڻهو پيا مَرن. اُهي به ته خدا جا خلقيل ٻانها آهن. بادشاهه سلامت، ته ڪنهن کي ڪو نه ٿو چوي، ’ماڻهو ماريو؟‘ بادشاهه جو ڪم آهي، بادشاهي ڪرڻ ۽ ماڻهن جو ڪم آهي، مرڻ ۽ مارڻ. اهو، ته ايامن ڪان ٿيندو پيو اچي. ڪا، نئين ڳالهه ته ڪانهي، جو ميڊيائي خلق جو دَٻو بتال ٿيو آهي؟

ٻن چئن ڏهاڙن ڪان، بادشاهه سلامت جو سُڪ ڦِٽي پيو. سُڪ ڦِٽو نه، پر ڦِٽايو ويو. سُڪ ڦِٽڻ جو ڪارڻ، رعيَت جا ڏڪ سُور نه، پر ميڊيائي ڪائنات جا اُهي ابابيل هئا، جيڪي تَحرُڪ ۾ اچي ويا هئا. اُهي، ٿر جي ڏڪار ۽ بيمارين جي خبرن ۽ فوٽيجز جون پٽريون ڪٽي، بادشاهه سلامت جي درٻاري لشڪر تي وَسائي رهيا هئا. ٿر جي وارياسين پِٽن تان اُٿندڙ، انساني درد جي دانهوڙ جا پڙاڏا، شهر شهر ۽ واهڻ واهڻ گونجڻ لڳا هئا. بادشاهي درٻار جا امير، وزير، ۽ سياسي نورتن، اڏ صديءَ ڪان آزمايل، ’مڙئي خير آ‘ جي سياسي ننڊ جي گورِي ڏئي، بادشاهه سلامت کي، سڪون جي ننڊ سُمهاريندا رهيا ۽ انتظامي عملداريءَ جا جُوتا جوڳي، مِٽون ڦوڪي، هوا ۾ مُرليون وڄائيندا رهيا.

مارئيءَ جي مارگ تي، بک ۽ بيمارين جا راڪاس، سِراٽيل ڏند ڪڍي، ڪاهي پيا هئا. ڏُڪارَ ڌاڻڻ جي مُٺ ۾ بند، فِطرت جي سونهن ديويءَ جو ساهه پئي ٻُوساٽيو. چڻ پرستان جي نازڪ، نفيس پري، ڪوهه قاف جي ڀوائتي ۽ ظالم ديو جي چنبي ۾ اچي وئي هئي. هيل ٿر تي، ڪڪرن جي ٽڏڙي پالوٽ سان، ڪو به ٽڏو چنڊ نه ناسيو هو. وارياسين پِٽن مان گاهن ۽ گلن بدران بک ۽ بيماريون ڦُٽي پيون هيون. ڇيلڙن جا ڇال ڏانوٽجي ويا هئا ۽ ڇوڙيلين ڪان ڇاڳ وسري ويا هئا. ٽاريلن جي اگڻ ڦلواڙيءَ مان رنگ، برنگي، ڪومل ڪِليون، ڪُومائجڻ لڳيون هيون. بُک ۽ بيماريءَ جون پيڻ ٻلائون، جڏهن سئو ڪان وڌيڪ گلن جهڙن ابهم ٻارڙن جا ساهه پي ويون، تڏهن بادشاهه سلامت جا ڪن ڪيٽا ٿيا. ۽ مُردن سان شرط رکي سُمهڻ واري ننڊ مان ٻانبولجي جاڳي پيو. سائي ٻوٽيءَ جا سُرور، ڪافُور ٿي ويا. هُو بادشاهيءَ جا سئو ڪم سيڙائي، اُڏام کٽوليءَ تي سوار ٿي، رعيَت جي سار سنڀال لهڻ نڪري پيو.

وارياسن علائقن مان ڪيڪڙا پرجي، ٿر جي داخلي شهر مِٺي پئي پهتا. سرڪاري اسپتال ۾، ٿِر پَٽيءَ نه پئي ماپيو. چڻ ڪنهن حرڪتي ٻار، ماڪوڙن جي ٻِرڙ ۾ پاڻي نائي ڇڏيو هو. جهوراٽن جهُريل سوين ماڻهو هئا، جي اسپتال جي اندر ۽ ٻاهر اُٻاٽڪا، اُٻاٽڪا پئي لڳا. بي ساهيون اکيون ۽ چهرن جا رنگ اُڏاٽل اُڏاٽل. ويهن بسترن جي وارڊ ۾ سئو ڪان وڌيڪ بيمار ٻارڙا هئا. هڪ هڪ بيڊ تي چار چار ٻار ۽ ڪجهه ٻارڙا وارڊ جي فرش تي سُتل هئا. ساٽا ساٽا، ٽڪل ۽ هيٽا ٻارڙا. بُک ۽ بيمارين ڪان وڌيڪ به نِڌٽڪاين جا جهوريل معصوم ٻارڙا، جن ڪان ٿهڪن جي موسيقي ۽ مُرڪڻ جون لازوال ادائون رُسي ويون هيون. سندن ڏرا ڏئي ويل اکين ۾ ڪيئي معصوم سوال هئا، جيڪي پلي اُچاريا نه وڃن. پر محسوس ڪري سگهبا آهن. وقت جي ڦٽڪار هئي. انهن معصوم سوالن ۾، جيڪا جواب جي گهرجائو چهرن تي وسڻ لاءِ، سندن اکين ۾ بي تابيءَ سان لرزي رهي هئي. مائرن جون اوجاڳيل اکيون، آسن جا ٽمڪندڙ ڏيئا بڻجي ويون هيون. نِهارن ۾ بي يقيني، چهرن تي اُداسين جي وحشت ۽ دعائن جهڙين جهولين ۾ معصوم ٻچڙا هئا. هر ماءُ جي اکين ۾ درد جو صحرا ۽ صحرا جي هر پِٽ تي اُلڪن ۽ ڪُٽڪن جا ٿُوهَر ڦُٽي پيا هئا. بُکن ۾ پاهُ ٿي ويل مائرن جي ڏُٻرن ڏيلن جي ڇاتين جي رڳن مان ٿڃ جا واهڙ سُڪي ويا هئا. ٻانهن ۾ پاتل عاج جون چوڙيون گِهر گهِليون ٿي ويون هئن. سندن خوابن جهڙين لورِين ۾، ٻچڙن جي وڏي ٿيڻ جون ٿاڪيل آسون، جهُرڻ لڳيون هيون. گذرندڙ هر لمحو، هاڻُ جا ڳچ ڳاريندو پئي وين. رکي رکي وارڊ ۾ ڪو اُبهَم ٻارڙو، نِڌٽڪاين جي لوڏ ۾، زندگي ۽ موت جي وچ ۾ لوڏا ڪائي، لوڏ ڏٽين جي منهن تي چار حرف وجهي، حياتيءَ تان هٿ کڻي ٿي ويو، ته امڙ جي ٻُسي ٿيل هنج مان، بي اختيار ڦُٽي پوَندڙ ڪڙي ڪِيهه جهڙي اوچنگار، وارڊ ۾ موجود مائرن جي هاڻُ ۾ ڪاٺ هڻي، روح جي پاتال ۾ لهي ٿي وئي ۽ پوءِ بي اختيار، ڊنل اکين ۽ اڏ ڪاڏل هينئن سان، پنهنجي ٻچڙن ڏانهن نِماڻي نِهار مان ڏنو ٿي ۽ سُڏڪي جهڙي ٿڌي آهه سان،

ڪين ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو. انهن جو ڪڇندڙ هر ساهُ، ان دعا ۾ ويڙهجي پئي نڪتو، ته ’مالڪ سائين! تون پاندُ پناهه جو ڏجانءِ‘

بادشاهه سلامت جي اچڻ جو ٻڌي، نوانوي جي چڪر ۾ قاتل ڪامورا ۽ نانيءَ اڳيان ناناٽا ساراهڻ واري سياسي مخلوق، حرڪت ۾ اچي وئي. اسپتال جو گوسڙو عملو ۽ سفارشي ڊاڪٽر، ڊِليئون نه سهي، پر ٻُلي ٻُلي ٻاڻ اچي ويا هئا. پاڻ وٽائڻ ۽ تاريخ ڳري ڪرڻ لاءِ، مُئا هٿ پئي هنيائون. فنائيل جا ڊٻا هاري، ٻُوت بنگلي جهڙي اسپتال ۾ صفائي ڪرائي وئي. بيمار ٻارڙن جا مِٽ مائٽ، اسپتال جي ورانڊن، رستن ۽ رستن جي فرش تي رليون وڇائي ويٺل هئا. اسپتال ڪان ٻاهر، بُک جا ماريل ماڻهو سرڪاري، امدادي ڪاڏي تي ڳاهٽ پئي ٿيا.

بادشاهه سلامت جي شاهي سواري اچڻ واري هئي. اسپتال ڏانهن ويندڙ روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان، وڏي انگ ۾ سرڪاري سپاهي بيٺل هئا. روڊ ڪي عام ٽريفڪ لاءِ بند ڪري، ماڻهن ڪي روڊ ڪان پنجاهه فوٽ پري بيهاريو ويو هو. روڊ ڪان پَريرو بيٺل ماڻهن جي هجوم ۾ هڪ همراهه ٻئي ڪي نُونٽ هڻي چيو،

”پايڙا، هي لاٽِريا، ڪوهَ پيا ماڻهن ڪي پري ڪن؟“

”پانجو بادشاهه پيو اچي نه، تڏهن“. همراهه ڏسڻ بنا وراڻيو.

همراهه سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجهه ساعتن ڪان پوءِ چيائين،

”پلا باڇاهه آهي، ڪِين مارڻو ڏاند، جو ڪِلو پٽائي شهر ۾ ڪاهي پيو آ؟“

بيٺلن ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو.

واريا سين پٽن تان مٺي پهچندڙ ڪيڪڙن مان ڏهاڪو ڪن ڪٽنب هيٺ لٿا. انهن ۾ مرد به هئا، ته عورتون، ٻڍڙا ۽ ٻار به هئا. جوان عورتن جي هنجن تي بيمار ٻارڙا هئا. انهن ۾ ڪاڪي نارائڻ جو ڪٽنب به هو. اُهي ٻن بيمار ٻارڙن ڪي ڪٽي پهتا هئا. سڀ ڪيڪڙي مان لهي، ڪاڪي نارائڻ جي اڳواٽيءَ ۾ اسپتال ڏانهن هلڻ لڳا. اسپتال ڪي ويجهو ٿيا ته، رستي سان سرڪاري سپاهي بيٺل هئا. انهن ڪنهن ڪي به اڳتي وڃڻ نه پئي ڏنو. روڊ جي پاسن ڪان ماڻهو مڙيو بيٺا هئا. عورتون، بيمار ٻارڙن ڪي ڪٽي روڊ جي پاسي ڪان پٽ تي پالٿي هڻي ويهي رهيون. صورتحال ڪي سمجهڻ لاءِ ڪاڪو نارائڻ اڳتي وڏي ماڻهن جي ميڙ وٽ پهتو ۽ حيران اکين سان ڏسڻ لڳو.

بادشاهه سلامت جي شاهي سواري، گاڏين جي وڏي جلوس ۾ مٺيءَ جي رستن سان گذري، سرڪاري اسپتال ڏانهن وڌي رهي هئي. احساسن ڪان خالي، غير محسوس ماڻهن جو وڏو انگ هو، جيڪو احساس جي سفر ۾ بادشاهه سلامت سان گڏ نڪري پيو هيو. اُهي سرڪاري آرام گاهه ۾، سرڪاري طعامن سان مانجهاندو ڪري، مِنرَل واٽر جون بوتلون ساڻ ڪٽي، بک ۽ اُڃ ۾ ماريلن جي بکَ ۽ اُڃ ڪي محسوس ڪرڻ ويا پئي. شاهي سواري، اسپتال ڪي ويجهو پهتي، ته سرڪاري گاڏين ۽ پوليس جي پائلٽ گاڏين جي سائرن جا تِکا آواز ٻڌي، ڪاڪو نارائڻ ڇرڪي پيو. هو حيرت مان شاهي سواريءَ جي جلوس ڏانهن ڏسڻ لڳو. سائرن جو آواز، جنهن مخصوص معنيٰ ۾ سندس ذهن ۾ ويٺل هو، ان ڪيس ڇرڪائي ڇڏيو. هن معاملي ڪي سمجهڻ ۽ پڪ ڪرڻ لاءِ پرسان بيٺل نوجوان ڪان پڇيو،

”ڪوهُ ابا، هيءُ ڪِينجو لاش نِيو پَيا وڃن؟“

نوجوان جي چپن تي زهريلي مُرڪ وکري وئي. هن ڪاڪي نارائڻ ڏانهن ڏنو ۽ ٿڌو ساهه ڪٽي وراڻيو،

”ڪاڪا، هيءُ سنڌ جي حڪمرانيءَ جو ڏَپ ڪري ويل لاشو آهي“. ■

# برف جو وٽو...



انور شيخ

گرميءَ جي مند ۾ جمعي جي ڏينهن نم جي وڻ هيٺان ڪٽ تي ويٺي ڏٽي بخش نم جو ڏندڻ پئي ڪيو. هٿ ۾ ڏندڻ جهلي زال ڪي چيائين،

”امان ڪي بابا اوڻٽيهه سَوَن ۾ ورتو هيو ۽ پوءِ بابا ڪي هڪ مان ڇائس ۽ ٿي ڊيئر ٿيس. وڏي ڏيءَ ڪي ٽَڪن تي ڏئي جاءِ نهرايائين، ٻي به ٽَڪن تي ڏني سين جنهن مان منهنجي شاديءَ جو ڏاج ڏيوڻ ۽ سڄو ڪاڄ ٿيو ۽ باقي هڪ سا تنهنجي عيوضي ۾ وئي. پوءِ پلا اهو سڀ ڪرڻ ۾ بابا ڪو گهٽ ٿيو هو ڇا؟“

ڏٽي بخش ڳالهه پوري ڪري زال ڏي تڪيو جيڪا ٻي ڪٽ تي ويٺي پاڻ ڪي وِڃڻو هڻي رهي هئي.

”نه ڪو ان ۾ گهٽتائي ڇاجي؟ ڪو پلا پنهنجا ننگ، نياڻيون مفت ۾ ڏيندو ڇا؟“

ڏٽي بخش جي زال زليخان نڪ ڪي موڙو ڏيندي چيو. ڏٽي بخش نم جي ڏندڻ جا به ٽي گهڪا سڄي ۽ ڪٻي واڇن ۾ هڻندي وري چيو،

”ڳالهه ٻڌ تو وارا پُٽَ مونکان اٿئي زور. انهن جون شاديون ڪرائي پنهنجي ڳچيءَ ۾ گنگڻ ڪونه وجهندم. نه ڪمائن نه ڪرتن، گهر ايندا رڳو ماني ڪائڻ ۽ خرچيون وٺڻ، ڪتا ڪنهن جاءِ جا.“

ڏٽي بخش ڪاوڙ ۾ ڪَوُڙي ٿُڪ پَٽَ تي پيرن وٽ ڦٽي ڪئي.

”سئو دفعا چيو اٿمانءِ ته اهي ڳالهيون نه ڪندو ڪر. ساڳيون ڳالهيون ورجائڻ مان ملندو ڇا ٿي. پاڻ ڪي جڏهن آين سَمَڪ ۽ گهر گهاٽ جو سوچيائون ته پاڻ ئي پنهنجو ڀلو ڪندا. تون اهي ڳالهيون سوچي پاڻ ڪي ۽ مون ڪي هلاڪ ڇو ڪندو آن؟“

زليخان وِڃڻو تيز هڻندي ڪاوڙ مان چيو.

”ڦاپل ڪَي ڏيندو مانءِ ٽَڪن تي، مزوري ڪڏهن آهي ڪڏهن ڪونهي. هاڻي عضون ۾ به اهو دم ناهي رهيو. ڪم ڪندي سران گهٽ سينو وڏيڪ ٿو ڪڙڪي. شابس آهي مستري منظور ڪي جو مڙئي ساڻ ڪنيون ٿو وتي. پلا پنهنجو به ڪو پڇاڙيءَ جو ڀلو ڪرڻو آهي يا نه؟ تو واري پُٽَن جو ته ڪو آسرو ئي ڪونهي ته پيريءَ ۾ ڪو گرنهه ڪارائيندا.“

ڏٽي بخش ڳالهه پوري ڪري وات پٽي سامهون واري ڏندن ۾ ڏندڻ ڏيڻ لڳو. زليخان وِڃڻو هڻڻ بند ڪري مڙس ڪي چيو،

”هن گهر ۾ منهنجي ڪڏهن هلي آهي، جو هاڻي هلندي؟ ڪندين ته اهو جيڪو تون چاهيندي. جهڙي نياڻي منهنجي آهي تهڙي تنهنجي. بس ايترو ضرور ڪجانءِ ته جنهن گهر ۾ به ڏئين اهڙي هنڌ ڏجانءِ جتي ڪو سڪيو ٽُڪر مليس.“

ڪجهه گهڙين جي خاموشي ڪان پوءِ زليخان گوڏن تي هٿ مهٽيندي چيو،

”جڏهن ڪان هي ماريو گوڏن جو سور اچي جيءَ سان جڙيو آ ۽ صاحب جي گهر جو ڪم ڇڏيو آ تڏهن ڪان چڱو چو ڪو ڪائڻ ته ڇڏ پر ٿڌي پاڻيءَ ڪان به سڪي مئا آهيون.“

”اڳ ته صاحب جي گهران ايندو هو مفت ۾ برف جو وٽو- هاڻي ڏهين روپين جي برف وٽ ته به گلاس به پاڻيءَ جا ڪو نه ٿا نڪرن. ڪچي برف هٿن ۾ ئي ڳري ٿي وڃي ۽ تون ڏو گهيندي آهين لوٽن جا لوٽا منهنجو پيءُ پوندو پورو؟ مزوري اها ڏيڍ نه ٻه سئو! ڪائون يا پيئون؟ تو وارا ڪتا پٽ ماني به ڪائن ته ڏهه پنڌرهن روپيه به وڙهي وٺي وڃن آخر ڪهڙي پورت ڪري ڪهڙي ڪيان؟“

ڏٽي بخش ڪاوڙ مان ڏندڻ ڦٽي ڪيو ۽ اٿي نلڪو گيڙي گرڙيون ڪرڻ لڳو. ننڍي ڪچي گهر جي اڱر تي تار تان انگوشو لاهيندي وات اگهيائين. نم جي پاڙ وٽ پوسل تي ستل ڪٻري ڪتي منهن مٿي ڪري ڏٺس. ڊٻل جهرڪي چانورن جو داڻو ڪٽي پڙڪو ڏئي اُڏري وئي. ڏٽي بخش انگوڇو واپس تار تي ٽنگيو ۽ وري اچي زال جي پرسان ويٺو. نرم لهجو اختيار ڪندي زال ڪي چيائين،

”ڦاپل ڪي پنهنجي ٻدران صاحب جي گهر ڇو نه ٿي موڪلين؟ صبح جو پاروتا ئي ڪٽي چانور به ڏيندس ۽ برف جو وٽو به ملندس. روزانو ڏهه روپيه خرچي ۽ مهيني ۾ به ٻه هزار ڪن ته ضرور ڏيندس.“

زليخان ڪو به جواب نه ڏيندي ڪنڌ ٻئي طرف ڪري ڇڏيو ته ڏٽي بخش ٻانهن ڪان وٺي لوڏو ڏئي چيس،

”پاروتا چانور تئي تي سيڪي ٻٽالن جي تَرَ سان ڏيندين آهين ته ڏاڍو وٽندا آهن ۽ سڄو سارو ويلو به ٽري ويندو آهي.“

”ڦاپل ته اسڪول ويندي آ!!“

”بَلي، تون پڙهينءَ. ماٺي پڙهي، تو واري ناني به پڙهيل هئي. هاڻي ڦاپل پڙهي ڪندي اڪ ڪارا ۽ ٿيندي ڊاڪٽرياڻي.“

ڪجهه دير ٻنهي طرفن ڪان خاموشيءَ بعد ڏٽي بخش پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي زال ڪي چيو ،

”مان صاحب سان ڳالهايان ٿو تون به رِڙهي وڃجانءِ ميڊم ڏي. ڇوريءَ ڪي ٻيهاري اچ پنهنجي جاءِ تي. جڏهن تون ٺيڪ ٿيئن تڏهن ڏسنداسون.“

ڏٽي بخش ڪٽ تان اٿي تار تان انگوڇو لاٿو، ڪپڙا لاهي انگوڇو ٻڌي نلڪي تان تڙ ڪري ڪوٺيءَ ۾ وڃي ڌوتل ڪپڙا پائي جمعي نماز پڙهڻ لاءِ هليو ويو.

رات جو زليخان ڦاپل جا سليٽ ۽ ڪتاب پيٽيءَ ۾ ڳوڙهن هاڻين اکين سان سانڍي رکيا ۽ صبح جو ڦاپل ننڍڙن نازڪ هٿن سان صاحب جي وڏي گهر جو پوچو ڏيڻ لاءِ ويئي.

❋

”آهيو ته ڪم چور مايون، جهڙي ماءُ تهڙي ڌيءَ. اصل سَنڌن ۾ ته ساهه ئي ڪونهيوَ. فرش تي ته ساڳيا ئي داغ پيا آهن باقي پوچو ڇا ڪي ڏنو ٿي؟“

ميڊم جا لفظ ڪنن تي ۽ چپاٽ ڪنڌ تي واڪا ڪري اچي لڳس. ڦاپل جنهن جي عمر مشڪل سان اٺ سال هوندي سا گوڏن ڀر اچي ٽائيلس تي ڪري. ٻي چپاٽ جي الُر ڪان پوءِ ڦاپل مشيني انداز ۾ فرش کي تيزيءَ سان پوچو ڏيڻ لڳي. پوچي ڪان پوءِ ڳوڙها وهائيندي ڪچن ۾ ٿانوَ ڌوئيندي هن جي ننڍڙي ذهن ۾ عجيب سوال ڇيڻ لڳا،

”صاحب جي گهر جو فرش ايڏو چمڪيلو ۽ وڏو ڇو آهي؟ اسان جو گهر ڪچو ۽ آڱر ننڍو ڇو؟ بابا منهنجي وڪڻ جون ڳالهيون ڇو ڪندو آهي ۽ منهنجي ڀائرن کي ڇو نه ٿو وڪڻي؟“

هن کي ياد آيو ته هڪ ڏينهن ڪلاس ۾ ٽيچر ٻڌايو هو ته،

”سيني کي روزي الله سائين ڏيندو آهي. الله سائين کي ٻار ڏاڍا پيارا هوندا آهن هو انهن جو دعائون قبول ڪندو آهي.“

هن ارادو ڪيو ته گهر وڃي رات جو الله سائين کي ميڊم جي ٿڦ جي باري ۾ ٻڌائيندي ۽ ڪيس چوندي،

”ميڊم سڄو ڏينهن ڪم ڪرائي ٿي ۽ ماري ٻه ٿي.“

هن سوچيو رات جو کٽ تي سمهي مٿي تڪي هٿ ٻڌي الله کي چوندي،

”الله سائين، بابا کي چئه ته مون کي هتي نه موڪلي ۽ وڪڻي به نه.“

پهريان هن سوچيو هو ته بابا منهنجي ڀائرن کي ڇو نه ٿو وڪڻي پر پوءِ هن سوچيو ته الله کي چوندي،

”الله سائين، بابا منهنجي ڀائرن کي به نه وڪڻي. ڪنهن کي به نه وڪڻي.“

اهڙيون ڳالهيون سوچيندي هن جا هٿ تيزي سان هلڻ لڳا. خيالن ئي خيالن ۾ ڪافي سارا ٿانوَ ڌوئي وئي ننڍڙي جا ڪپڙا ڌوئيندي هن ميڊم کي ڏٺو جيڪا ڪرسيءَ تي ويٺي ڪو رسالو پڙهي رهي هئي هن سوچيو،

”ميڊم کي امان وانگر گوڏن ۾ سور به ڪونهي پوءِ پاڻ ڪم ڇو نه ٿي ڪري؟ مون ڪان ڇو ٿي ڪرائي، مان ته ننڍڙي آهيان، امان منهنجا ڪتاب ڪسي مون کي هتي ڪم ڪرڻ ڇو موڪليو آهي؟“

وري يڪدم ٻيو خيال آيس ته،

”امان مون کي هتي برف جي وٽي ۽ پاروٽن چانورن لاءِ موڪليو آهي. ميڊم ڪم ان ڪري نه ٿي ڪري جو ان وٽ برف جو وٽو ۽ پاروٽا چانور آهن. جيڪا هوءَ اسان کي ڏيندي آهي ۽ اسان وري هن جو ڪم ڪندا آهيون.“

ميڊم ڏي چور نظرن سان نهاريائين جنهن جو ڪنڌ هيٺ رسالي ۾ هو هن ميڊم ڏي ڏسندي سوچيو،

”رات جو الله سائين کي چوندم ته اسان جا پاروٽا چانور ۽ برف جو وٽو اسان جي گهر سڌو موڪلي ڏي. ميڊم انهن لاءِ گهڻو ڪم ڪرائي ٿي ۽ ماري به ٿي.“

هن کي خيال آيو ته الله سائين ٻارن جون دعائون قبول ڪندو آهي ۽ پوءِ جڏهن مان صبح جو اٿندس ته کٽ جي هيٺان برف جو وٽو ۽ پاروٽا چانور پيا هوندا. مان کٽي بابا کي ڏيندم ته اهو مونکي ڪم تي نه موڪليندو ۽ پوءِ ميڊم پاڻ ڪم ڪندي.

خيالن کي خيالن ۾ هن ميڊم کي ٿانوَ مليندي ۽ پوچو ڏيندي ڏٺو، مسڪراهٽ سڄي منهن تي ڦهلجي ويس ۽ هڪ اميد اندر ۾ ڪَر موڙڻ لڳس.

ڪجهه دير بعد زليخان به سور جون دانهون ڪندي گوڏا مهٽيندي آڱر ۾ پٽ جي ڀرسان ڇانوَ تي رکيل صندل مٿان اچي ويٺي.

”مائي بيماريءَ ۾ ڳري ته ذرو به ناهين. ويتر گهر ويهي ڏڇري ٿي وئي آن. رڳو سور جا بهانا ٿي ڪرين. هاڻي هن ٻار ڪان هيڏي گهر جو ڪم ٿيندو؟ سڄو ڪم ڪار مون کي ساڳيو پاڻ کي ئي ٿو ڪرڻو پوي.“

ميڊم، زليخان کي ڏسندي چيو ته زليخان خوشامد ڪندي چيس،

”ميڊم، منهنجا ڪراڙا هڏ هاڻي ڪاتي رهيا آهن ڪم جا. ڦاپل ڪم جي تڪي اٿئي، مان توکي ڏئي ڇڏي جيستائين پنهنجي گهر جي ٿئي تيستائين تنهنجي پئي خدمت ڪندي. بس هن جي پارت اٿئي ٻن ٽن ڏينهن جي توکي تڪليف ٿيندي پوءِ پاڻ ئي ڏسجانءِ سڄي گهر جو ڪم سنڀالي وٺندي.“

زليخان عاجزانه انداز ۾ چيو ته ميڊم جي منهن جو موڇو به ڪجهه گهٽ ٿيو.

ميڊم سفيد ٽائلس جي چمڪندڙ فرش مٿان سائي پلاسٽڪ ڪرسيءَ تي زليخان جي سامهون ويٺي هئي. زليخان گوڏن تي هٿ مهٽيندي چيو،

”گوڏن جي سور ساهه ڪڍي ڇڏيو آهي. ڪلهه کان وٺي ته گوريءَ لاءِ به گهر ۾ ڪجهه ڪونهي. سوچيم ٻيو آسرو ته آهي ڪونه- اها هڪ ئي ته آهي اسان جي پاڙي ۾ سڀ جي سارَ ۽ پر گهور لهڻ واري، سو وڃي ٿي دعائون ڪيانس.“

ميڊم زليخان جي من جي منشا سمجهندي پنجاهه روپيا ننڍڙي پرس مان ڪڍي ڏنس ۽ ڦاپل کي چئي بورچي خاني مان راتوڪا بچيل چانور ۽ بيسڻ جون ٽڪيون ڏنائينس. برف جو وٽو گهرڻ تي چيائينس،

”بجليون آهن؟ جو برفان ڄمن؟ راتوڪو رکيل پاڻي اجا وٽن ۾ هلڪو گهاٽو مس ٿيو آ. ڦاپل اڄڻ مهل ڪنيون ايندئي.“

زليخان جي وڃڻ ڪانپوءِ ڦاپل ننڍڙي جا ڪپڙا ڌوئي پورا مس ڪيا. ته وري ميڊم ميرا ٽوال ڏنس. ٽوال ڌوئڻ ڪانپوءِ صوفن جي ڇنڊ فوڪ ڪيائين. ٽيليويزن ۽ شيشي جون ٽيبليون صاف ڪيائين. ٽماٽا ۽ بصر ڪٽي فرج ۾ رکيائين. اهي سڀ ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊم چيس،

”چلهي تي چانهه رکي اٿمانءِ به ٿي اوٻارا اچنس ته چاڙي ڪوپ ۾ وجهي اچجانءِ.“

ڦاپل چلهي تي وڃي بيٺي. چانهه اوٻارا ڪائي پتيلي مان ٻاهر نڪتي ته اڻ ڄاڻ ڦاپل پتيلو ڪٽي هٿ سان لاٿو. گرم پتيلي ٻنهي هٿن کي ساڙي وڌس. پهريون ته هلڪو ساڙ محسوس ڪيائين. پر جڏهن هٿن تي ڦلوڪٽا نڪتس ته اکين مان پاڻي وهڻ لڳس.

ميڊم کيس چانهه پيئڻ ڪانپوءِ برف جو وٽو ڏنس. برف جو ٿڌو وٽو هٿ ۾ آيس ته ڪجهه قرار محسوس ڪيائين. هٿن جي ساڙ ۾ گهٽتائي آيس. رستي ۾ گهر ڏانهن ايندي واري واري سان ٻنهي هٿن کي برف تي رکندي پئي آئي ۽ منهن مٿي ڪري آسمان ۾ نهاريندي چيائين،

”الله سائين، منهنجا ته هٿ دعا گهرڻ کان اڳ ئي سڙي پيا.“ ■

# ننڍپڻ جو نينهن...



عنايت لغاري

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ اڳيان آواز آيو.

”اهوئي ٿيو جيڪو اهڙن موقعن تي ٿئي ٿو.“ پٺئين وراڻيو.

گندي ناليءَ جي اٿلي پوڻ تي هن اڳيان ويندڙ شخص جي پيرويءَ ۾ پانچا مٿي کنيا ۽ پاڻيءَ جي دٻن کان بچندو پنهنجي دوست سان وڃي گڏيو.

”يعني؟“ پهرئين پڇيو.

”يعني معاملو حل ٿيندي رهجي ويو.“ پٺئين ٻڌايو ۽ ٽنيي جي پاسي مان گذرندي، لڳل بلب ڏانهن ڏٺو، جنهنکي لوڊشيڊنگ جي آزار اونداهو ڪري ڇڏيو هو.

”يڪدم ته هونئن ئي مسئلا حل ڪونه ٿيندا آهن. پر ڳالهيون ته هليون هونديون نه؟“ پهرئين کي ڳالهه جي چٽائي گهربل هئي.

”جي ها.“ ٻئي وراڻيو، ”هڪڙي ڊر ڳالهين جا ڳوٺ ٻڌا ٿي، ته ٻي ڊر ڦٽائي ٿي ڏنا.“

”ڳالهيون سُر ڳُر واريون هيون. يا ڏوڙ ۾ ڏڪا هئا؟“ پهرئين پڇيو ۽ هاڻي هلندي ۽ ڳالهين ڪندي هو روڊ تي اچي ويا هئا.

”ڪنهن اهڙي هوٽل تي هلون، جتي ماني به هجي ۽ سٺي چانهه به هجي.“ پهرئين ٻئي کي ڪلهي جي سِڌ تي پاڻ وٽ پهچندي ڏٺو ته چيو.

”وزير وهيي جي هوٽل تي ٿا هلون.“ ٻئي وراڻيو.

”وهيي جو پهريون قرض چُڪتو ڪري ڇڏيو اٿئي ڇا؟“ پهرئين جي ڳالهه شهمير شڪاريءَ تي سٺو اثر نه ڇڏيو.

”دائم دهلاري، ماحول ۾ ڪڙاڻ پرڻ جي فضول ڪوشش نه ڪرين ته چڱو.“ شهمير شڪاري دائم دهلاريءَ کي خبردار ڪيو.

شهمير شڪاريءَ ۽ دائم دهلاريءَ جا اصل نالا ته ڪي ٻيا هئا ۽ ڏاڍا خوبصورت به هئا. پر جيڏن سرتن انهن جا نالا اهي رکي ڇڏيا هئا.

ان ڪان اڳ جو ماحول گرم ٿي وڃي، دائم دهلاري الائي ڇا سوچي سُر ۾ جهونگارڻ لڳو،

باغ مير باڳي جو
ڳابا مير باڳي جا
ورڙي مير باڳا
تنهنجو باغ ڪائي ويا ڳابا

اهي ٻول جهونگاريندي ٻنهيءَ جي وچ ۾ ڪا گفتگو نه ٿي. ۽ هوٽل به ڪا ايتري پري نه هئي. ٻنهي هوٽل اندر پير رکيا ته ڪين اهو اندازو لڳائيندي دير ڪانه ٿي ته هوٽل ۾ ڪا پريشان ڪرڻ جهڙي رش هئي. جيتوڻيڪ ڪين جنهن جاءِ تي به خالي ڪرسيون نظر آيون هيون. وٽندڙ جاءِ ته نه هئي پر بک ته بهرحال مارٽي هئي.

هو ٻئي ويٺا ته گهمندڙ ڦرندڙ ڪجهه پيشگير، جيڪي مختلف ٽيبلن تي ڪجهه رکي ۽ کڻي رهيا هئا. ڏانهن ڪا توجهه نه ڏني.

”پهريون قرض چڪايل هجي ها...“ دائم دهلاري ڳالهه کي مڪمل ڪرڻ بدران اڌ ۾ ڇڏيو. هن کي اهو احساس هو ته ڪڏهن ڪڏهن اڌ ۾ ڇڏيل جملا، تير بهدف هوندا آهن.

”ان ڀيڻ جي... کي به قرض چڪائي ڇڏبو. رڳو نئون آيل ڊي سي پير ته کپائي.“

دائم دهلاريءَ بدران هن سيٺ وزير وَهيي کي گار وهائي ڪڍي. ۽ ٻي ٽيبل تان گلاس کڻي پنهنجي ٽيبل تي وڃايو. ته پيشگير جيڪو ٽريو هو ۽ ڪين چڱي طرح سڃاڻندو هو، اتان ئي چيو، ”ها. ها.“

پيشگير جي جواب کان پوءِ هن گلاس جتان کنيو اتي رکيو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهندي ائين ئي دائم دهلاريءَ ڏانهن ڏٺو ته هن چيو، ”ها، سو گس واري ڳالهه اڌ ۾ رهجي وئي.“

”ڪهڙي؟“ هن کي گس واري ڳالهه ذهن تان نڪتل لڳي.

”تو چيو پئي ته ته هڪڙي ڊر ڳالهين جا ڳوٺ...“

”ها، ها.“ ڳالهه ياد ايندي ئي شهمير شڪاري چيو، ”خالد ڪيڪڙي وارا چون ته ڪو تاريخي پروگرام ٿئي يا ضلعي جشن ملهايو ۽ ٻي ڊر چوي ته ڪليم ڪرماٽي شاعر جي ورسي ملهائجي.“

”پوءِ؟“

دائم دهلاريءَ جي سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ، جڳ گلاس ٽيبل تي رکندڙ ٽريي پيشگير کي ڏسي هن چيو، ”يار حد ڪريو ڇڏيو توهين به. چار ماڻهو هوٽل ۾ چا وڏيڪ اچيو وڃن، سڃاڻو ئي نه ٿا؟“

”سائين، دال ماش آهي. مرغي مصالحو آهي ۽ ٽنڊا آهن.“ ٽريي پيشگير سندس ڪاوڙ کي نظرانداز ڪندي پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ چاهيو.

”ٽنڊي جا پٽ بيهان...“ دائم دهلاري چيو، ”ميها نه چئجو. جيڪو پنهنجي ٻوليءَ جو لفظ آهي.“

پيشگير ڪو به جواب نه ڏنو ته شهمير شڪاري چيو، ”دال ماش ۽ مرغي مصالحي جي هڪ هڪ پليٽ آڻ.“

شهمير شڪاري پنهنجي اڌ ۾ ڇڏيل ڳالهه کي مڪمل ڪندي چيو، ”سو خرچ-ڍٽي ڳالهه کي سمجهي ويو ته هي سپ وانڙيا ۽ ڊنڊوڙيا ۽ شهرت جا بکيا آهن سو اتي پنهنجي آرامگاهه ۾ هليو ويو.“

”خرچ ڍٽيءَ مان مراد ڊي سي؟“ دائم دهلاري سمجهندي به پڪ ڪرڻ چاهي.

”جي.“

هو ان موضوع تي ڪا وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪن، ان کان اڳ ٽريي پيشگير اچي چيو، ”سيٺ چئي ٿو مرغي مصالحو نه ملندو. اڳي قرض گهڻو آهي.“

ڪاوڙ مان ڪرسي پوئتي ڌڪيندي شهمير شڪاري اٿيو ته دائم دهلاريءَ کي لڳو ته هيءَ وڏو ممڻ مچائيندو. سيٺ کي ست سريون ٻڌائيندو. چوندو، گڏهه ۽ ڪتي جو گوشت مرغي مصالحي جي نالي ۾ ٿو هلائين. شادي هال جي اوبر وارا ڪاڏا سستي اگهه ۾ وٺي، مهانگي اگهه ۾ هوٽل ۾ وڪرو ٿو ڪرين. ۽ هيروئينن کان چوري آندل ۽ اڇلايل سبزيءَ ٻوڙ ۾ ماڻهن کي ٿو کارائين. اهڙيون خبرون اخبار ۾ هلائڻ ۽ چينل تان شايع ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندو. اهڙي گوڙ ڪرڻ جو هيءُ وقت ڪونهي. موقعو ڪونهي. اهڙي ماحول پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ نقصان اسانجو ئي ٿيڻو آهي. اهو سوچي هو سندس پٺيان اٿيو. هن جي سوچ جي ابتڙ، هو سيٺ ڏانهن وڃڻ بدران هوٽل مان نڪتو هليو ويو. هو ڪجهه نه سمجهندي وڏيون وکون کڻي هن تائين پهتو ته هن ٻي هوٽل جو رُخ ڪيو ۽ ڪيس ويجهو ايندو ڏسي چيو، ”بيهسان ڪتي جو پٽ، هاڻي وٺي پيسا، ڏسون ڪيئن ٿو وٺي؟“

”يار، پاڻ کي separate جاءِ مسواڙ تي وٺڻ گهرجي. ۽ بورچيءَ به رکڻ گهرجي؟“ دائم دهلاري هوٽلن واري جهنجهٽ کان عرصي کان بيزار هو.

”ڳالهه ته وزن واري آهي ۽ ڪنهن ڪاموري کان هر مهيني رقم به ڪڍي سگهجي ٿي. پر هينئر ته پيٽ جو بلو ڪريون نه.“

اڄ ڏينهن ۽ رات جي ماني ڪارائڻ جو وارو شهمير شڪاريءَ جو هو. هو ٻئي صحافي هئا. ۽ هوٽل جي هڪ ڪمري ۾ رهندا هئا. مسواڙ ٻنهيءَ ۾ طئي ٿيل هئي. هڪڙو مهينو هڪڙي کي پرڻي هئي. ٻيو مهينو ٻئي کي. مانيءَ جو سلسلو به ائين رکيو هئائون.

هڪڙو ڏينهن رات هڪڙي کي ته ٻيو ڏينهن رات ٻئي کي کارائڻي هئي. جيتوڻيڪ مانيءَ ۽ چانهن ان هوٽل ۾ به هئي جنهن جي هڪ ڪمري ۾ هو رهيا ٿي. پر ان هوٽل جي مانيءَ ۽ چانهه سندن پيٽ هڪدم خراب ڪري وجهندي هئي.

هوٽل تان ماني کائي، بل ڏئي، هو پنهنجي مسواڙي ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيڻ بدران پريس ڪلب هليا ويا. جتي هنن گذريل رات کان منجهند تائين ڏاڙيلن سان مقابلي جي فائينل ڪيل رپورٽ ۽ فلم کي دوستن کان وصول ڪري اخبار ۽ چينل جي آفيس ۾ پهچايو.

مقابلي جي ٽئين ڏينهن هو ٻئي ايس پي آفيس ويا. ڪافي ڪلاڪن جي انتظار ڪرائڻ کانپوءِ ايس پي کين پنهنجي آفيس ۾ اچڻ ڏنو. ٻنهيءَ جي اندر داخل ٿيڻ ۽ ڪرسين تي ويهڻ کانپوءِ ايس پي چيو، ”توهان جي اخبارن ۽ چينلز جا ٿينڪس جن جو ڳي ڪوريج ڏني.“

”سر، اسين قُوم، عوام ۽ اوهانجا نمائندا آهيون.“ شهمير شڪاري گُرُ پير وارو صحافي هو. هن پنهنجي سينئرز کان سڪيل گُر کي ڪم آڻيندي چيو.

ايس پي ٻنان ڪنهن ڊيگهه ڊيگهان جي خاني مان خاڪي لفافو ڪڍي ٻنهيءَ جي وچ تي اڇليو. ائين جيئن ڪتي کي ٽڪر اڇلبو آهي. لفافي جي قد ڪاٺ کي ڏسي، ٻنهيءَ کي اهو اندازو لڳائڻ ۾ دير نه ٿي ته ان ۾ اندر پيل رقم اطمينان جوڳي نه هوندي. دائم دهلاريءَ کي لفافي اڇلڻ جو انداز نه آئڙيو ۽ رقم جي اندازي مان گهٽ هجڻ جو احساس به ڪُڪيو. تڏهن هن ڏاڍي چالاڪيءَ سان چيو، ”سر، جنهن ماڻهوءَ کي ڌاڙيل شو ڪري، ٽن ضلعن جي پوليس ذريعي، ڳوٺن، فصلن ۽ روڊن تي جيڪو ڪڙو چاڙهيو ويو ۽ جڙتو مقابلو ڏيکاريو ويو. اسان اها سرزمين، اهي ڳوٺ، مقتول جو گهر ۽ گهر ڀاتين جا انٽرويوز ريڪارڊ ڪري آيا آهيون.“

ايس پي جي چهري تي ڪنهن به قسم جا تاثرات ظاهر نه ٿيا ته شهمير شڪاريءَ چيو، ”مقتول جي گهر جون پٽيون رات جي اونداهيءَ ۾ اورانگهيون ويون. کيس ستيءَ ننڊ مان گنن جا ڪنداق هڻي اٿاريو ويو. گوڙ تي اٿي پيل سمورن گهر ڀاتين مان هيسيل ڪنواري ڀيڻ جي چڪي گندي لاٿي وئي ۽ ان سان مقتول جون پٺيان ٻانهون ٻڌيون ويون. ڪمند جي وچ ۾ بيهاري کيس سڌو برسٽ هنيو ويو ۽ پوءِ ڪلاڪن تائين هوائي فائرنگ ڪرائي وئي.“

جيتوڻيڪ ايس پي کي سياسي پٺ هئي ۽ پنهنجي آفيسرن جي آشيرواد به. پر هن معاملي کي در گذر ڪرڻ چاهيو. هن خانو کوليو ۽ هڪ ٻيو خاڪي لفافو ڪڍي ڏانهن اڇليو ۽ چيو،

“Now, you ought to leave my office.”

*

ٻنهي لفافن کي کيسن ۾ وجهي، هو ٻئي ايس پي آفيس مان ٻاهر نڪري آيا.

”پريس ڪلب هلون؟“ دائم دهلاري پڇيو.

”نه.“ پريس ڪلب ڏانهن ويندڙ رستي کي ڇڏي، شهمير شڪاري روڊ جو ابتو پاسو ورتو. ”اخبار آفيس يا چينل آفيس هلون؟“ دائم دهلاري ٻيهر پڇي ورتو.

”نه.“ هن ٻيهر انڪار ڪندي چيو، ”هوٽل تي پنهنجي ڪمري ۾ ٿا هلون.“

”طبيعت ته صحيح آهي نه؟“ دائم دهلاريءَ کي هن جي طبيعت جي اون ٿي.

”يار، اسين ڪاٿن جا وڳا پائي، پنهنجي موٽر سائيڪلن يا ڪارن تي مووي ڪيمرائون ۽ مائيڪ کڻي هلندا آهيون ته خلق سمجهندي آهي ته وڏي ٺٺ ٺانگر وارا آهيون. پر سچ پچين ته اسين ته جهڙو پٽ، پاڻ ۽ مڱڻهارن کان به گهٽ آهيون.“

شهمير شڪاريءَ جي اوچتي سنجيد گيءَ تي دائم دهلاري حيران ٿيو. سمجهي ويو ته ايس پي جي رويي کيس هرٽ ڪيو آهي.

”تعجب جي ڳالهه اها آهي ته...“ شهمير شڪاري الائي ڇا چوڻ وارو هو جو سندن هڪ ساٿي پاسي ۾ اچي بائيڪ کي بريڪ هنئي ۽ پڇيو، ”ڪيڏانهن پيا وڃو. ۽ گاڏي؟“ هن هڪ ئي ساهيءَ ۾ به سوال پڇي ورتا.

”يرِ، گاڏيءَ ۾ ٿورو ڪم هو. مستريءَ وٽ بيٺي آهي. ۽ وڃون پيا هوٽل تي پنهنجي ڪمري ڏي.“ شهمير شڪاري وراڻيو.

”آئون به اتان ئي گذري پرتي ويندس. اچو ته گڏيا هلون.“ سندن ساٿي چيو. هوٽل جو فاصلو ڪو ايترو گهڻو نه هو. پر پوءِ به هو ٻئي ساٿس چڙهيا ۽ اچي پنهنجي هوٽل وٽ لٿا. هنن پنهنجي ساٿيءَ جي مهرباني مڃي. کيس چانهه جي صلاح هنئي. پر تڪڙ هئڻ جو چئي هو روانو ٿي ويو. هو هوٽل اندر داخل ٿي ڏاڪڻ چڙهي پنهنجي ڪمري تائين آيا.

پنهنجي مسواڙي هوٽل جي ڪمري جو در کولي هو ٻئي جيئن اندر آيا ته حيران رهجي ويا. هنن کي هتي رهندي هڪ سال پئي گذريو. اڳ ڪڏهن به ائين نه ٿيو هو. هيءُ پهريون ڀيرو هو جو هو انو کي شيءِ ڏسي رهيا هئا.

شهمير شڪاري جهڪي پٽ تان لفافو کنيو ۽ ايڊريس جا اکر جو هيندي پنهنجي پلنگ تي اچي ويٺو.

”ڪنهن جو آهي؟“ دائم دهلاري قميص لاهي هينگر تي ٽنگي ۽ پنهنجي پلنگ تي ويهندي پڇيو.

”لفافي مٿان لکيل اکر ڪچا آهن.“ لفافو کوليندي ۽ ليٽيندي شهمير شڪاري لکيل فقط هڪ سٽ پڙهي ورتي، ”مُئيءَ کي جمعي تي ذبح ڪري ڇڏيندا.“

”ٻڌائي ڪو نه ته ڪنهن جو خط آهي؟“ دائم دهلاري ائين چئي ڏانهنس ڏٺو ته دنگ رهجي ويو. خلاف معمول هن جي ڳلن تان ڳوڙها وهندا ڏسي پڇيائين، ”خير ته آهي نه؟“

"قبول." هن دائم دهلاريءَ کي پنهنجي اصلي نالي سان پڪاريو. ۽ چيو، "جن لاءِ زندگيون داءُ تي لڳائي ڇڏجن. اهي به جي وڇڙڻ لڳن ته پوءِ؟"

"ظهير، ڳالهه ڇا آهي يار." قبول به ڪيس اصل نالي سان پڪاريندي، سندس پر ۾ اچي ويٺو.

"قبول سائين، پنجون پاس ڪري ڳوٺ ڇڏيو هوم. پنهنجن همر ڪلاسين کان ڇمار ۾ پختو هوس. گهر ۽ ڳوٺ ۾ پنهنجي سهڻي اخلاق ۽ وڻندڙ ٻولن ڪري بي پناهه محبتون ماڻيندڙ ڇوڪريءَ جنهن جو نالو ته ڊول هو. پر آئون ڪيس نوريءَ سڏيندو هوس. نوري، تماچي ڄام واريءَ تان اهو نالو رکيو هوم. اهو قصو مون ڏاڏيءَ کان ٻڌو هو. جا رات جو سمهڻ مهل ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي."

ڳيت ڏئي نڙي آلي ڪندي هن وري چوڻ شروع ڪيو، "مون سان پنج درجا ئي پڙهي سگهي هئي."

اوچتو ڳالهه روڪي هن چيو، "پيگ ٺاهه."

قبول فرج مان وسڪيءَ جي بوتل ڪڍي ٻه پيگ ٺاهيا. پيگ مان ڍڪ نڙي هيٺ لاهيندي ظهير چيو، "گڏ پڙهڻ ۽ گڏ ڪيڏڻ ڪري، اسان تڏهن سمجهه ۾ نه ايندڙ جذبن آڌار هڪٻئي سان وهانءَ جو وچن ڪيو. شهر ڏي پڙهڻ لاءِ نڪرندي ڪيس چيو هوم، 'جيستائين وڏو ماڻهوءَ نه ٿيندس، ڳوٺ نه موٽندس.'-"

"..."

ڳوڙها هن جي ڳلن تان وهي رهيا هئا. ۽ هو چئي رهيو هو، "۽ ڪيس چيو هئم جڏهن ڳوٺ موٽندس وڏو ماڻهو ٿي. تيستائين خود کي وڏو ماڻهوءَ نه سمجهندس. جيستائين تو سان لانوان نه نبرندا." هن پيگ کي پيٽ ۾ لاهي گلاس خالي ڪيو.

"پوءِ ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟" قبول به پنهنجو گلاس هڪ ڍُڪ ۾ ئي خالي ڪيو.

"اڄ خميس جو ڏينهن آهي نه؟" ڳنڍيا ٿيل نڙيءَ مان زوري لفظ نڪتا.

"ها." پيگ ٺاهيندي ۽ ڏانهنس وڌائيندي قبول جواب ڏنو.

"سڀاڻ نوريءَ کي شينهن ڪلهي چاڙهي ڇڏيندا."

ائين چئي هن وري دل کان ڳالهائڻ جي قوت وٺندي چيو، "نوريءَ کي ماڻڻ جي تمنا جي تڪميل لاءِ جا جدوجهد ڪيم، ان ۾ ڇهين ڪان انٽر تائين، اسڪول ۽ ڪالج ۽ ماس ڪميونيڪيشن ۾ ورسٽيءَ مان گولڊ ميڊل ماڻيندي ۽ صحافت ڪندي ان سڄي دؤر ان سچي هڻ-وٺ مونکي الائي وڏو ماڻهو بڻايو. ننڍو ماڻهو بڻايو يا الائي ڪو ٻيو ماڻهو بڻائي ڇڏيو."

هنن ٻنهي بوتل جي خاتمي تائين گڏجي پيتو ۽ خمارجي بلب وسائي پنهنجي پنهنجي پلنگ تي سمهي پيا. نشي جي ننڊ ۾ ڏينهن جي باقي حصي ۾ سڄي رات جي گذرڻ جو عرصو گذاري قبول اٿيو ته سندس ساٿي غائب هو.

پريس ڪلب، اخبار ۽ چينل آفيس ۾ الائي ڪٿي ڪٿي هن پنهنجي سيلولر فون ذريعي ڪالون ڪيون، پر ظهير جو ڪو به ڏس پتو نه هو. هن جو پنهنجو سيلولر فون به آف هو.

قبول احمد عرف دائم دهلاري وهنجي سهنجي، ڪمري مان ٻاهر نڪري پريس ڪلب پهچڻ کي مناسب سمجهيو. پنڌ ويندي گس ۾ هن کي ڪال آئي. هن نمبر يا نالو ڏسڻ بنا ڪال رسيو ڪندي 'هيلو' ڪئي. حيرت ڳاڏڙ خوشي محسوس ڪندي، هو پريس ڪلب بدران ڪورٽ ڏي وڏيون ٻرانگهون ڪٽي وڃڻ لڳو. جتي نوريءَ ۽ ظهير ڪورٽ- مئريج لاءِ پهتل هئا. ■

# فئنٽيسي زندگي جي...



**عبدالسلام ٿهيم**

هُن ڪمپيوٽر آن ڪيو. انٽرنيٽ connectڪري فيس بوڪ ۾ پنهنجي اڪائونٽ IDاڪوليائين. ڪجهه نيون فرينڊشپ ريڪيوئسٽس قبول ڪندي ڪين ايڊ Add ڪيائين، باقي فالتو ريڪيوئسٽس کي رد ڪندي انهن کي پنهنجي وال تان هٽائي ڇڏيائين. ڪجهه نوٽيفيڪيشنس چيڪ ڪيائين ته چيٽ روم ۾ نياپن جي وٺ ٿي وئي. "هيلو عيني.."

"هاءِ جانو..."

"هائو آر يو ڊيئر؟"

هاڻي هڪڙي عيني پندرنهن ڄڻن جي سوالن جا ڇا جواب ڏئي. هُن بيزار ٿيندي چيٽ روم بند ڪري ڇڏيو. ڪجهه تصويرون ۽ شيئرنگس، وال تي چيڪ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي پروفائل تي Tagٿيل تصويرن جو جائزو وٺڻ لڳي. مظهر حيات جون ٽيگ ڪيل تصويرون ڏسي خوشي محسوس ڪيائين. هميشه جيان اڄ به هن جي تصويرن منجهان ڪيس زندگي جي جيئڻ جي جهلڪ نظر اچي رهي هئي. هُو پنهنجي نالي جيان حيات جو مظهر بڻجي هُن جي من ۾ هوريان هوريان جاءِ جوڙيندو ٿي ويو. هُو هر ڏهاڙي جيئڻ جي احساس سان ڀرپور هڪ خوبصورت تصوير عيني کي ٽيگ ڪندو هو، جنهن کي ڏسي هيءَ پريشاني جي ڏُٻڻ مان نڪري ايندي هئي. هُوءَ هميشه سخت دٻاءُ ۾ رهندي هئي. ڇاڪاڻ ته ساڻس ڀاڳن ڪا ڀلائي نه ڪئي هئي. ماءُ جي وفات کان پوءِ سندس والد ٻي شادي ڪري ڇڏي. ماٽيلي ماءُ جي روين ۾ ڪڏهن به هُن شفقت محسوس نه ڪئي. پاڻ تان محرومي جو بار هلڪو ڪرڻ جي لاءِ پيار به ڪري ڏٺائين پر تنهن پيار منجهان به ڪو سُک پلئه نه پيس. اهڙين وارتائن کان پوءِ سندس جيئڻ ۽ رشتن تان ويساهه ئي کڄي ويو. پر اڄڪلهه مظهر حيات جي لاءِ هن جي من ۾ عجيب احساس ۽ آسون ڪر موڙي اٿي پيون هيون. فيس بوڪ تي هنن جي دوستي کي ڪجهه عرصو گذري چڪو هو پر اڃا تائين ڳالهه ٻولهه نه ٿي هُين. فقط تصويرن تي تاثرات ڏئي پنهنجا خيال اوريندا هئا. پر اڄ جيڪا تصوير مظهر ڪيس ٽيگ ڪئي هئي، تنهن کي ڏسي من چئي رهيو هئس ته، اڄ مظهر سان چيٽ ڪري ڏسي. هُو اڃا اهو سوچي ئي رهي هئي ته ميسيج باڪس ۾ ڳاڙهي رنگ ۾ هڪ '1' ظاهر ٿيو. هُن ميسيج کوليو ته، مظهر پاران لکيل هو، "...خير ته آهي عيني..؟ اوهان پنهنجي ID کولي ۽ وري يڪدم بند ڪري ڇڏي. مون ته اوهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو اڄ."

مظهر جو اهو ميسيج پڙهي دل ۾ خيال آيس، جيڪڏهن ان گهڙي آئون ڪهڙي به خواهش ڪريان ها ته اها ضرور پوري ٿي پوي ها، اها گهڙي قبوليت واري گهڙي هئي شايد. پر وري اهو سوچيائين ته هي به ته ڪا گهٽ ڳالهه نه هئي جو مظهر سان ڳالهائڻ جي خواهش ڪئي هئائين ۽ اها پوري ٿي رهي هئي. هڪدم چيٽ روم آن ڪري مظهر کي نياپو لکي موڪليائين، "بس، فضول ماڻهن جي بڪواس کان بچڻ جي لاءِ لائن آف ٿي ويس توهان ٻُڌايو ڪيئن آهيو؟ اڄ پلا اسان غريبن کي ياد ڪرڻ جو اوهان ڪيئن سوچيو؟"

مظهر جواب ڏنو، "نه نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي، بس سوچيم ڳالهائي ڏسان. اوهان ته وڏا ماڻهو آهيو سو ياد ئي نه ڪيوَ سو مون ئي."

عيني جواب ڏنو، "توهان جي وڏي مهرباني."

مظهر اڃا ميسيج لکي ئي رهيو هو ته عيني جو ٻيو ميسيج اچي ويس، "توهان وڏي ڪمال جي شيءِ آهيو. هميشه پنهنجي تصويرن مان حوصلي، همت ۽ جيئڻ جو اتساهه ڏيندا آهيو. ايترا خوش به آهيو ڇا توهان؟"

مظهر اهو پڙهي ڪجهه گهڙيون سوچيو ۽ پوءِ جواب موڪليائين، "زندگي جيئڻ جو ئي نالو آهي. دنيا جي سڀني احساسن کان حسين احساس جيئڻ جو ئي آهي، جيڪو جيئڻ ڄاڻي ٿو، تنهن کان مايوسيون پري ڀڄنديون آهن. خوش آهيان تڏهن ته جيان پيو."

هن جواب لکي موڪليو، "واهه، ڏاڍو زبردست. پر يار اسان کي ته جيئڻ نٿو اچي. پتو ناهي ڪيئن جيئبو آهي؟"

مظهر اهو پڙهيو ته ڪيس عيني ڏاڍي معصوم لڳي. جواب لکي موڪليائين، "شڪايت ڪرڻ ڇڏي ڏيو. جيئڻ ازخود اچي ويندو. شڪايتون وسوسا پيدا ڪنديون آهن، وسوسا ايمان ۽ اعتبار ڪسي وٺندا آهن، پوءِ ماڻهو جو جڏهن اعتبار کڄي ويندو آهي ته اهو الجهي پوندو آهي. جيئڻ توهان اڄ..."

مظهر جو اهو جواب پڙهي عيني لاجواب ٿي وئي. هُو ڪجهه سوچي ئي رهي هئي ته وٽس مظهر جو ٻيو ميسيج اچي ويو، جنهن ۾ هُن سوال ڪيو، "جي دل ۾ نه ڪيو ته مان اوهان کان هڪڙي ڳالهه پڇي سگهان ٿو؟" عيني جلدي ۾ لکي موڪليو، "جي جي، پُڇو."

مظهر ڪيس لکي موڪليو، "اوهان واقعي به ڇوڪري آهيو يا هي IDجعلي آهي؟"

عيني تعجب ۾ پوندي جواب موڪليو، "جي بلڪل. مون کي ڀلا ڪهڙي ضرورت پئي آهه ڪوڙي ID ٺاهڻ جي؟ پر توهان جو شڪ؟"

مظهر جواب لکي موڪليو، "ها ٿورو گهڻو ته هيو، توهان ته ڄاڻندا ئي هوندا ته فيس بوڪ تي جعلي اڪائونٽ به جام ٺهيل آهن. بس ان لاءِ پئي پڇيم. پتو ناهي ڇو ماڻهو فيس بوڪ تي پنهنجي جنس بدلايو ڇڏين؟"

عيني جواب ٽائيپ ڪري موڪليو، "شايد اهي پنهنجي مرضي کان بغير ئي دنيا ۾ جنمي پوندا آهن، نه ته هو به شايد عورت بڻجي ڄمڻ پسند ڪن ها. مرد هجڻ جي باوجود به زنانو مزاج ٿا رکن!! تڏهن ته عورتن جي نالن سان جعلي اڪائونٽ ٺاهي جڳ کي ويٺا بيوقوف بڻائين." هُن ڄڻ ته پنهنجي اندر جي ٻاهه ٻاهر ڦٽي ڪئي. سندس ڳالهه مُشاهداتي هئي، هُو سوچڻ لڳو ته تيستائين ڪيس يقين ڏيارڻ جي لاءِ ميسيج ڪيو، "توهان بي فڪر رهو، مان ڇوڪري ئي آهيان."

مظهر اهو پڙهي جواب لکڻ ئي لڳو ته لائٽ هلي وئي ۽ رابطو ڪٽجي ويو. هُوءَ مظهر بابت پنهنجي ذهن ۾ خوبصورت خيال جوڙڻ لڳي، هن سان ٿيل مختصر گفتگو سندس من کي موهي وڌو هو.

ان کان پوءِ ٻه ڏينهن گذري ويا، عيني بار بار پنهنجي اڪائونٽ IDلاگ ان ڪيو پر مظهر حيات فيس بوڪ تي موجود نه هيو، نه ئي هن ڪا تصوير به ٽيگ ڪئي هئي. هُن جي من ۾ اُٿُل وڌڻ لڳي هئي. آهستي آهستي هوءَ شدت سان مظهر جي ڪمي محسوس ڪرڻ لڳي. اٺين ئي هفتو گذري ويو هو. عيني هن جي وال پروفائل چيڪ ڪرڻ لڳي، پر ڪيس مظهر پاران انهي هفتي جي ڪنهن به تاريخ تي ڪا به سرگرمي نظر نه آئي. هُو پهريان ئي پنهنجي زندگي مان خفا هئي، فقط مظهر جي ساٿ ڪيس جيئڻ لاءِ اتساهيو هيو. تنهن جو به اوچتو انهي فيس بوڪ تان غائب ٿي وڃڻ هن لاءِ وهُ جو وٺو ثابت ٿيو. بس هن تنگ ٿي نيٽ پڪو پهه ڪيَو ته هاڻي مان ڪڏهن به فيس بوڪ استعمال نه ڪنديس. سڀ فرادي آهن فيس بوڪ تي. وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪرڻ وارا پتڪڙا ماڻهو! احساسن کان خالي ڪندرن جهڙا!! وري من ۾ آيس ته نه نه سڀ ته هڪجهڙا ڪونه هوندا آهن. عيني کي ڪوڙسارا اهڙا خيال ايندا رهيا، پر پوءِ به ڪنهن پل ويٺي ويٺي هن جا هٿ حرڪت ۾ آيا ۽ هن فيس بوڪ تي پنهنجي ID کولي. IDکوليندي ئي هن جون اکيون اسڪرين تي اٽڪي رهجي ويون. اڄ مظهر پاران هڪ تصوير ٽيگ ٿيل هئي. مظهر پاران ٽيگ ٿيل تصوير ڏسي من سرهو ٿي ويس. تصوير ڏاڍي دلڪش هئي، هڪ اهڙي سڪي ويل وڻ جي تصوير، جنهن جي سڪل ٽارين منجهان ٻيهر نوان ساوا ساوا گونچ ڦُٽا. وري به اهو ئي زندگي جي جيئڻ جو احساس. ڪجهه ئي گهڙين ۾ مظهر حيات چيٽ روم ۾ ان لائين ٿيو ته عيني ڪيس يڪدم شڪايتي نياپو لکي موڪليو، "ڪٿ هيا اوهان. پاڻ کي آخرسمجهو ڇا ٿا"

مظهر ڪيس جواب لکي موڪليو، "مٽيءَ جي مُٺ! جنهن کي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهليو اٿم. جڳ ۾ هيس."

عيني کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي. جواب لکيائين، "اهو ئي فلسفو. ڇا پئي ڪيوَ هيترا ڏينهن؟"

مظهر لکي موڪليو، "جيئڻ جي لاءِ جاکوڙ. اهو هڪ ئي ڪم آهي مون تي... بس جيئڻ."

عيني جواب ٽائپ ڪري موڪليو، "ڇو ڀلا؟ دنيا ۾ ٻيا ڪم ختم ٿي ويا آهن جو اوهان رڳو جيئڻ تي."

مظهر جواب لکي موڪليو، "سڀ ڪم جيئڻ لاءِ ئي ڪبا آهن. پر مان فقط جيئڻ لاءِ جيان پيو."

عيني کي وري به ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي سو هن موضوع ئي مٽائيندي ڪيس لکي موڪليو، "يار اڄ ڏاڍي خوبصورت تصوير ٽيگ ڪئي اٿئو.... "Really very nice!

مظهر جواب اماڻيو، "جي مهرباني، اهو ئي هڪ وڻ. جنهن ۾ ٻيهر زندگي موٽي آئي. هو ٻيهر سائو ٿيڻ لڳو آهي."

عيني جواب ڏنو، "جي بلڪل، ماشا الله اوهان جون تصويرون ڏاڍيون زبردست هونديون آهن. پر يار مون کي سچي ۾ جيئڻ نٿو اچي. بس مون ته هڪ دفعو ئي جي ڏنو. جڏهن مون کي ڪنهن سان پيار ٿيو هو پر شادي ڪري ويتر پريشان ٿي پيس."

شادي واري لفظ تي الائي ڇو مظهر کي هلڪو جهٽڪو لڳو، سوال لکي موڪليائين، "اوهان شادي شده آهيو؟"

عيني جواب لکي اماڻيو، "جي، پر هاڻي نه گهر جي آهيان نه وري گهر واري جي."

مظهر ڳالهه کي پوري طرح سمجهڻ جي لاءِ سوال ٽائپ ڪري اماڻيو، "!Oh! Very sadجي جيڪڏهن اوهان بُرو نه سمجهو ته ڇا مان اهو ڄاڻي سگهان ٿو ته آخر ڇو اوهان سان؟"

عيني جواب لکي موڪليو، "جي، بُرو ڇا جو. حقيقت ڪٿي لڪائبي آهي؟ يونيورسٽي ۾ اسٽڊي دوران هڪ پروفيسر جي شخصيت مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو، بس ڪلي ڳالهايومانس ۽ ٿهي وياسين. مان به چڪر ۾ اچي هن سان شادي ڪري ڇڏي. عمر ۾ ته بابي جيڏو هيو پر مان ان جي پرواهه نه ڪئي."

مظهر سوال ٽائپ ڪري موڪليو، "ته پوءِ ته توهان کي ان سان گڏ هئڻ گهرجي ها، ڌار ڇو؟"

عيني جو جواب آيو، "بس understandingنه ٿي سگهي اسان ۾."

مظهر تجسس ۾ پوندي پڇيو، "ڇا جي understanding? "

عيني جواب موڪليو، "او، سڀ اڄ ئي پڇي ڇپ ڪندا شايد. بس پروفيسر صاحب ٻاهران جو شينهن ۽ اندر جو گدڙ هيو. ٺڪل هيو. هميشه گوڏا ڪوڙي ويهي رهندو هو."

مظهر کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. جواب لکي موڪليائين، "او، مطلب ته اڌ سفر ۾ ئي هٿ پٽي ڇڏيندو هو؟"

عيني جواب لکي اماڻيو، "او، اوهان ڪيترا ڪنا آهيو. جي، اوهان صحيح سمجهيو. خالي ڍبو هيو."

مظهر جواب لکي موڪليو، "اوهان به ته سوچيندا ڪيو. بس رڳو ظاهري ڏيکاءُ کي ڏسي اکن ڇڪن ٿي ويهنديون آهيو. پوءِ جڏهن پيٽ نه ڀربو اٿئو تڏهن وري. "

عيني جواب اماڻيو، "مظهر مان صفا اهڙي به ناهيان جو انهي مسئلي جي ڪري هن تان ڪک ڪٽان. اصل مسئلو هي هيو ته مان هن کان هضم نه ٿي سگهيس. شرمندگي جي احساس کان بچڻ جي لاءِ بهانا ڪري مون کي پنهنجي وڏي زال جي منهن ۾ ڏنائين. هن جي ذلت ۽ رويو مون کان برداشت نه ٿي سگهيو ۽ مون طلاق وٺي ڇڏي. منهنجي زندگي جو اهو وڏو الميو آهي ته مڙس جي گهر ۾ ڀاڄ ۽ پيءُ جي گهر ۾ ماٽيلي ماءُ. ائين سمجهو ته هڪ پاسي باهه ته ٻئي پاسي پاڻي."

مظهر جي اندر ۾ عيني جو ڏک لهي ويو، جواب لکي موڪليائين، "او، ويري سيڊ. ساري مون غلط پئي سمجهيو."

عيني جواب ٽائپ ڪري موڪليو، "اوڪي، هر ڪو ائين ئي سمجهندو. مردن جي معاشري ۾ زميني حقيقتون ڪير ٿو ڏسي؟ خير ان کي ڇڏيو. پر مظهر توهان وٽ ته جيئڻ جون ڪيتريون تصويرون آهن. توهان جون ڳالهيون به جيئڻ جهڙي جوت رکن ٿيون. توهان جهڙو حوصلي وارو ماڻهو مون ڪٿي به ناهي ڏٺو."

مظهر جواب اماڻيو، "جيئڻ ئي حوصلو آهي عيني."

عيني طنز ۾ لکيو، "جيئڻ، جيئڻ، جيئڻ. فقط جيئڻ ئي اچي ٿو اوهان کي؟"

مظهر جو جواب آيس، "ٻيو آهي به ڇا دنيا ۾ جيئڻ کانسواءِ جيئڻ لاءِ ئي ماڻهو ماڻهو کي ماري ٿو. جيئڻ لاءِ ئي ان کي دفنائڻ لاءِ قبرون کٽي ٿو. سڀ ڪجهه جيئڻ سان ئي جڙيل آهي."

عيني جواب ڏنو، "جي بلڪل، اوهان صحيح پيا چئو. پر يار اوهان جون سڀ تصويرون ناياب آهن. دل چاهي ٿي ته اوهان جي سڀني تصويرن جا پرنٽ ڪڍرائي پنهنجي ڪمري جي ڀتين تي سجائي ڇڏيان."

مظهر جواب اماڻيو، "جي بلڪل سڀ تصويرون خوبصورت. سواءِ منهنجي پنهنجي تصوير جي."

عيني جلدي ۾ لکي موڪليو، "او سنو ٿيو اوهان ياد ڏياريو. پليز اوهان پنهنجي ذاتي تصوير پروفائل تي رکو نه. . . .ڇوڪري ته ناهيو جو پاڻ کي لڪايو پيا."

مظهر جي من ۾ درد دکي اٿيو، "ساري، مان فيس بوڪ تي جيئڻ جون تصويرون رکندو آهيان. منهنجي تصويرن منجهان زندگي صبح جي پهر جيان جرڪندي نظر ايندي آهي. جڏهن ته منهنجي فيس پڪچر (چهري جي تصوير) ان جي اُبتڙ آهه مان نٿو رکي سگهان."

عيني کي يقين نه آيو، "ناممڪن، جنهن ماڻهو وٽ زندگي جون ايڏيون تصويرون هجن، جنهن ماڻهو ۾ جيئڻ جو عزم هجي. جنهن ماڻهو جي تصويرن ۾ زندگي محبوب کان وڌيڪ وڻندڙ هجي. اهو ماڻهو منهنجي خيال ۾ تمام حسين ئي هوندو. اصل زندگي ته ان جي چهري مان ئي نظر ايندي."

مظهر جواب موڪليو، "عيني، اوهان وري به غلط فهمي جو شڪار ٿي رهيون آهيو. اها حقيقت آهي ته زندگي جي باري ۾ منهنجو هر تصور ڪنوارو آهي. منهنجي اکين ۾ جياپو جرڪي ٿو. منهنجي هر تصوير ۾ جيئڻ ليئا پائي ٿو. منهنجي سوچ سمجهه، عقل ۽ شعور ۾ به زندگي آهي. پر منهنجي رت ۾ موت پنهنجو زهر ڀري ڇڏيو آهه. منهنجي چهري مان به موت ٿو نظر اچي. هڪ ناسور جنهن منهنجي چهري جي هڪ پاسي جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو آهي. ماڻهو پنهنجا چهرا پاڻ وڻائڻ لاءِ سجائي نڪرندا آهن. جڏهن ته مان ڌڪار ۽ نفرت کان بچڻ جي لاءِ پنهنجو چهرو ڪپڙي ۾ لڪائي ٻاهر نڪرندو آهيان. عيني، مان پنهنجي اهڙي Face-Pictureفيس بوڪ تي رکي ماڻهن جي ذهن ۾ خوف نٿو ڀري سگهان. بس مان اهو چاهيان ٿو ته هر ماڻهو جي من ۾ جيئڻ جو خوبصورت احساس هجي.اعتبار ڪيو ته مون کي به جياپي سان پيار آهي پر منهنجي مقدر ۾."

مظهر اهو سڀ ڪجهه لکي لائن آف ٿي ويو. عيني جي اکڙين منجهان اشڪباري جاري ٿي ويئي، ڄڻ مظهر جي کهاڻي پڙهي سندس روح ريزه ريزه ٿي ويو. ڪيس ڪينسر ۾ ورتل مظهر جو زندگي تي ويساهه، جيئڻ سان پيار ، ڄڻ همت ڏيڻ لڳي ٿو. هُوءَ سوچي ٿي، مظهر جو فيس (چهرو) ڀل ڪينسر بگاڙيو هجي، پر پوءِ به مُصيبت هن کان حوصلو کسي نه سگهي آهي. هو بهادر آهي. اهڙا ماڻهو واقعي به حياتي جو مظهر هوندا آهن، جن جي اندر ۾ موت پناهه وٺيو ويٺو هوندو آهه ۽ هُو جيئڻ جون ڳالهيون پيا ڪندا آهن.

salam3332565570@gmail.com

## درستگي

گذريل شماري ۾ سينئر شاعر سرمد چانڊئي جو نالو، 'سرمد سنڌي' ڇپجي ويو آهي- ان کي، 'سرمد چانڊيو' پڙهيو وڃي. اهڙي نظر جي چُڪ جي ڪري اسين سرمد چانڊيو کان ۽ شهيد راڳي سرمد سنڌي جي ڪٽنب کان معذرت خواه آهيون. (ادارو)

# دهشتگرد...



بشير احمد سومرو

فاروق هن کي ڏسندي ئي حيرت ۾ اچي ويو جو هو ڪيس بغير ٻڌائڻ جي هن جي گهر ڏانهن هليو آيو هيو. پهرين ته ڪجهه گهڙيون هو ٻئي هڪ ٻئي کي حيرت مان ڏسندا رهيا جو هو ٻئي پندرنهن سالن کان پوءِ مليا هيا پر پوءِ هو ڀاڪرين پئجي ويا جيتوڻيڪ فاروق هن کان تمام گهڻو ناراض هيو جو هو ڪيس بغير ٻڌائڻ ۽ موڪلائڻ جي ڪيناڊا هليو ويو هيو. انهن پندرنهن سالن جي عرصي دوران نه ته هن فاروق کي ڪو خط لکيو ۽ نه ئي ڪا فون ڪئي هن جي پيءُ فاروق کي هن جو نمبر ۽ ايڊريس ڏني هئي پر فاروق به ڏک ۾ ڳالهايس ئي ڪو نه. فاروق ته هن کي ڄڻ ته وساري ئي ڇڏيو هيو پر اڄ جو اوچتو مليا ته فاروق کان ڪاوڙ ئي لهي وئي ۽ ٻنهي جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. فاروق محسوس ڪيو ته ٻنهي جي وچ ۾ ڏک کان سواءِ ساڳيو ئي دوستيءَ وارو احساس موجود آهي جنهن تي انتهائي خوشي محسوس ڪيائين. فاروق هن کان حال احوال وٺڻ جي بدران ڪيس اوطاق ۾ ويهاري ٿورڙو وقت مهلت گهريائينس ته جيئن هو مانيءَ جو بندوبست ڪري سگهي.

فاروق جيئن ئي ٻاهر نڪتو ته هن جو ذهن ان وقت ڏانهن واپس هليو ويو جنهن سبب جي ڪري هو ڪيناڊا ڏانهن هليو ويو هيو. هن کي ياد آيو ته ڪيئن نه هو پنهنجي آفيس جو مين پرسن هيو. هن کان سواءِ آفيس جو ڪم ڪار ڄڻ ته ٺپ ئي هوندو هيو. هو آفيس ۾ بالا آفيسرن جو دادلو هوندو هيو ۽ ساڳئي وقت تي ڪلارڪ ۽ لوور اسٽاف به هن کان تمام خوش هوندا هيا. آفيس ۾ جڏهن به بالا آفيسر پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه يا شيئر تي اٽڪي پوندا هيا ته هي وري سيني آفيسرن ۾ ٺياڪڙي ڪندو هيو ۽ هر هڪ کي پنهنجي ڪم مطابق شيئر ڏياريندو هيو وري وڏي ڳالهه اها هئي ته هن کي آفيس جو ڪم ٽپس تي ياد هوندو هيو ۽ ڊرافٽنگ جو به ماهر هيو. هن جي اهڙي انداز کان متاثر ٿي ڪري نه صرف پنهنجي آفيس جا ڪلارڪ ۽ جونيئر آفيسر پر ٻي پاسي جي ٻين آفيسن مان به هن ڏانهن هليا ايندا هيا ته جيئن هن کان اهي گُرَ سکي سگهن جيڪي هو استعمال ڪندو هيو. پنهنجي پر ۾ هو ڄڻ ته هڪ لگزريس لائيف گذاريندو هيو ۽ هن جا ڪيسا سدائين پئسن سان پريل هوندا هيا جنهن جي ڪري هو ڪنهن کي به نه پائيندو هيو. هن جي اهڙي رويي کي سندس مائٽ مغروري سڏيندا هيا جو ڪنهن سان به فري نه ٿيندو هيو ۽ نه ئي انهن جي مسئلن جي وچ ۾ ايندو هيو. هن جا مائٽ سندس خلاف سازشون ڪرڻ لڳا پر وري سندس مائٽن جا ڏينهن به ڦرڻ لڳا.

هن کي ياد آيو جڏهن سنڌ ۾ ايم آر ڊيءَ جي موومينٽ کان پوءِ ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن جون فيڪٽريون لڳي ويون. ۽ اغوا ۽ ڀنگ جون وارداتون تيزيءَ سان وڌنديون رهيون ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻهراڙين ۾ هٿيار حد کان وڌي ويا ۽ سنڌ جون ٻهراڙيون بارود جي باه کان ٻرڻ لڳيون هيون، پهريان ڌاڙيلن جي حملن کان ۽ پوءِ ڌاڙيلن جي خلاف آپريشن کان. ٻهراڙين جا اڪثر ماڻهو اهڙي ٻٽي خوف کان بچڻ جي لاءِ شهرن جو رخ ڪرڻ لڳا. سندس شهر جي چوڌاري اڪثر زمينون هن جي مائٽن جون هيون جيڪي انهن پلاٽنگ ڪري ڪپايون ۽ ائين سندس مائٽ رات وچ ۾ امير ٿي ويا ۽ هر ڪوئي ڪروڙن ۾ ڪيڏڻ لڳو. هن جا مائٽ امير ته ٿي ويا پر اوچتي ايندڙ دولت جي ڪري انهن ۾ عياشي وڌي وئي خاص طور تي شاديءَ يا طوهر تي شراب يا عورتن جو رقص فيشن ٿي ويو پر وڏي ڳالهه اها هئي جو انهن جي عورتن به شراب پيئڻ شروع ڪيو هيو جنهن جي ڪري عورتون ۽ مرد گڏجي ڊانس به ڪندا هيا. سندس مائٽن جون عورتون ريشم گليءَ ۾ ڪپڙي ۽ سون وارن شاپس تي وڌ کان وڌ چڪر ڏيڻ لڳيون. ريشم گليءَ جي شاپس جي مالڪن هنن عورتن وٽ جو حد کان وڌيڪ دولت ڏٺي ته انهن هنن سان فيملي رستا رکيا ته جيئن اهي شادي مراديءَ ۾ هنن جي شاپس تان ئي خريداري ڪن.

اوچتو هن جي زبان مان بي اختيار لفظ نڪري ويا، ”ٿرڊ ڪلاس. ذليل،“ ۽ پوءِ ڏک مان هن جي اکين مان هڪ ٻه لڙڪ ڪري پيا ۽ سخت ڪاوڙ ۾ چيائين، ”هنن رذيلن جو ڪو ڪلاس ئي نه آهي.“

۽ وري يادن جو سلسلو هن کي ان گهڙي4 ڏانهن وٺي ويو جڏهن هو پنهنجي ننڍي سوٽ جي شاديءَ ۾ مهمانن جي خدمت ۾ مصروف هيو ته اوچتو ڪيس خيال آيو ته هو سوٽ جي گهر ڏانهن وڃي. هو جيئن ئي سوٽ جي گهر جي اندر داخل ٿيو ته هن جون حيرت ۾ اکيون ڦاٽجي ويون ۽ سخت ڪاوڙ ۾ هن جو جسم ڏڪڻ لڳو. هن ڏٺو ته هن جو وڏو سوٽ جيڪو شراب جي نشي ۾ هيو سندس گهرواريءَ کي ٻانهن کان وٺي عورتن ڏانهن گهلي رهيو هيو ته جيئن هوءَ ساڻس گڏ ڊانس ڪري. سندس وڏي سوٽ جي اهڙي رويي تي سندس گهرواري دانهون ڪري رهي هئي پر سندس وڏو سوٽ هن جي ٻانهن کي زوري مٿي ڪٽي ڪري ڪيس ڊانس جي لاءِ مجبور ڪري رهيو هيو. سندس وڏي سوٽ جي اهڙي رويي تي هو وڦلي پيو ۽ لوهه پائي سندس سوٽ جي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي وڏي رڙ ڪندي چيائينس، ”هٽ ڪڍ ذليل.“

هن جي اهڙي سخت ردعمل جي ڪري سندس وڏي سوٽ سندس زال جي ٻانهن مان هٿ ته ڪڍيو پر هو ساڻس وڙهڻ لاءِ الر ڪري آيس جو وچ ۾ عورتن پئي ٻنهي کي ڇڏايو. سندس سوٽ هن سان ان وقت ئي ڀيت برادري ختم ڪري ڪيس ڪاڄ مان ئي ٻاهر ڪيرائي ڇڏيو. هن سان صرف اها جٺ نه ٿي پر سندس مائٽن به هن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو جو انهن وٽ مردن ۽ عورتن جو گڏجي ڊانس ڪرڻ ته فيشن ٿي چڪو هيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن جي سوٽ سندس چوري ڪرائي جنهن ته هن کي صفا بر ڪري ڇڏيو. هن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هو ڇا ڪري؟ انهيءَ ڏک ۽ ڪاوڙ مان هو گهر کان ٻاهر وڃي رهيو هيو ته ڪيس هڪ پراڻو دوست مليو جنهن کي پنهنجو سڄو مسئلو ٻڌايائين. سندس دوست صلاح ڏيندي چيس، ”يار، هاڻي هي شهر تنهنجي رهڻ کان ويو. تون ڪيناڊا لاءِ تيار ٿي.“

”ڪيناڊا ڏانهن!“ هن دوست کان حيرت مان پڇيو.

”ها.“ سندس دوست مختصر جواب ڏنس.

دوست سمجهايس، ”يار، توکي ڪيناڊا تائين پهچائڻ جي لاءِ هر ملڪ ۾ اسان جا ايجنٽ رهنمائيءَ جي لاءِ موجود هوندا ۽ ڪيناڊا جي نيشنلٽي به وٺي ڏيندا ۽ پوءِ ڪيناڊا جي آزاد فضائن ۾ رهه جتي نه مٽ هجي ۽ نه مائٽ ۽ نه ئي پريشاني.“

هن به دوست جي آفر کي غنيمت ڄاڻندي ڪيس ٽڪيٽ ۽ خرچ جا پيسا ڏنا ۽ پاڻ ارجنٽ پاسپورٽ ٺهرائڻ لاءِ ويو. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هن جي ٽڪيٽ اوڪي ٿي وئي. هو جهاز جي ذريعي لنڊن ۽ لنڊن کان ڪيناڊا ڏانهن ٻيڙي جي ذريعي هليو ويو ۽ جلد ئي پنهنجا زال ۽ هڪ سال جي ڌيءَ کي گهرائي ورتائين.

هن اهو سوچيندي وري اوچتو سخت نفرت ۽ ڌڪار مان لفظ ڪڍيا، ”جيڪڏهن منهنجو سوٽ اهڙي ذليل حرڪت نه ڪري ها ته مان اڄ هتي بهترين زندگي گذاريان ها.“

هن جي اکين آڏو اهو درد ڀريو منظر تري آيو جيڪو هن ڪيناڊا ڏانهن وڃڻ مهل محسوس ڪيو هيو. هن وري به پنهنجي منهن سان چيو، ”اهو درد يا عذاب اهو ئي محسوس ڪري سگهي ٿو جيڪو پنهنجي ملڪ کان دور رهي ٿو. ڪيناڊا ٻاهران ته هڪ جنت مثل آهي پر اتي رهڻ کان پوءِ اهو ملڪ ڪنهن دوزخ کان گهٽ به نه آهي.“

هن کي اها گهڙي ياد اچي وئي جڏهن سندس دوست ڪيس لنڊن جون ٻه ٽڪيٽون هٿ ۾ ڏئي ۽ اک هٽندي چيائينس، ”يار، تون پنهنجي ماءُ جو علاج ڪرائڻ جي لاءِ لنڊن وڃي رهيو آهين.“

هو به ڪليو جو هن کي مائٽن جي رويي صفا توائي ڪري ڇڏيو هيو. جڏهن هو ڪراڙيءَ سان گڏ لنڊن پهتو ته اتي سندن انتظار ۾ ايجنٽ ويٺو هيو جنهن ٻنهي کي ڪار ۾ ويهاريو. پهريائين ڪراڙيءَ کي لنڊن جي هڪ لوڪل هاسپيٽل ۾ ايڊمٽ ڪرايو ۽ هن کي ساڻ ڪري هڪ ڳجهي هنڌ ڏانهن هلڻ لڳو. لنڊن مان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ايجنٽ هن کي آئرلينڊ جي سامونڊي ڪناري تي پهچايو ۽ هڪ لانچ جي ذريعي هن کي گهري سمنڊ ۾ هڪ ٻيڙي ۾ چاڙهيو. ڪجهه ئي ڪلاڪن کان پوءِ ٻيڙو ميڊيٽيرين سمنڊ ۾ هلڻ لڳو ۽ سڌو ائٽلانٽڪ سمنڊ جو رخ ڪيائين. ڪيناڊا ڏانهن ٻيڙي ۾ سفر انتهائي خوفناڪ ۽ خطرناڪ هيو جو هو پنهنجي زندگيءَ تان ئي آسرو لاهي ويهي رهيو هيو. هن کي ان وقت ڪنهن به شخص کان جيڪڏهن سخت نفرت هئي ته اهو هيو هن جو سوٽ جنهن هن سان اهڙي تعدي ڪئي جو ان وقت هن محسوس ڪيو ته مون کي منهنجي جنت مان ڪڍڻ وارو دشمن منهنجو ئي سوٽ هيو. هن کي سخت خوف وڪوڙي ويو هيو پر وري به شڪر ٿيو جو هن وانگر پنهنجي زندگين تان هٿ ڪنيل ڪجهه سرائيڪي بيلٽ ۽ پنجاب جي ٻهراڙين جا ڪجهه ماڻهو به ان ٻيڙي ۾ سوار هيا جن سان ڳالهائي هن من جو بار

هلڪو ٿي ڪيو. هو اڃا وچ سمنڊ ۾ ئي هيا جو ڪين خبر پئي ته ترڪيءَ مان هڪ ٻيڙي ذريعي غير قانوني ماڻهن کي اٽليءَ جي سامونڊي ڪناري ڏانهن نيو پئي ويو پر اهو ٻيڙو ڪمزور هجڻ جي ڪري ٻڏي ويو ۽ ان ۾ موجود اڪثر ماڻهو جيڪي هن وانگر غير قانوني طريقي سان چڙهيل هيا اهي ٻڏي ويا. انهن ۾ اڪثريت پاڪستانين جي هئي، اها خبر هن جي مٿان ڏڪڪي وانگر گذري پر سوٽ جي رويي کان سخت نفرت هجڻ جي ڪري هو برداشت ڪري ويو. هن کي ياد آيو ته ان سامونڊي سفر جي دوران اوچتو سمنڊ ۾ طوفان لڳڻ شروع ٿي ويو ته هن سمجهيو ته اٽليءَ ڏانهن ويندڙ ٻيڙي وانگر هي به بدنصيب ٻيڙو وڏين سامونڊي لهرن جي نذر ٿي ويندو ۽ اسانجا جسم وري شارڪ مڇين جي حوالي ٿي ويندا. اهو منظر اکين آڏو ڦرندي ئي هن جي زبان مان لفظ نڪري ويا، ”ٿرڊ ڪلاس، منهنجي خوشين جو قاتل.“

هن جي يادن جو سلسلو وري به اتان ئي جڙي ويو ۽ هن کي ياد آيو ته طوفان جي جهڪي ٿيڻ کان پوءِ ٻيڙي جو رخ ڪيناڊا جي سمنڊ ڏانهن ٿيو ۽ هن جي ذهن تان به موت جو خوف لٿو. جڏهن ٻيڙو ڪيناڊا جي ٻيٽ نووا اسڪوٽا پهتو ته اتي ايجنٽ ملي ويس جيڪو هن کي ڪار ۾ ڪٽي ڪنهن اڻ ڄاتل هنڌ ڏانهن هلڻ لڳو. ڪجھ ڏينهن جي آرام کان پوءِ ايجنٽ هن ڏانهن ڪجھ ڊاڪيومينٽس ڪٽي آيو جنهن تي هن کان صحي ورتائين ۽ ڪيس ٻڌايائين ته جلد ئي تو کي هتان جي نيشنلٽي ملي ويندي ۽ پوءِ تون قانوني طور تي سروس به وٺي سگهندين ۽ پنهنجي زال کي به گهرائي سگهندين.

هن کي نيشنلٽي به ملي وئي ۽ هن پنهنجا زال ۽ ڌيءُ کي گهرايو پر اڄ جڏهن هو ڪين سنڌ هلڻ لاءِ ٿو چوين....... هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ سخت نفرت مان چيائين، ” منهنجي سوٽ مون سان وڏي دشمني ڪئي آهي. ٿرڊ ڪلاس.“

اڃا هن اهي لفظ چئي بس ڪيا ته فاروق ڪلندي پڇا ڪيس، ”يار ڪمهن کي تو ٿرڊ ڪلاس چوين.“

هن اکين جا لڙڪ ٽشو سان اگهندي چيو، ”يار، انهن کي ٿو چوان جن مون کي لڏڻ تي مجبور ڪيو هيو.“

”اڙي يار، مائٽ ۽ دوست هوندا ئي ان لاءِ آهن ته اهي اسان کي پريشان ڪن.“ فاروق مسڪرائيندي چيس جو هن سان به هڪ دوست وڏي ڪري ويو هيو. هو جنهن دوست جو بينڪ جي قرض جو گارنٽيئر ٿيو هيو، سندس اهو دوست آفيشيل حرامپائيءَ سان پگهار وٺندو رهندو هيو ۽ ڪا به قسط نه ڪٽرائي. اوچتو سندس دوست جو وارنٽ نڪتو، سندس اهو دوست ته فرار ٿي ويو پر فاروق کي پوليس اريسٽ ڪري حيدرآباد جيل پهچايو جتان هو ٽن ڏينهن کان پوءِ ضمانت تي آزاد ٿيو هيو. ان ئي پس منظر ۾ فاروق هن کي اهي لفظ چيا.

”يار، منهنجي مائٽن مون کي ته جيئري ئي قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان هر روز قتل ٿيندو ٿو رهان ۽ اها پريشاني منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿيندي ٿي وڃي.“ هن ڪيناڊا ۾ پنهنجي فيملي لائيف جي درد جي پس منظر ۾ فاروق کي ٻڌايو.

”يار، تنهنجي مائٽن کي تنهنجي اسٽيٽس کان ته ساڙ وٺي ويو آهي ۽ چون پيا ته اسان کان وڏي غلطي ٿي وئي جو هن کي ڪيناڊا جهڙي جنت ڏانهن وڃڻ جو موقعو ڏنوسين.“ فاروق هن کي دلجاءِ ڏيندي چيو.

”ڏوڙ جو اسٽيٽس!“ هن سخت ڪاوڙ مان چيو.

فاروق هن جي چهري تي سخت ڪاوڙ ۽ نفرت جا آثار ڏسندي خاموش ٿي ويو پر وري به هن پنهنجي دوست کان پڇڻ لاءِ پنهنجا چپ مس چوريا ته هن چيس، ”يار، مان جنهن عذاب مان گذري رهيو آهيان ان جو صرف جي درد محسوس ڪرين ته به ڇرڪجي وڃين.“

”خير ته آهي نه.“ فاروق هن کان حيران ٿيندي پڇا ڪئي جو هن ٽي وي ۽ اخبار ۾ اهڙي قسم جا مسئلا ٻڌا ۽ پڙهيا هيا خاص طور تي هندستان ۽ پاڪستان جون فيمليون يورپ ۽ آمريڪا وارن ملڪن ڏانهن ايڊجسٽ ڪري نٿا سگهن يار وري هن اڪيلي کي ڊپورٽ ڪيو اٿائون جو هو اهڙي عذاب جي ڳالهه ڪري پيو.

”يار، مون سان مائٽن ايڏي ته جٽ ڪئي آهي جو نه ته مان جي سگهان ٿو ۽ نه ئي مري سگهان ٿو.“ هن پنهنجي وارن کي مٺ ۾ زور سان پڪڙيندي چيو.

”اهو ته صحيح آهي پر آخر ڳالهه ڪهڙي آهي؟“ فاروق کان هن کان تڪڙ ۾ پڇيو.

”يار، جي سچ پڇين نه، ته ڪيناڊا بي حد خوبصورت ملڪ آهي پر اسان جهڙن لاءِ جهنم کان گهٽ نه آهي خاص طور تي جيڪي فيملين سان اتي رهن ٿا.“ هن فاروق جو هٿ زور سان پڪڙيندي ٻڌايس.

”اوهان جهڙن لاءِ جهنم! سو وري ڪيئن؟“ فاروق هن کان پڇيو جو هن ڪيس هن وقت تائين نه ته ڪيناڊا جي ڪلبن، شراب ۽ گورن جو جسمن جي ڳالهه ئي ڪا نه ٿي ڪيس.

”ڪيناڊا جي آزاد ماحول منجهائي وڌو.“ هن ڪيس جواب ڏنو.

فاروق کي هاڻي سمجهه ۾ اچڻ لڳو ته هن سان ٻڪو سمجيده فيملي مسئلو ٿيو آهي پر پنهنجي پياري دوست کان ڪيئن پڇا ڪري تنهن هوندي به هن دل ڪري پڇا ڪيس، ”آزاد ماحول اوهان کي ڪيئن منجهايو؟“

”يار، ڪيناڊا ۾ هر ٻار کي هيلٿ، سڪيورٽي ۽ ايجوڪيشن الائونس حڪومت ڏيندي آهي،“ هن ڳيت ڏيندي ڏڪوئيندڙ آواز ۾ چيو، ”... ۽ ڪين اسڪول ۾ سمجهايو ٿو وڃي ته هي الائونس اوهان کي حڪومت ٿي ڏئي نه ڪي اوهان جا والدين.“

” يلا، ان جو اتان جي معاشري تي اثر پوي ٿو ڇا؟“ فاروق ڪانئس پڇيو جو ڪيس خبر هئي ته ناروي، سويڊن ، نيوزيليند ۽ آمريڪا جي طرف امير ملڪ اتان جي ماڻهن کي بيروزگاري ۽ ايجوڪيشن الائونس ڏيندا آهن.

”حڪومت جي اهڙي رويي جي ڪري شاگردن ۾ آزاديءَ جو رحجان وڌي ويو آهي جنهن جي ڪري اهي شاگرد پيءُ ماءُ جي ڪنٽرول کان نڪري پنهنجي آزاد زندگي گذارين ٿا.“ هن فاروق کي معصومانه انداز ۾ ٻڌايو.

”ڪينيڊين حڪومت جي اها پاليسي ته سيني جي لاءِ هوندي نه؟“ فاروق هن کان پڇا ڪئي.

”ها پر.“ هن فاروق کي ڪجھ چوڻ پئي چاهيو پر رڪجي ويو.

”يار، اوهان فارينر ڪيناڊا جي ماحول ۾ ايڊجسٽ ڇو نه ٿا ٿي وڃو؟ ڏسو نه جيئن هتي اسان بلوچن، مهاجرن، پنجابين ۽ پٺاڻن تي زور پريندا آهيون ته اهي سنڌي ٿي وڃن.“ فاروق هن کي سنڌ جو مثال ڏيندي سمجهايو ته جيئن هو به اتي ڪينڊين ٿي رهي.

”يار، دراصل اسان جهڙن ماڻهن کان ڪيناڊا جي حد کان وڌيڪ آزادي هضم نه ٿي ٿئي.“ هن فاروق کي پنهنجي اصل مجبوري ٻڌائي.

”يار ڪٿي اوهان جا ٻار وڏا ته نه ٿي ويا آهن؟“ فاروق هن کان نج ذاتي سوال ڪيو پر ساڳئي وقت تي ٿورو محتاط به رهيو جو ڪيس خبر هئي ته هندستان ۽ پاڪستان جي فيملين کي اهڙي قسم جا پرابلمس فيس ڪرڻا ٿا پون.

”يار، اهو ئي ته ڏک مون کي اندران ئي اندران کائي ويو آهي.“ هن فاروق جو هٿ پڪڙيندي ڏک مان چيس.

”خير ته آهي نه؟“ فاروق حيرت مان پڇيس جو ڪيس خبر هئي ته يورپ يا آمريڪا ۾ ٻارن جي حوالي سان سخت قانون آهي.

”يار، منهنجي ڌيءُ سترهن سالن کان ٽپي هلي آهي ۽ ڪيناڊا جا ماحول کان ٿورو ڪي گهٽو تون به واقف هوندين ته اتي سيڪس، شراب ۽ ڊسڪو ڪلب ۾ وڃڻ لاءِ ڪنهن کي به روڪي نه ٿو سگهجي. هوئن ته سورنهن سالن جي ڇوڪري يا ڇوڪري کي بواءِ يا گرل فرينڊ نه هجي ته انهن کي ٻيا دوست ٺوڪيندا آهن ته اوهان اناڙي آهيو پر مان پنهنجي ڌيءُ کي لڳاتار ليڪچر ڏيندو رهيو آهيان ته جيئن هو پنهنجي عزت محفوظ رکن پر ڪيترو وقت،“ هن جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا ۽ چوڻ لڳو تون ٿو چوين ته منهنجا مائٽ منهنجي اسٽيٽس کان سڙن ٿا. هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته منهنجي ڪاوڙ حق آهي نه.“

”پوءِ به اوهان پنهنجي ڌيءُ ۽ ٻين ٻارن کي ٿورو محتاط انداز ۾ روڪڻ جي ڪوشس ته ڪيو ها نه.“ فاروق وري ڪيس صلاح ڏني.

” يار، مان ته سمجهائيندو ٿو اچان پر ڪافي ڏينهن اڳ مان گهر ۾ وسڪيءَ جي بوتل ڏٺي جنهن کان پوءِ مون کي شڪ ويهجي ويو ته ڪٿي منهنجي ڌيءُ ته پيئڻ شروع نه ڪيو آهي.“ هن روئندي فاروق کي ٻڌايو ته فاروق به ڪيس پاڪر پائي دلجاءِ ڏنيس.

”جيڪڏهن اوهان کي شڪ آهي ته پوءِ پنهنجي ڌيءُ جي شادي ڇو نه ٿا ڪرايو پوءِ هتي يا اتي ئي ڪيناڊا ۾ ئي سهي.“ فاروق هن کي صلاح ڏيندي چيو.

”يار، ڪيناڊا ۾ حد کان وڌيڪ آزاديءَ جي ڪري اسان جا ڇوڪرا پنهنجين ڇوڪرين سان شاديءَ کان لهرائين ٿا ۽ ٻيو ته هو امير گورين ڇوڪرين کي ترجيح ٿا ڏين ته جيئن هو پنهنجي زندگي عياشيءَ سان گذاري سگهن.“ فاروق ڪيس هتان ويل ڇوڪرن جي نفسيات ٻڌايس.

”پوءِ هتي ڇو نه ٿا شادي ڪرايوس.“ فاروق ڪيس صلاح ڏيندي چيس.

” يار، اها ڳالهه رٿي ڪري پنهنجي وائيف کي پنهنجي شهر ڏانهن واپس هلڻ لاءِ چيو پر.“ هن فاروق کي ڪجھ چوڻ چاهيو پر رڪجي ويو.

” يار، ان جي لاءِ ڪنهن بهاني جي ضرورت هئي نه.“ فاروق سمجهائيند پڇيس.

”يار، منهنجي سس گذاري وئي هئي ان موقعي کي غنيمت ڄاڻندي پنهنجي وائيف کي چيم ته واپس هلون ته جيئن تنهنجي ماءُ جي فاتح به پڙهون ۽ چڪر جو چڪر به ٿي وڃي.“ هن چيو، ”خبر اٿئي ته هن ڇا جواب ڏنو.“

”ڇا جواب ڏنائين؟“

”منهنجي وائيف چيو ته ماءُ منهنجي هئي تنهنجي

ڪو ٿورئي هئي. جڏهن مان ئي نه ٿي وڃان ته تون زور چو ٿو ڀرين؟" مان هن کي ڪجهه به نه چئي سگهيس جو ڪيناڊا جي آزادي وچ ۾ اچي وئي."

"پوءِ ڪو مقامي طريقو اختيار ڪرين ها نه." فاروق ڪيس هتان جي حرفتن جي حوالي سان صلاح ڏنس.

"اوهان صحيح ٿا چئو پر خوف ٿو ٿئي ته ڪنهن ڏچي ۾ ڦاسي نه پوان." هن فاروق کي نماڻائيءَ سان چيو.

"يار، هي ته وڏو گنڀير مسئلو آهي." فاروق مسئلي جي سنجيد گي سمجهندي چيو.

"اهو ئي ته سبب هيو جو مان اسٽريس ۾ هليو ويو هيس پر ان اسٽريس کي هلڪو ڪرڻ جي لاءِ مان سينٽ لارينس درياءَ جي ٻيٽ ڊي سوئيرس ڏانهن هليو ويس. اتي مان ڪجهه رليڪس ٿيس ۽ مون کي خيال آيو ته جيڪڏهن مان ئي ويهجي ويس ته پوءِ منهنجي ڌيءُ جو ڇا ٿيندو." هن فاروق کي پنهنجي مجبوري ٻڌائي.

فاروق ڪجهه گهڙيون ته هن جي ڏک ۾ شامل رهيو پر وري هن جو هٿ پڪڙيندي چيائين، "يار، پاپيءَ کي ته سمجهائين ها."

"هڪ ته منهنجي وائيف مونٽريال جي هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ نوڪري ٿي ڪري جنهن جي ڪري هوءَ مون تي ڊپينڊ ئي نه ڪندي آهي پر تنهن هوندي به آچر واري ڏينهن مان پنهنجي وائيف کي چيو ته اسان جا ٻار وڏا ٿيندا پيا وڃن جنهن جي ڪري منهنجي پريشاني وڌندي ٿي وڃي خاص طور تي ڌيءُ جي." هن فاروق کي پنهنجي اصل ڳالهه ٻڌائي.

"پوءِ پاپيءَ ڇا جواب ڏنو؟" فاروق ڪانئس پڇا ڪئي.

"منهنجي وائيف گهبرائيندي پڇيو ته تنهنجو اصل مقصد هي آهي ته پنهنجي شهر ڏانهن واپس هلون." هن فاروق کي پنهنجي وائيف سان ٿيل ڳالهه ٻڌائڻ شروع ڪئي.

"اموشنل ٿيندي چيومانس ها. پنهنجي شهر. هن ڇا ڪيو جو هڪ دم سيني ٻارن کي هال ۾ ويهاري ڇيو ته توهان پنهنجي ابوءَ کان پڇو ته هو ڇاٿو چوي؟" هن روئڻهارڪي انداز ۾ ٻڌايس.

"ڇٻو ته پاپي ٻارن کي پڙڪائي وٺي آئي هوندي." فاروق هن کان پڇا ڪئي.

"پهريون ته مان سمجهيو ته منهنجي وائيف مون واري ڳالهه کي اهميت ڏني آهي تڏهن ئي ته ٻارن کي هال ۾ ويهاريو اٿس." اهي لفظ چوندي وري هن کان ڳوڙها ڪري پيا.

"پوءِ ٻارڙن ڇا پڇيو اوهان کان؟" فاروق به ڪانئس تڪڙ ۾ پڇيو.

منهنجي وڏي پٽ ۽ ڌيءُ مون کي چيو، "ابو، امي ڇا پئي چئي ته اسان واپس سنڌ ٿا هلون؟"

"مان تڪڙ ۾ اموشنل ٿيندي جواب ڏنو ته ها."

"پر اسان جي اسٽڊيءَ جو ڇا ٿيندو؟" منهنجي پٽ پڇا ڪئي.

"مان توهان کي ڪراچيءَ، لاهور يا اسلام آباد جي ڪنهن بهترين اداري ۾ داخلا وٺي ڏيندس ته جيئن اوهان پنهنجي اسٽڊيءَ کان به محروم نه ٿيو."

"مان ته نه هلندس." منهنجي پٽ مون کي ٺپ جواب ڏيندي چيو ۽ منهنجي ڌيءُ به سُرُ ملايس."

"مان اوهان کي ڪيناڊا وٺي آيس ۽ هاڻي مون کي ئي جواب ٿا ڏيو." مان اموشنل ٿي ويس.

"ابو، اوهان ڪيناڊا جي آزاديءَ کان گهبرائجي ويا آهيو نه؟" منهنجي ڌيءُ منهنجي نفسيات کي سمجهندي چيو.

"مان سخت توائي ٿي ويس پر ڪجهه جذبات تي ڪنٽرول ڪري ويس جو مان هنن کي ڪجهه ڪري به نه ٿي سگهيس."

منهنجي پٽ مون کي چيو، "اوهان کي اهڙو ئي خوف هيو ته پوءِ هيڏانهن ڇو آيا؟"

"هن جو ائين چوڻ ۽ مان اُلر ڪري ڏانهن ڀڄس ته هو به ٻاهر ڀڄو ۽ ڀويان سڀ گهر جا ڀاتي به ڀڄندا آيا." اهي لفظ چوندي هن جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا.

"اوهان ايترا اموشنل نه ٿيو ها نه." فاروق هن جي هٿ کي پڪڙيندي چيو.

"بس يار، منهنجي اها ئي ته وڏي غلطي هئي. هاڻي ڇا ٿو ڪري سگهجي." هن ڪيس پنهنجي بيوسي ڏيکاريندي چيس.

"پوءِ ڇا ٿيو؟" فاروق تجسس مان پڇا ڪيو.

"منهنجي پٽ فليٽ جي گيٽ کان ٻاهر نڪرندي شائوٽنگ ڪندي چيو ته ماءِ فادر از ٽيررسٽ." هو اها ڳالهه ڪري سڏڪن ۾ پئجي ويو.

"پوءِ پر وارن فليٽ مان ته ماڻهو نڪري آيا هوندا!" فاروق حيرت مان پڇا ڪيس.

"منهنجي پٽ جي شائوٽنگ تي پاڙي وارا نڪري آيا ۽ انهن کي ڏسندي منهنجي پٽ چوڻ شروع ڪيو ته منهنجو پيءُ دهشتگرد آهي ۽ هن جو تعلق القائده ۽ طالبان سان آهي. هي اسان کي پاڪستان جي قبائلي علائقن ڏانهن وٺي دهشتگرديءَ جي ٽريننگ ڏيارڻ چاهي ٿو ۽ اسان کي دهشتگرد بنا؟ڻ ٿو چاهي." هن جي سڏڪن ۾ اضافو ٿي ويو.

"پوءِ اتي بيٺل ماڻهن جو تاثر ڇا هيو؟" فاروق به هن کان ڏکاري انداز ۾ پڇا ڪئي جو هو به هاڻي هن جو درد سمجهي ويو هيو.

"پر پاسي جي فليٽن مان جو ماڻهو نڪري آيا ته مان گهبرائجي ويس ۽ خاموشي اختيار ڪئي.." هن فاروق کي حيرت مان ٻڌايو.

"انهن جو رد عمل ڇا هيو؟ انهن تو ڪي ڪجهه چيو ته نه!" فاروق وري به تجسس مان پڇيس.

اتي بيٺلن مان هڪ ڪينيڊين چيو، "مان اوهان کي چيو هيو نه ته هي پنهنجي ٻارن کي ضرور القائده يا طالبان جو دهشتگرد ڪندو ۽ ڏسو ڪيئن نه هن جا ٻار شائوٽنگ پيا ڪن."

"مان دوزخ جهڙي ڪيناڊا مان نڪري آيس ته ڪٿي دهشتگرديءَ جي ڪيس ۾ نه ڦاسي پوان!" هن حيرت مان ٻڌائيندي چيو پر ڳوڙهن جي برسات شروع ٿي وئي.

فاروق هن کي ڪجهه چوڻ پيو چاهيو پر هن ڪيس چيو، "يار، هاڻي ته مان دهشتگرد اهيان ۽ مان ڪيناڊا واپس ڪيئن ويندس پر جي وڃان به ته پوءِ باقي زندگي ڊپريشن ۾ گذاريندس جنهن کي منهنجا مائٽ اسٽيٽس ٿا سڏين."

فاروق هن جي اهڙي جملي تي ڏک ۽ حيرت مان ڪيس تڪيندو رهيو جو هن کي وڌيڪ سمجهه ۾ ئي نه آيو ته ڇا چويس ۽ ائين اوطاق ۾ موت جهڙي خاموشي ڇانئجي وئي. ■

# غزل

## سجاد مهر

جَڏهن سُونهن پاسي، صَدي ٿي نِهاري،
لَڳي ٿو بَدن ڏي، نَدي ٿي نِهاري.
جَوانيءَ جا جُگنو، اجهامن ٿا جڏهين،
وَيلَ وقت ڏي ڪا، وَڏي ٿي نِهاري.
وَڃي روحُ پنهنجو، تڏهن ٿو رهڙجي،
ٻرهَ ڏي جڏهن ڪا، ٻَدي ٿي نِهاري.
ڇَسي شاعري جو پَني ۾ ٿو پيٽي،
ٿِلي ٽوڪريءَ مان، رَدي ٿي نِهاري.
مَٽي ۾ لڳي ويا، رُڳو رولو رهبر،
تَڪي ٿي تَقاضا،ٻَڌي ٿي نِهاري.
پره پيي تڏهن ٿي ڪا پوشاڪ پَهري،
هَوا جي ڏکڻ کان تَڏي ٿي نهاري.

*

## فراخ جانوري

نينهن نروار ٿي پيو آهي
ڏاڍو تڪرار ٿي پيو آهي
مشڪلاتن ۾ هن حياتيءَ جو
عشق آڌار ٿي پيو آهي
هن کان وڇڙي وجود ئي پنهنجو
ڄڻ گنهگار ٿي پيو آهي
ڪوئي من کي ڪري ويو ميرو
ڪوئي سينگار ٿي پيو آهي
جنهن کي پنهنجي مون ڍال ٿي سمجهو
سوئي اڄ وار ٿي پيو آهي
تنهنجون ڪافر اکيون ڏِسي ڪوئي
دين کان ڌار ٿي پيو آهي.

*

## هدايت ڏيپر

مقتول وڪامي ويا قاتل به وڪامي ويا
پاڳل نه وڪاڻو ڪو عاقل نه وڪامي ويا
هن ٻاک جي آسن جا ٻيڙا به ٻُڏي ويا سڀ
ويساهه سمندر جا ساحل به وڪامي ويا
هن قوم جي خوابن جا اڱواڻ هئا جيڪي
ڪامل وڪامي ويا عامل به وڪامي ويا
هن ڀونءِ جي جَرَ ۾ ٿا روح سوين سڏڪن
جو سون بزارن ۾ باطل به وڪامي ويا
سڀ چونئرا ٿيا خالي ويران سيئي وستيون
هن وقت جي ليڊر جان بادل به وڪامي ويا
انصاف پيو سڏڪي مس پَنو به پيو تڙپي بيداد
جي نگري جا عادل به وڪامي ويا. ■

# مختصر ڪهاڻيون...



منور ڪيهر

## ڪتاب جي مهورت...

”بابا، بابا سياڻي ’سندي‘ آهي. اسان کي لاڙڪاڻي گهمائڻ وٺي هلندؤ نه؟“ منهنجي پوٽي دانيءَ منهنجي ڪمري ۾ اچي چيو.

داني منهنجو ننڍو پوٽو آهي. سندس نالو ته دانيال آهي. پر پيار مان ڪيس داني سڏيندا آهيون.

”پٽ، سياڻي ته لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڪتاب جو مهورت آهي. دعوت ملي آهي.“ مون ڪانئس جان ڇڏائڻ جي ڪئي.

”پوءِ بابا مونکي به وٺي هلجو نه؟“ پوٽي معصوميت مان چيو.

”چڱو، ڏسبو.“ مون هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

❊

نظاماڻي هال جي مين گيٽ تي گتي مٿان، ڪاري مارڪر سان ڪتاب جي مهورت جو پروگرام 10 وڳا صبح جو ڄاڻايل هو. ۽ هاڻ اچي ٻارنهن ٿيا هئا. هيڪڙ-ٻيڪڙ اديب هيڏي هوڏي ڦيراٽيون پائي رهيا هئا.

ڇڪي تاڻي پروگرام شروع ٿيو.

”شاعري ۾ دم ئي ناهي.“ هڪ نقاد چيو.

”ڪتاب جي ڇپائي، پنو ۽ بائينڊنگ ردي آهي.“ ٻي تقرير ڪندڙ چيو.

”شاعري لاءِ ردم، عروض يا ڇند وديا ضروري آهي. پر هن ڪتاب ۾ شاعر ڪنهن به ڳالهه جو اونو نه رکيو آهي.“ ٽين ڇڻي چيو.

داني منهنجو پوٽو ڏاڍو ذهين ۽ سوچيندڙ ٻارڙو آهي. هر تقرير غور سان ٻڌندو رهيو. شاعر صاحب مهرباني ڪري مونکي ڪتاب جي اعزازي ڪاپي ڏني.

اها دانيءَ جي هٿ ۾ هئي.

پروگرام ڪاڙهي تتي ۾ پورو ٿيو. ۽ اسين به ڳوٺ جي بس گسي وڃڻ جي ڊپ کان بس اسٽاپ تي پهتاسين.

اڃا بس هلڻ ۾ ڪجهه لمحا باقي هئا. اسان ڪمند واري ڪان به گلاس ڪمند جي رس جا ورتا.

”بابا، ڪتاب ايڏو ردي هو ته پوءِ ڇپايو ڇو ويو؟“ داني رس جو گلاس وات تي چاڙهيندي چيو.

”...“

”اهو سڀ ڪجهه ته ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ چيو وڃي ها.“ داني معصوميت مان يڪ ساهيءَ چئي ويو.

آئون ننڍڙي جي ڏاهپ تي حيران ٿي ويس. ۽ ڪيس ڪابه ورندي ڏئي نه سگهيو مانس.

❊

## پوءِ مان ٻڌل نه آهيان...

وڏيرو وريام خان اڄ سوير ئي اوطاق تي پهتو آهي. ۽ پنهنجي سوٽ وڏيري سرتاج احمد خان ڏي نياپو موڪلي، ڪيس گهرائي ورتو آهي.

وڏيرو سرتاج احمد خان ائين ئي گوڏ گنجيءَ ۾ اوطاق تي پهتو. اوطاق ٻنهي جي گهر جي پرسان ئي آهي.

”ڇو وڏيرا وريام خان خير ته آهي نه؟“ وڏيري سرتاج احمد خان اچرج مان پڇيو.

”ٻڌ وڏيرا سرتاج احمد خان، اڄ مولوي جو پاءُ ملهار منهنجي ننڍي پٽ، پريل خان سان وڙهيو آهي.“ وڏيري وريام خان ڪاوڙ مان وڏيري سرتاج احمد خان کي چيو.

”وڏيرا، جيڪو حڪم ڪريو مان حاضر آهيان.“

”...“

”وڏيرا، مان ايترا ڏڪ ملهار کي هڻائيندس. جو مٿو جاءِ تي اچي ويندس.“

”سائين، مان توهان سان گڏ آهيان.“

”مان ملهار کي صفا بي عزتو ڪرائيندس.“

”بلڪل بلڪل.“ وڏيري سرتاج احمد مختصر ورندي ڏني.

وڏيرو وريام خان صفا باهه ٿي ويو. وڏيڪ چيائين، ”مان پنهنجي پٽ جو پلؤ ضرور ڪندس. پلي ملهار...“

”سائين، مان ٻڌل آهيان.“ وڏيري سرتاج احمد ڪيس يقين ڏياريندي چيو.

”پُل ته ڏکن ۾ ملهار مري پئي مونکي ڪاڻ نه آهي.“ وڏيري وريام خان ڪاوڙ ۾ تيز ٿيندي چيو. ۽ سواليه نظرن سان وڏيري سرتاج احمد ڏانهن تڪڻ لڳو.

”وڏيرا وريام خان، هونئن ته سؤٽ آهيون. پر جيڪڏهن ملهار مري پيو ته پوءِ مان ٻڌل نه آهيان.“ ■

## غزل



وحيد محسن

چانهه ۾ چاهت ملائي ٿي
مرڪ مک تي جڳمڳائي ٿي
نيڻ هن جا زندگي وانگر
وار مون تي سا ورائي ٿي
آنءُ سازن کي پيو ڇيڙيان
گيت سهڻو هوءَ ڳائي ٿي
مينهن جون پل پل ڪٽيون برسيون
نينهن اهڙو جا لڳائي ٿي
هڪ حياتي، غم زماني جا
سونهن ديوي وندرائي ٿي
عڪس منهنجا اڄ ڇڪي ”محسن“
نيڻ ٻوٽي ڪيئن لڪائي ٿي. ■

# تلاوت ڪندڙ اکيون...

حميدالله ايڊوڪيٽ

**واجد** جا ساڻا قدم هوريان هوريان اڳتي وڌي رهيا هئا. روڊ سنسان هو. هيڪڙ ٻيڪڙ. ڪا سواري پئي لنگهي. هو روڊ جي ٻنهي پاسن کان عمارتن ۽ انهن جي پٽين کي تڪيندو رهيو.

سڀ عمارتون نوٽيس بورڊ پئي لڳيون. مرداڻي ڪمزوري کان ويندي عاملن جا ’محبوب قدمن‘ تائين جا اشتهار هئا. هو ڪجهه قدم هلي وري بيهي رهيو.

”فلاڻي کي قيد مان آزاد ڪيو.“

سياسي ڪارڪنن کان ويندي مبارڪباد تائين جا پوسٽل لڳل هئا.

واجد کي لڳو، ڄڻ شهر پورو اشتهار هجي. هن پاسي واري بجلي جي ٿنڀي کي ڏٺو. مختلف ماڻهو ٿنڀي تي ٽنگيل هئا.

واجد تڪڙ ۾ پرڏاڍي ڏيان سان ڏسندو ويو جنهن مان اشتهار ڏيندڙن جي خبر ٿي پئي.

ابڙا قوم، سولنگي قوم، چانڊيا قوم، مگسي قوم، عباسي قوم، جتوئي قوم.

واجد پنهنجي پاڻ کان پڇيو، ”سنڌي قوم؟ ڇا سنڌي قوم جو مان اڪيلو فرد وڃي بچيو آهيان؟“ هن حيراني مان پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

”...“

”قوم فردن سان ٺهندي آهي. ۽ مان اڪيلو آهيان.“ هن ڪاوڙ مان هلڻ شروع ڪيو ۽ شهر جي وڏي ۽ مشهور هوٽل کي ڏسڻ لڳو.

هوٽل جا شيشا دونهين ۽ دز ۾ ميرا ٿي چڪا هئا. ڏاڪڻين تي مختلف داغ لڳل هئا. هن کي لڳو ته ڄڻ هو ئي واجد زنده شخص آهي شهر ۾.

ٿورو اڳيان موجود پيٽرول پمپ به بند هئا. انهن جي آڏو وڏا ڊرم رکي ۽ ڊرمن مٿان لڪڙا رکي رستو بند ڪيو ويو هو.

هوريان هوريان ڀُڻ ڀُڻ ڪندي هن سڄ پور جي عمارتن مثل ٻٽيل هن شهر سان، ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”اي شهر ، توسان ڪا ويڌن؟“

مشهور بيڪري به بند هئي. ۽ انهي جي پر وارو مسافرخانو به بند هو. هن کي لڳو ڄڻ پوري شهر جو هو اڪيلو وارث هجي. نيٺ اچي هو ريجهو مل چوڪ تي پهتو. ريجهو جو مجسمو غائب هو. ۽ انهيءَ جاءِ تي خدا پاڪ جي نوي نالن وارو ٿلهه موجود هو.

واجد جي ياداشت موٽي آئي. هن کي ياد پيو ته ريجهو مل جي مجسمي کي ته ڪيئي سال اڳ ڊاهي، چوڪ کي ڪلمو پاڪ پڙهائي نج مومن مسلمان بڻايو ويو هو. هاڻي اڳوڻو ريجهو مل چوڪ مذهب مٽائي، مسلمان ٿي، العباس چوڪ ٿي چڪو آهي.

هن کي ڏڪڻي وٺي وئي. پورو جسم پگهر سان شل ٿي ويس. هو ڪنڌ تي بيٺل نم جي وڻ هيٺان پلٿي ماري ويهي رهيو.

واجد جون ساڻيون اکيون حيرت ۽ محبت سان خدا جي پاڪ نالن جي تلاوت ڪرڻ لڳيون. ■

# پوري مينهن...



زاهد منگي

شهر جي ڏکڻ طرف لڳندڙ مال پڙي ۾ ڍور وڏي انگ ۾ موجود هئا. خريدار ۽ واپاري پڻ چڱي تعداد ۾ موجود هئا. مختلف ڍورن جو اگهه مختلف پئي لڳو.

جمن به پنهنجي پوري مينهن ڪاهي پڙي ۾ آيو هو. پوري هڏ ماس ۾ پريل هئي. سندس ارهه چلڪيا پئي. جمن جيئن ئي پڙي ۾ پهتو ته پوريءَ جي بيهڪ ڪيترن ئي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو جيڪا جمن جي پلوڙ پاڳئي هجڻ جي نشاني هئي.

”پائو، گهڻي تي بولي لڳائين؟“ واپارين مان هڪ واپاري پنهنجو هٿ پوريءَ جي مٿان گهمائيندي چيو.

”ادا، توهان پتاريءَ ڏسو. پوءِ پاڻ ئي حق ڪيو.“

جمن پنهنجي هٿ ۾ جهليل رسيءَ کي ڍرو ڪندي چيو.

”نه پائو، پتاري جو مالڪ تون آهين. اگهه پار به تون ئي لڳائي، پوءِ جيڪي پنج روپيا اسان توکان رعايت ورتي.“ واپاريءَ وراڻيو.

”ادا، جي اها ڳالهه آهي ته مان روپيا ونندس اسي هزار.“

”هڻ، اَسي هزار!! اگهه ته ڏاڍوو وڏو تو ٻڌائين؟“

”اڙي پائو، اَسي هزار هيڙي پتاري لاءِ وڏا آهن؟ صدوريءَ کي اولاد جيان پاليو تاتيو اٿم. پتاري ويلي تي به گهاگهرون کير جون پري تي ڏئي. ڪپاڻ تي دل ئي نه ٿي چوي. پر مجبوريءَ ماري وڌو آهي. نياڻي کي ٿو اٿاريان. ڏاج لاءِ پيسا گهرجن. ان مجبوري مان ٿو ڪپايان. نه ته هيڙي پتاري ڪير ڪپائي؟ بس دل تي پٿر رکي ڪاهي آيو آهيان.“ جمن پنهنجي اندر جي پيڙا کي يڪساهي ٻاهر ڪڍيو.

”ادا، هاڻي نه تنهنجا نه هن جا. بس ستر هزار ۾ ڪٽي سودو طئي ڪيو.“ وچ ۾ بيٺل دلال سودي کي نبيرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”...“

”بس ادا، هاڻي اهي پيسا گنج اٿئي. هاڻي ڪٽي پتاري کي منهنجي حوالي ڪر.“ واپاري هڪ هٿ جمن جي ڪلهي تي ۽ ٻيو هٿ سندس ڪاڏي جي هيٺيان ڏيندي ايلاز ڪندي چيو.

آخر جمن به نه ڪندي نيٺ راضي ٿي ويو.

پوري جو رسو واپاريءَ کي ڏئي آخري ڀيرو پاڪر ۾ ڀريائينس ته اکين مان ڳوڙها وهي آيس. پوري به ڏکھ کاڏيءَ ۽ منهن کي لوڏڻ لڳي.

پوري مان پاڪر ڪڍي ڪيسي مان رومال ڪڍي واپاريءَ کان پيسا ونندو هڪ هڪ نوٽ کي آڱر زبان کي هڻندو ڳڻيندو رومال ۾ رکندو ويو. سمورن پيسن کي ڳٽي رومال ۾ رکي انهن کي ڳنڍ ڏنائين.

واپاري رسي کي ونئي پوريءَ کي هڪلڻ لڳو ته پوري ڌهه هڻي بيهي رهي. واپاري ڪيس سوٽي وهائي ڪيئي. سوٽي جي ڌڪَ جو ايذاءُ هن پنهنجي بت تي محسوس ڪيو. هن پوري جي اکين ۾ ڏٺو. پر اکيون ان سان نه ملائي سگهيو. هو گهڻي دير اُتي نه بيهي سگهيو ۽ تڪڙيون وکون کڻي پڙيءَ کان ٻاهر نڪري آيو.

*

اوچتو ڪنهن ڪلهي تي هٿ لڳس. پوئتي مڙي ڏٺائين ته هڪ همراهه جنهن کي هلڪي اڇي ڏاڙهي ۽ مٿي تي اڇي ٽوپي ڪلهي تي رومال. اڇا ڪپڙا پاتل ۽ هٿن ۾ تسبيح هئس. بيٺل ڏٺائين. جمن هن کي ڏسي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته همراهه چيس،

”ادا، ڏاڍو پريشان ٿو ڏسجين. دنيا جي نفسانفسيءَ مسئلن اچي مونجهايو اٿئي. نياڻيءَ جي شادي جي ڏاج لاءِ پريشان آهين نه؟“

”ها . بلڪل.“ جمن ڪنڌ ۽ وات ٻنهي سان هائوڪار ڪئي.

”گهبراءِ نه. خدا پنهنجي ٻانهن جو سدائين پلو ڪندو آهي. سڀ مشڪلات دور ٿي وينديون. اڄ مونسان.“ همراهه ڪيس ٻانهن کان وٺي هلڻ لڳو.

هيءُ به بي اختيار سندس پويان هلڻ لڳو. ٻئي ٿورو پريرو وڃي ويٺا.

”ادا، تنهنجو نالو؟“ همراهه جمن کان نالو پڇيو.

”جمن سائين جمن.“ هن پنهنجي نالي کي به پيرا اچاريو.

”بابا جمن، اسان فقير ۽ الله لوڪ درويش ماڻهو آهيون. خدا جي حڪم سان تو جهڙن مصيبت ۾ اڙيل ماڻهن جي مدد ڪندا آهيون. تون به نياڻيءَ جي ڏاج جي لاءِ پريشان آهين نه؟“

”ها سائين ها.“ جمن مايوسي مان چيو.

”بس ادا، هاڻي پريشان نه ٿي. الله تنهنجي مدد ڪندو. سڀ مشڪلات معاف ٿينديون. ۽ سوليون سٽايون ٿينديون. هاڻي هيئن ڪر جو جيڪي پيسا اٿئي اهي هن رومال ۾ وجهه مان ان تي پڙهي ڏيندوسانءِ . گهر وڃي کولجائين الله ڪندو ته پيسا ٻيڻا هوندئي. ۽ سونا زيور هوندئي هڙ ۾. بابا قرآن ۾ ته طاقت آهي نه؟“ هن پنهنجي ڪلهي تي رکيل رومال کي هيٺ وڇائيندي چيو.

پر جمن جي منهن تي پڪائي ڏسندي بزرگ همراهه پرسان پيل پٿر کڻي ان کي پنهنجي هٿ ۾ زور سان مهٽي ان پٿر مان ڪکر پچي جمن ڏي وڌائيندي چيو، ”ابا جمن، هيءُ فقيري ميوو کاءُ.“ جمن پٿر وات ۾ وجهي چٻاڙيو ته ان جي مٺي سواد بزرگ مٿان هن جي ايمان کي پختو ڪيو.

”ها سائين ها. قرآن ۾ ته طاقت آهي. بروبر.“ جمن حيراني مان وراڻيو.

هن هٿ پنهنجي ڪيسي ۾ وڌو ۽ پيسن وارو رومال ڪڍي وڇايل رومال تي رکيو. بزرگ همراهه پڙ ۾ پيل ٻه ٽي ڦوڙ کڻي رومال ۾ وجهي ان کي ڳنڍيون ڏيندي پڙهڻ لڳو. ڪجهه دير پڙهي ڳنڍ کي ٻڌي جمن کي هٿ ۾ ڏيندي چيائين، ”بابا، هاڻي هي ڳنڍ وڃي گهر کولجاءِ. پر کولڻ مهل ڪلمو ۽ صلات سڳوري ضرور پڙهجانءِ.“

”بيشڪ سائين بيشڪ.“

”چڱو ميان جمن، هاڻي اجازت ڏي ته فقير هلي.“ همراهه اٿيندي چيو.

”پر سائين ڪو نذرانو؟“

”اڙي نه بابا نه. اسين فقير اڙيلن ۽ مصيبت ماريل ماڻهن جي مدد بنا ڪنهن نذراني جي ڪندا آهيون. بس في سبيل الله وتون خدمت ڪندا. چڱو اجازت مولا مدد.“ ايئن چئي همراهه اُٿي نڪري هليو ويو.

جمن به ڳنڍ کي ڪٽي ڪڇ ۾ مضبوطي سان ڦاسائي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي ڳوٺ روانو ٿيو.

*

گهر جي چائنٺ ٽپيو ته زال چيس، ”شمل جا پيءُ، پوري ڏئي آئين؟“ هن جي اندر مان اڄڪو نڪتو.

”ها شمل جي ماءُ، پر هيڏي اچ.“ ڪٽ تي ويهندي زال کي هٿ جي اشاري سان سڏ ڪيائين.

جوٽس تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي وٽس پهتي ته جمن ڪڇ ۾ ڪنيل ڳنڍ کي آهستگيءَ سان ڪٽ تي رکيو ۽ زال کي پاڻي کڻي اچڻ لاءِ چيائين. گلاس مان ٻه ڍُڪ پاڻي جا پيءُ چوڻ لڳو،

”شمل ماءُ، شهر ۾ بزرگ فقير مليو. اسانجي حال جي سموري سُڌ هئس. چيائين ته پيسا ڏي ته قرآن جي طاقت سان ٻيڻا ڪري ڏيائين. ۽ به تي پتر وجهي انهن تي دم ڪري ڏنائين. چيائين ته گهر پهچي ڪلمو ۽ صلات سڳوري پڙهي کولجانءِ ته پيسا ٻيڻا ۽ پتر سونا ٿي ويندا. شمل ماءُ، شڪر ڪر هاڻي غربت وئي شمل جي ڏاج جي ڳڻتي نه ڪر. سڀ سوليون سٽايون ٿي وينديون. چڱو هاڻي ڪلمو ۽ صلوات سڳوري پڙهه ته ’ڳنڍ کوليان.‘-“

”ها شمل جا پيءُ، پر ٻهرين ترس ته مان ٻاهريون در بند ڪري اچان.“

”چڱو ڀلا، جهٽ ڪر.“

جمن پنهنجي وڌايل هٿن کي روڪيندي چيو.

سندس زال تڪڙيون وکون کڻي وڃي دربند ڪري آئي. ۽ اچي جمن جي ڪٽ وٽ بيٺي. جمن هوريان هوريان ڳنڍ کولڻ لڳو. جيئن ئي ڳنڍ کوليائين ته ڇرڪ نڪري ويس. ڳنڍ ۾ پنن جو ٿهو ۽ پٿر پيل هئا . هو تڪڙ ۾ پنن کي جاچڻ لڳو. پترن کي اٿلائڻ لڳو پر نه پيسا هئا نه سون.!!

رڙي ڪري چيائين، ”شمل ماءُ نڳ نڳي ويو... هڙ لٽي ويو.“ ■




هن ڳالهه تي جڏهن مون کجهه وڌيڪ سوچيو ويچاريو ته مون کي اجا به وڌيڪ ڏک محسوس ٿيڻ لڳو. چاڪاڻ ته هن ساري پوتاميل ۾ مون کي پنهنجي گهرواريءَ جا به هٿ ٻڌل ڏسڻ ۾ آيا هئا. سازش جي ساري سرکڻ ڦاهي هن اڏي تيار ڪئي هئي ۽ پوءِ پاڙهيرين کي نيند ڏني هئي. هوءَ جيئنديءَ کان نت پئي سڙندي ۽ ڪامندي هئي. مان به جيئنديءَ سان بي انتها پيار ڪندو هوس. جيڪو ڪيس نه وڻندو هو. اسان ٻنهي ياءُ پيڻ ۾ ڏاڍي سک ۽ سڀنڌ هئڻ ڪري هوءَ ڄڻ ڪنهن ليکي ۾ ئي نه هئي. هوءَ ظاهر ۾ اسان سان کيرکنڊ ڏسڻ ۾ ايندي هئي، پر اندر جي اڇي نه هئي. ڄڻ رنل رنل رهندي هئي. مون کي به پڪ نه هوندي هئي ته سندس دل ۾ کهڙو گدڙ وينل آهي. هن کي امان ۽ جيئنديءَ جيڪي ڏک ڏاڪڙا ڏنا، سي ڌيرج سان سهندي ۽ ڪنهن مناسب موقعي جي تاڙ ۾ رهندي آئي ۽ جڏهن ڪيس اهڙو وجهه ملي ويو ته پنهنجو پائيءَ پائيءَ جو حساب پاڙي ورتائين. جيئندي نه رڳو بي انتها سهڻي هئي، پر ذهين به ڏاڍي هوندي هئي. گهر ۾ سندس حيثيت مٿاهين هوندي هئي، تنهن ڪري منهنجي گهرواريءَ جي ساڙس پوندي ئي نه هئي. جيترو آئون هن معاملي تي وڌيڪ گهرو سوچيندو رهيس. سڀ ڳالهيون صاف ٿينديون ويون. حقيقت اها آهي ته جيئندي بي ڏوهي هئي. هوءَ ان ڇوڪري سان ڳالهائيندي ٻولهائيندي ان ڪري هئي ته جيئن ڪانئس حر جماعت لاءِ وڌيڪ معلومات وٺي سگهي. مون سان ڌوڪو ڪيو ويو هو. مان پنهنجي بي ڏوهي پيڻ کي پنهنجي هٿن سان کهي ويهي رهيس. مون کي بي گناهه قتل جي ڳاراٽي جهوري رکيو آهي. مون قسم کٽي ڇڏيو هو ته مان پنهنجي زال کي وري اکئين نه ڏسندس.

ڪنهن کي اهڙيون ڳجهيون ڳالهيون ٻڌائڻ ممڪن نه هو. محبت به اسان سان گڏ رهندو هو. پر ڪيس به اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي نه ٿي سگهيس. اڳي مون کي مڪيءَ جا نرمل نظارا ڏاڍا وڻندا هئا. پر هاڻي ته انهن کان به بيزار ٿي ويو هوس. يارن دوستن سان به ملڻ کان لنوائيندو هوس. ڪارروايون ڪرڻ لاءِ نيند ڏني ويندي هئي پر مان اڳهائيءَ جو منهن ڪري نه ويندو هوس. دل ڇڄي پور پور ٿي پئي هئي. مون به ٿي ڏينهن ڄڻ ڪوري ۾ ڪامندي گذاريا. پوءِ نوري کي چيم ته مون کي ڪارروائين لاءِ ڪنهن پرانهينءَ جوءِ ڏانهن موڪلي ته پلو.

نوري ڪن پل سوچڻ ويچارڻ کان پوءِ چيو، ”مان چاهيان ٿو ته اهڙو ڪو ماڻهو هجي جو ٿر جي راڄڙن کي ڪاروائين لاءِ اياري، جن هن وقت تائين کک پڇي ٻيٽو نه ڪيو آهي. ڪپري يا اوسي پاسي جي غازيءَ هڪ ٽولي جوڙي ورٽي آهي. سندس نالو ابراهيم ۽ ذات جو پنيرو آهي. هي راڄ جو چڱو مڙس آهي. مان خط لکي توکي ڏيان ٿو، جيڪو تون ابراهيم پنيري کي پهچاءِ. ابراهيم پنيرو اهو خط ڏاٻڙيءَ جي لقمان راڄڙ کي پهچائيندو، جيڪو ٿر جي حرن جو مک آهي. منهنجو خيال آهي ته سائين رکيا، تون اتي وڌيڪ سٺو ڪم ڪرين سگهندين. جڏهن معاملو چڱيءَ ريت سنئون ٿي، روانو ٿي اڳتي هلي، ته تون هيڏانهن موٽي اچجانءِ.

پوءِ هن رحيم کي خط لکڻ لاءِ چيو ته هو لقمان کي ٻڌائي ته مڪيءَ جا فقير حڪومت خلاف جنگ جو اعلان ڪري چڪا آهن. پر تون عورتن جيان گهر ۾ ويٺو آهين. ان ڪانسواءِ هن مون کي نوري، ابراهيم ۽ ٻين مردن ڏانهن نياپو به ڏنو ته لقمان ڏانهن ويندڙ رستو مون کي ضرور ٻڌائين.

مون کي ابراهيم کي ڳولي لهڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿي. هي تجربيڪار ويڙهاڪ هو. هن ڌاڙا ۽ ڦريون ڪري چڱو پئسو گڏ ڪري ورتو هو. ان کان پوءِ هن حر ڪارروائين ۾ به حصو وٺڻ شروع ڪيو هو ته من هتان ڦرلٽ وسيلي ڪجهه وڌيڪ ڏوڪڙ پئسا گڏ ڪري سگهجن. سندس ٽوليءَ ۾ اٺ ماڻهو هئا، جن جي مدد سان ناري جي هن پار وچي هن هڪ ڳوٺ تي ڌاڙو هنيو. ان جي نتيجي ۾ ڳوٺ جا زميندار ۽ حر جماعت جا دشمن ماڻهو مارجي ويا هئا. ڪيترين بندوقون ۽ ٻيو قيمتي سامان هٿ لڳي ويو هو. ٽوليءَ جي هڪ ماڻهوءَ کي مٿي ۾ بندوق لڳي هئي. پر گهاءُ خطرناڪ نه هو. ابراهيم پهريائين ته نه مان، نه مان ڪئي ته لقمان جي ڪمانڊ هيٺ ڪم نه ڪريان. پر هو هڪ سچو حر هو. تنهن ڪري نوري جو حڪم قبول ڪيائين. اسان ٻيڙيءَ وسيلي نارو اڪري، ڪوڙي کان ٻئي پار پهتاسون ۽ هندن جي هڪ سڪئي ستابي ڳوٺ تي وچي ڌاڙو هنيو سون. ابراهيم پنيري ٻڌايو هو ته ڦرلٽ لاءِ هي ڳوٺ ڏاڍو چڱو آهي.

ڏاٻڙيءَ تائين ته واقعو پيش نه آيو. هي انهن ڳوٺن مان هڪ آهي. جن ۾ فقط چؤنرا نظر ايندا آهن. اُهو مٿي پٽن تي اڏيل ۽ ناري جي ڪنڌيءَ سان واقع آهي. هيءُ جوءِ سڪي ستابي آهي. جيڪا ميل سوا ٿر اندر به هلي وئي آهي. لقمان پنهنجي سر هڪ چڱو ماڻهو هو. زميندار هئڻ سان گڏ اثر رسوخ وارو به هو. ان ڪانسواءِ سميجن زميندارن جو خاص ماڻهو به هو. رحيم هنگوري جيان پڙهيل هو. سندس گهر ۾ ڪرسيون ۽ ميزون به هونديون هيون. اهڙين شين تي سب انسپيڪٽر ۽ ٻيا معزز ماڻهو ويهندا آهن. پاڻ به سهڻو جوان هو. لٽا ڪپڙا به ڪيس ڏاڍا ٺاهوڪا پاتل هئا. تنهن ڪري ڏاڍو شانائتو ڏسجي رهيو هو. مون وچي ڪيس خط ڏنو. پڙهڻ کانپوءِ مون کي چيائين ته منهنجي دوست نوري کي سٽت ئي پتو پئجي ويندو ته ٿر جا حر به ويسلا ڪونه ويٺا آهن ۽ مڪيءَ جي حرن کان ڪڏهن به پوئتي ڪونه پوندا. مان پاڻ به پير پساري واندو ڪونه ويٺو رهيو آهيان. اسان به ڪاروائين جي ڏُم لائي ڏني آهي ۽ اها ويل ويجهي آهي جو هي سارو علائقو منهنجي ضابطي هيٺ اچي ويندو. مان خط جي جواب ۾ عملي ثابتي ڏيندس. جن کي ڏسي نورو ڏاڍو خوش ٿيندو.

ٻئي ڏينهن پوياڙيءَ جو اسان کي ڄاڻ ملي ته شهدادپور ۾ رهندڙ آفيسرن ليمرڪ ۽ گلرٽ، گڙنگ تي پرپات مهل اوچتو ڇاپو هنيو آهي جن سان گڏ پوليس ۽ فوج جو وڏو تعداد هو ۽ پير سائين جا فرزند ۽ سندس گهر ڀاتي لارين ۾ وٺي هليا ويا آهن ۽ هنن بنگلي تي رهيل هر ماڻهوءَ کي گرفتار ڪري ورتو آهي. اها ڳالهه

ٻڌي اسان جي ٽڪڻ مٿان جهڻ ٿانڊا ٻرڻ لڳا. لقمان گجگوڙ ڪري چيو ته ان ويل سانگهڙ وارا فقير ڪٿي هئا؟ هنن سرڪاري ماڻهن کي اسان جي غير حاضر مرشد جي توهين ڪرڻ جي، ڀيهر به آرام سان موڪل ڏئي ڇڏي؟ تنهن تي مون ڪيس وراڻيو ته ان وقت گڙنگ بنگلي تي بيٺل پهريدارن جو ڪئپٽن هڪ راڄڙ غازي هو. اهو پهريون پيرو ڪونه هو جو بنگلي مٿان اوچتو ڇاپو لڳو آهي. هنن ته اڳي به اهڙي ڇائي ڀاتي آهي. منهنجو اهو وينڻ ٻڌي لقمان جو ڪاوڙ ۾ منهن ٽامٽي هڻي ويو ۽ هُن مون سان هن ڳالهه تي بحث مباحثو ڪرڻ ڪونه چاهيو. ٿوري وقت کان پوءِ اها به سوڌي ڄاڻ ملي هئي ته هن ڍڪڻ ۾ ڏُک پاٽيءَ ۾ مرڻ جهڙي ماڻهوءَ نرڳو پاڻ پنهنجي گرفتاري پيش ڪئي، پر ٻين کي به ٻڌائي پوءِ ساهه پٽيو هئائين. ان وقت پهريدارن جو تعداد ڪٽي ٿورو به هو پر ڇا ٿي پيو. اوسي پاسي جا ڳوناٺا اها کُهتي خبر ڪٽي وهلور وڃي سانگهڙ رسيا هئا ۽ شهزادن کي بچائڻ کاڻ پنهنجا سر ترين تي رکي اچي پڙ تي پهتا هئا. پر پوليس ۽ فوج جو گهڻو تعداد ڏسي ڌڪائجي ويا ها ۽ پويان پير ڪري اچي مکيءَ پهتا هئا. هنن ساڳيءَ رات ڪجهه ڪرڻ واسطي ڳڌجاٽي ڪوٺائي هئي. ان وقت جاسوسن ڪين خبر ڏني ته فوج ۽ پوليس مٿن ڪاهي اچي رهي آهي. اها ڄاڻ ٻڌي، سندن وايون ولهڙيون ٿي ويون ۽ ڪک پن ٿي جاڏهون جو تاڏهون هليا ويا.

ان وقت پنهنجن ساٿين جي اوٽائين ڪري مون کي لقمان جا طعنا سهڻا پيا. الائي ڇا جو ڇئي وڃي پار پيو هو. پر حقيقت اها هئي ته حر اڳواڻ وريام جي نه هجڻ ڪري، ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا هئا ۽ ڪنهن به هڪ رٿابنديءَ تي سهمت ٿي ڪونه سگهيا هئا. ڇاڪاڻ ته هن ساريءَ ڪارروائيءَ جي ڪمانڊ ڪيس ڪرٽي هئي. اسان جي اندر کي اهو آتت به مليو هو ته سرڪاري ڪامورا پير سائينءَ جي پاڪن سان ڏاڍي مان مرجاتا سان پيش آيا هئا. انهن عملدارن سندن خدمت چاڪريءَ لاءِ انگريز عورتون آنديون هيون. لاريءَ کي به پردو ڪرائي ڪين شهدادپور آندو ويو هو. ان کان پوءِ اسپيشل ريل گاڏيءَ وسيلي ڪين ڪراچيءَ پهچايو ويو هو ۽ ڪين ان گهر ۾ رهايو ويو، جتي پير سائين رهيل هو.

لقمان ناري واري جوءِ تي قبضي ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو ۽ جتن ڪندو رهيو. پوئتي لوٽو ڦيري ڪونه ڏنائين ته ڇا ٿو وهي واپري. مون ڪوڙي نالي ڳوٺ خلاف ڪاروائي ۾ حصو ورتو هو. اها هٿ ڏس ابراهيم پاڻ ڪئي هئي. هي ۽ سندس ٽوليءَ جا ماڻهو اچي اسان سان مليا هئا. اڳواٽي لقمان ڪئي هئي. ڏگ ويندي اسان جو تعداد پنجٽيهه ٿي ويو هو. جن مان اڌ کي بندوقون هيون. اسان نارو اُڪري باک ڦٽيءَ ڌاران وڃي ڳوٺ تي ڪڙو چاڙهيو. هن ڳوٺ جي ڄاڻ ابراهيم کي هئي. تنهن ڪري لقمان هن کي چونڊ ماڻهو ڏئي اندر موڪليو، جن ۾ مان به شامل هوس.

هن ڳوٺ ۾ هڪ هندو ٻانيڻ رهندو هو. جنهن وٽ واٽيا باسون ۽ سوڪڙيون ڪٺي ايندا هئا. وٽس ڏوڪڙ پئسو به جام هو. وڏي ماتا کي اورڻ لاءِ به پري پري تائين ويندو هو. جيڪا عورت سنڍ ٿي پيوندي هئي يا مرد مڙسيءَ کان ويهي ويندو هو، تنهن جو دوا دارون به اهو ٻانيڻ ڪندو هو. دنيا داريءَ لاءِ صلاح مشورو به هن کان ورتو ويندو هو. ٻين صوفي سنتن ۾ ساڌن جيان

سهڻين عورتون تي پڻ ساهه ڇڏيندو هو. اها ڳالهه به عام مشهور هوندي هئي ته هي سنڍ پڄڻ جو وڏو ڪاريگر هو. هن ٻانيڻ وٽ بندوق به هئي. اسان پڪو پهه ڪيو ته هن جنجل مان سندس جند ڇڏائجي. ابراهيم پنهنجا گهڻا ماڻهو هڪ دولتمند واپاريءَ کي ڦرڻ لاءِ موڪليا. جنهن جو گهر اڌ پنڌ تي هڪ پٽ تي هو. مون کي ٻائي هرپال سان نبرڻ لاءِ پاڻ سان گڏ ڪنيائين. اسان هن کي اڱڻ ۾ ڪتاب پڙهندي ڏٺو. ڪيس اسان جي اچڻ جي خبر تڏهن پئي، جڏهن اسان سندس ويجهو پهچي چڪا هئاسون. هن اسان ڏانهن ڏٺو ۽ وري به ڪتاب پڙهڻ شروع ٿي ويو. سندس منهن تي ڪنهن خوف خطري جا اهڃاڻ ڪونه هئا. ابراهيم يوڳ واري انداز ۾ ڪيس چيو ته ٻاوا جي اسان تو کان بندوق وٺڻ آيا آهيون. هن قسم جا رانديڪا اوهان جي ڪنهن به ڪم جا ڪونه آهن. اسان ڏاڙيل آهيون، اهڙين شين جي اسان کي ضرورت هوندي آهي.

هن بنا مٿي ڏسڻ جي وراڻيو ته ”جيڪڏهن اوهان مون کي ڦرڻ آيا آهيو ته مان مزاحمت ڪونه ڪندس ۽ اها بندوق گهر اندر موجود آهي.“

ابراهيم مون کي ٻاهر بيهي پهري ڏيڻ جو چئي اندر هليو ويو. ٿوري گهڙيءَ کان پوءِ هو بندوق کڻي ٻاهر آيو ۽ چيائين ”هرپال جي“ اهو ته چڱو ٿيو، پر هاڻي اسان کي اهو به ٻڌاءِ ته تنهنجي دولت ڪٿي رکيل آهي.

هرپال وراڻيو، ”منهنجي دولت؟ مون وٽ ڪهڙي دولت آهي؟“

”اها ته تو کي خبر هوندي ته ڪٿي رکيل آهي؟“

”مون وٽ ته ڪجهه به ڪونهي.“

”تو پوري ڇڏي هوندي.“

”مان اوهان کي چوان ٿو ته مون کي هن دنيا ۾ ڪجهه به ڪونه آهي. مون کي جيڪو ڪجهه ملندو آهي. مان مسڪينن ۽ نادارن ۾ ورهائي ڇڏيندو آهيان.“

”تون سمجهين ٿو ته اسان ايڏا بيوقوف آهيون. تنهنجي ڳالهه تي ويساهه ڪري وٺنداسون. تون ڪافر آهين تو تي لک لعنت هجي.“

ائين چئي هن ڪيس ڪلهي ۾ بندوق جو ڪنداق هنيو ۽ وري اندر گهر ۾ داخل ٿيو. مان هن ٻانيڻ مٿان نظر به رکي رهيو هوس ۽ اڱڻ ۾ اهڙي اهڙي جاءِ ڳولي رهيو هوس، جتي ڪڏ ڪٽي دولت پوري وئي هئي. مان فرش ۽ پٽين جو انچ انچ ٺوڪي وڄائي ڏٺو، پر مون کي اهڙي ڪو ڪلي جاءِ محسوس ڪونه ٿي. جتي دولت لڪائي وئي هجي. ابراهيم گهر اندر تلاشي وٺي ٻاهر آيو ۽ ڪيس ڪجهه به هٿ ڪونه آيو. ان کان پوءِ ڳوٺ جي مٿئين پاسي عورتن جون رڙيون ۽ ڪبرا ٻڌڻ ۾ آيا ۽ ٻانيڻ دعا گهرڻ جي ارادي سان ٻئي هٿ مٿي ڪنيا ۽ ڪجهه پڙهڻ لڳو، جيڪو اسان جي سمجهه کان ٻاهر هو. اهو ڏسي ابراهيم رڙ ڪري چيو، ”اي ڪوڙا جادوگر، اسان کي تون هاڻي تباهه ڪرڻ ٿو چاهين.“ سندس اها ڳالهه ٻڌي ٻائو مرڪڻ لڳو. ابراهيم کي ويتر ڪاوڙ لڳي ۽ گجگوڙ ڪري چيائين، ”لعنت هجئي هاڻي جهنم ۾ وڃ.“ پوءِ هن مٿس بندوق هلائي ۽ هو تڏي تي ئي مري ويو.

”هاڻي، سائين رکيا، تو مون سان گڏجي اندر هلي ڏس. تنهنجون اکيون تيز آهن. من تو کي ڪجهه لڀي پوي.“

مون به گهڻي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهه به ڪونه

مليو. تنهن ڪري نااميد ٿي موٽي آياسون. ان کانپوءِ اسان بندوق ڪڻي اچي پنهنجن ساٿين سان ملياسون، جيڪي هڪ واپاريءَ جي گهر کي ڦري لٽي رهيا هئا. وڏي در ٻاهران هڪ لاش پيو هو. لقمان هڪ ويڙهي



ڪڪڙ جيان جيڏانهن ڪيڏانهن ڦري رهيو هو ۽ حڪم هلائي رهيو هو. هڪ اٺ ۽ ٻه گهوڙا ڪپڙن، چانديءَ جي ٿانون ۽ ٻئي قيمتي سامان سان لڏيا بيٺا هئا. سندن ڪنهن به مزاحمت ڪانه ڪئي هئي. ڳوٺ جي مسلمانن جون همدرديون اسان سان هيون. واٽين ڪانسواءِ ٻيا ماڻهو پيل هئا جن کي چيو ويو هو ته هو پنهنجي ڪم سان ڪم رکن. لقمان اهو به ٻڌايو هو ته ڪپري ٽاٽي جو وڏي پيٽ وارو صوبيدار هتان کان اٽڪل چار ميل پري آهي. طبيعت جو ٿڌو آهي. هن خوني واردات جي خبر ٻڌي هڪدم گهوڙا ڊوڙائيندي پڄندو ڪونه ايندو. ڪاروائيءَ کان هڪدم پوءِ اسان ڊاپڙيءَ ڏانهن وڌي رهيا هئاوسن. جتي هڇي اسان ڦرلٽ واري مال جي ونڊ ورهاست ڪئي. اسان مٿي بيان ڪيل بندوق پنهنجي ٽوليءَ جي هڪ ماڻهوءَ جي نالي ڪئي، ڇاڪاڻ ته ابراهيم ۽ مون وٽ اڳي ئي اهڙا هٿيار موجود هئا. پر سندس قائم ڪيل اصول مطابق اها بندوق سدائين وٽس رهندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان ماڻهوءَ کي ڏني ويندي هئي، جنهن جي نالي ڪئي ويئي هئي. ڦرلٽ واري مال ملڪيت جو وڏو حصو پير سائينءَ جي خزاني ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ ڌار ڪري رکيو ويو. باقي مڏي اسان پنهنجي خاص ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏي هئي.

مون پنهنجي مليل حصي لاءِ ڪا به شڪايت ڪانه ڪئي، پر سوچيم ته جيڪو ڪجهه مليو اٿم، سو ابراهيم کي ڏئي ڇڏيان. هو پنهنجي ٽوليءَ جو اڳواڻ هو. پر لقمان ڪيس ايترو حصو ڪونه ڏنو هو. جيترو هو لهڻدو هو. ان وقت اهي ڳالهيون به هلي رهيون هيون ته مکيءَ جي هڪ فقير امام بخش پنهنجي ٽولي سان ناري جي ٻيءَ پرتي بردل (Bridle) نالي پٽ تي اچي منزل ڪئي هئي. اها ڳالهه ٻڌي، ساڻس ملڻ لاءِ آنڌمانڌ لڳم. ڇاڪاڻ ته هو بابي جي هڪ پڳ مٽ يار جو پٽ هو. اها حقيقت آهي ته مان ڪانئس سڙندو هوس. مون جڏهن لقمان کي ٻڌايو ته مان ساڻس ملڻ وڃي رهيو آهيان ته هن اعتراض ڪونه ڪيو. مون ساڻس وعدو ڪيو هو ته ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ موٽي ايندس. ڇاڪاڻ ته هيءَ جوءِ مون کي ڏاڍي وڻي رهي هئي ۽ پڪ هيم ته لقمان ٽوليءَ جو هڪ ڏاهو اڳواڻ ثابت ٿيندو. *(هلندڙ)*

# پاتم جهاتي جهان ۾...



شيام ڪمار

**ڪڏهن** ڪريائتي 'بدلي' جي پاوَنا، جنهن جون پاڙون صرف ۽ صرف مفاد جي بدبودار ڍير ۾ ڪُتل ٿين ٿيون. بد روحن جي خمير مان ڪنهن ڌهيسر وانگر اُسرندي ڏيکاري ڏيندي اٿم- ۽ ان جو نشانو اُهي 'پوتر آتمائون' آهن جن ڪين زندگي ۽ جيئندان بخشيو هو. عجب ۽ Paradexcal اسرار لڳندو اٿم. الائجي ڪٿان مرحوم ايم ڪمل اُداسي ۽ مايوسي ڪٽي آڏو اچي بيٺو اٿم:

**رت ٽمڻ جي مند**

رت جا رشتا،
ڇهرا ناهن،
جن تي گهنج پون.
هيءُ شيشا آهن
انهن تي ڏارون پونديون آهن.
۽ پوءِ بس،
ناڪارا ٿي رهجي ويندا آهن
ٽٽل حسين ڪٽلري وانگر،
ڪين، سميٽي، سهڻي ريت سجائي،
شوڪيس ۾ رکڻ جي عقلمندي آهي.
نہ تہ، چور ٿيل شيشا،
زندگي جي رڳن ۾ چنبجي ويندا آهن،
۽، موت تائين،
اتان رت ڳڙندو رهندو آهي.
۽ جسم جو گهاءُ داغ ٿي پوندو آهي.
اڄ ڪلهہ، اهي داغ سيني جي جسمن تي آهن
ان ڪري- اِهي داغ، داغ ناهن.
ان ڪري- انهن تي ڪير ڪڇي نٿو.
ٽپڪڻ ڏيو خون کي. ڪوئي ڇا ڪري،
اسين ڇاوا ئي،
رت ٽمڻ جي مند ۾ آهيون.

منهنجي مشاهدي مطابق 'يتيم' ٻن قسمن جا هوندا آهن:

پهريون قسم ماءُ جي پيٽ مان ٻاهر اچڻ کان اڳ ۾ ئي يتيم ٿي ويندو آهي. ۽ ٻيو قسم اِنَ منجهان ٻاهر اچڻ بعد يتيمي کي اکين سان پسيندو آهي.

پهريون قسم 'يتيمي' هٿان رسيل ڏکهي اڻ ڪٿ پيڙا، ان جي ڪک مان پيدا ٿيندڙ انڌڪار مايوسي ۽ بيوسي جي گهاٽي ۾ ڇاڪي جي ڏاند وانگر پيسجندي رُڪَ جهڙو اڻ مُڙُ سخت بدن ۽ ڪٺور من وارو بڻجي ويندو آهي. ۽ ٻيو قسم خوش بختي سبب پدري سائي جي وقت جي پيماني ۾ ٿورڙي ئي- شفقت ڀري قربت سبب نرم، نازڪ بہ ڪونئري بدن ۽ نرم دل واري مانائتي انسان جي پرڪارن سان پرپور بڻجيو ويندو آهي.

پهريون قسم بي ڊپو، ارڏو ۽ سر جي سانگي کان لاپرواهہ گذاريندو آهي ۽ ٻئي قسم وارو جهان ديدو، موقعہ شناس ۽ جو ڪائتي مهم کان پاسو ڪندو رهي ٿو.

آئون معنوي ۽ عملي لحاظ کان پهرين قسم سان واسطو رکان ٿو. ۽ اها منهنجي خوش بختي بہ آهي- ۽ بدبختي بہ.

ڀڳوان سان ننڍڙي ڄمار ۾ سڃاڻپ ٿي هئم. سندس آڏو نيم انوسار ڪڏهن نيم ڪي اورانگهي- پرارٿنائون (۽ شيوا بہ) ڪندو هئس. ڇو جو مون مطابق هو 'وڏي ڄمار' رکندڙ، 'امر' 'رياوان'، 'شريف النفس' ۽ ڪنهن حد تائين آبهوا جهڙو 'قهاري وجود' بہ رکندو هو. منهنجي اهڙي عمل ۾ 'آدر' ۽ 'ڀؤ' جا جذبا سمايل هوندا هئا.

سندس لاءِ سنمان ۽ ڀوءُ جو گاڏڙ احساس 'اُنَ ڄمار' ۾ روح جيان ڇهٽيل هو. پر هوريان هوريان رڙهندو وقت جي ڇاپ ڪيس بہ جڻ 'پيرسن' بڻائي ڇڏيو. رستو، لاغر ۽ جڻ بي وجود، ۽ پوءِ هوريان هوريان منهنجي وجودي حيات مان پاٽمرادو سارتر واري عدميت يا نيستي ۾ هليو ويو. پاسڪل يا ڪيرڪي گارڊ جو 'زنده' ڀڳوان منهنجي لاءِ 'ريٽي ڇڏڻ' واري حيثيت بہ نٿو رکي.

اڳتي هلندي اِها سُڌ بہ پيم تہ 'فن' فلسفي کان وڌيڪ ڳوڙهو ٿئي ۽ ڇو جو اُنَ جون پاڙون ٻنهي 'ذهن ۽ دل' ۾ گهٽيون اونهيون ڪُتل هونديون آهن.

سکر جي ڌرتي ڇڏي پاڻ تي مڙهيل جلاوطني ۾ مختلف جڳهن تي رولاڪي ڪندو رهان ٿو. ۽ رنگ برنگي فن جي گل چيني جي عادت بہ ان آواره گردي مان پرائي اٿم. پر ان سموري گورک ڌنڌي جي باوجود سکر کان 'ڌار' ڪونہ ٿي سگهيو آهيان. جيمس جوائس بہ ڊبلن ڇڏي جلاوطن ٿيو هو. پر ان شهر کان ڪڏهن 'الڳ' ڪين ٿي سگهيو.

ساڪروي ننڍڙي ڄمار ۾ پهوائي ڀڳوان کان سواءِ 'پوءُ' جو ڪارڻ پناهہ گير ڇوڪرا بہ هوندا هئا جن ايڏو هيسائي ڇڏيو هو جو ائين پاسندو هئم جڻ عمر ۾ تہ واڌ ٿي رهي هئي پر 'ذهني واڌ' ڄمي بيهجي چڪي هئي.

زندگي جي نماشام کي وڌيڪ تيزي سان 'جهڪو' ٿيندو ڏسندي قلمِ سوچ عمل ذريعي ان کان بہ وڌيڪ تيزي سان 'بنان' اُڄ جي پاڻ کي پيئندو رهان ٿو- لڳيم ٿو فطري سڌ کان اڳ ۾ ئي 'خالي' ٿي ويندس.

فوڪو (Faucauld) منهنجي دل جي ڳالهہ جهٽي ورتي هئي: 'ماڻهو 'سِڄَ ۽ موت' کي سڌيءَ طرح اکيون ڪٽي ڪونہ تڪي سگهندو آهي.' ۽ 'مالرو' بہ جڻ من ۾ جهاتي پائيندي چئي رهيو اٿم: "-'موت' جهڙي شيءِ ڪٿي ڪونهي. صرف مان ئي مان آهيان. جيڪو ترت ئي مرڻ وارو آهي."

پر، جسم جو جسم سان ڇهاءُ، سنگرام- ۽ سنگم شاعري، فن، ۽ حيات کان وڌيڪ اونهو، گهرو- ۽ سچو ٿئي ٿو. حيات کي ان 'جوهر' جي ڪلپنا 'زنده' رکيو ويٺي آهي.

پر، جسم جي عظمت جي باوجود فن کي اڪثر اهڙي ابدي روشن لبادي ۾ اوڍيل پسندو آهيان جنهن کان زندگي نروهي هوندي آهي. ۽ اهوئي ڪارڻ سندس 'ابدي' حيثيت جو ليکي سگهجي ٿو. ۽ ان جي پيٽ ۾ حيات جو انت فنا جي اونداهي قبر ۾ ٿئي ٿو. ان جو اصطلاحي طور ٻاهرين دنيا جي ڪنهن فاني شيءِ سان لاڳاپو نٿو رهي. ۽ صرف پنهنجي باطن ۾ سمايل سدا زُنده قوت جي سهاري بنان ڪنهن خم ۽ ڪُبَ جي سڌو اُڀو ۽ پُر وقار بيٺل نظر ايندو رهي ٿو.

ان ڪارڻ هيٺ اسان جي 'ڪالهوڪي' ساڪرو لڏي اندر، 'فن' جي امر پيڙهہ تي ٻڌل روشن فڪر جي سيلابي لهرن ڪنهن 'اڻ ڏٺل' شڪتي پاران نام نهاد وجودي ٿنين جي پاڙن ۽ ٿوڦيل اخلاقي قدرن کي پولو ڪري انت ۾ ناس ڪري ڇڏيو هو. جڻ شوپنهاور ۽ نطشي هَٿُ هَٿَ ۾ ڏئي ناستڪي نرت پسائيندا ۽ ان ۾ اسان کي شامل ڪري دائري کي وسيع تر ڪندا نظر ايندا هئا.

عمر جي هن پُرڪندڙ آخري ڏاڪي تي 'خاموشي' وڏي ۾ وڏو اوگڻ ۽ ڏوهہ سمجهان ٿو. ۽ پاڻ کي اظهارڻ هڪ معتبر 'فرض' ۽ اخلاقي 'للڪار' هيئنئر ان کان منهن موڙڻ اٽتر آهي.

زندگي ۽ تاريخ ۾ ڪڏهن اهڙا پَلَ ايندا آهن جن ۾ 'خوف' ۽ 'ڊپ' کي غير مهذب ۽ غير اخلاقي ڄاڻي ڌڪار سان لوڌڻ لازمي امر بڻجيو وڃي ٿو.

'وڏو ياءُ' پنهنجي 'خاص' جمهوريت ۾ چترائي سان لڪايل 'غير جمهوري' طريقن سان ننڍن صوبن تي ڳجهو حملو ڪري ڪين مطيع بڻائيندو. ۽ مذهب جي ڏکهي لبادي ۾ ويڙهجي اسان مٿان حڪمراني ڪندو رهي ٿو- ڌهيسر وانگر سندس انيڪ 'روپ' آهن. سندس چؤمکي ويڙهہ جا هٿيار آهن:

ثقافتي يلغار، آدمشماري جو توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ، مذهب .... ٻولي ذريعي وارا منهن ۾ ايم ڪيو ايم جو بہ غير اعلانيہ ساٿ اٿس.) نظرئي ذريعي زبان بندي- انهن سيني ظاهراً گٽائتن اصطلاحن اندر- دغا دولاب ڪوڙ ويساهہ گهاتي وغيره جا زهريلا عنصر مهلڪ بيماري جي جيوڙن جيان ڪليل اکيون رکندڙن کي پسجي سگهن ٿا.

جنهن 'آزادي' اندر انصاف جي گنجائش ڪونهي ان آزادي کي غلامي سان تعبير ڪيو وڃي تہ ناانصافي ڪونہ ليکبي.

هنئڙي ٻيهر 'ساڪرو' ۽ 'ٽري' پليد آتمائون ياد اچنم پيون. اهي ٻئي بہ سارتر جي ناول 'اُبٿ' (nausea) ۽ ڪهاڻي 'هڪ ليڊر جو ٻالڪپڻو' اندر موجود بورجوازي ۽ پيٽي بورجوازي ماڻهن جي زندگي ۾ موجود 'لايانيت' ۽ مقصد جي 'بي معنويت' سبب هو ڪوڙ، ڇل ول، چالبازي، سطحي ڏيک ۽ 'بدعهديت' (bad faith) ذريعي ان کي ڪو 'مقصدي مفهوم' ڏيڻ جو ڪوڪلو، تيرهن-تالو جتن ڪندا ڏيکارجن ٿا. هُنَ (سارتر) اهڙي قسم جي ماڻهن کي 'سوئر ۽ حرامزدو' (saluds) جي مفهومي ۽ نامائتي صورت بخشي آهي.

اهڙن جيوڙن نما (worms) جيون جو ڄمر ۽ موت بہ

سندن يعني زندگي وانگر بي معني ۽ بي مقصد ٿئي ٿو. مون کي بہ سارتر وانگر اهڙي 'ڪلاس' کان ننڍي ڄمار کان سخت چڙ ۽ نفرت رهي آهي. جيڪا وقت جي لهرن تي وهندي وڏندي پئي وڃي.

'بد عهديت' (bad faith) بي مغزي، ڪاهليت ۽ زندگي جي نفي واري ڪيفيت کي سڏي سگهجي ٿو. ان کي سچي مخلص ۽ آزاد انساني روح کي چيپاڻ جي عمل جو اظهار بہ ڪوٺي سگهجي ٿو. اها اهڙي بنيادي بدي ۽ شطانيت آهي جيڪا منافقت ۽ غير ذميداري کي جنم ڏئي دنيا اندر انساني 'پوڳٽائن' جو ڪارڻ بڻجندي رهي ٿي.

اڪثر ماڻهو 'عام' يا 'خاص' انسان جي ڀلائي جي دعويٰ ڪندي عام يا خاص انسان لاءِ اهڙي دعويٰ کي پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪندا آهن. ۽ ڪيس يا ڪين شعوري طور انسان بجاءِ شيءِ (وکر) object ليکندا آهن. اهڙي ڪريائتي ماڻهن ۾ منهنجي تجربي اندر 'پنهنجا ۽ پراوا' ٻئي قسم ايندا رهيا آهن.

هنن کي انفرادي طور چڱاين جو مجموعو تہ ڇا بلڪ 'فرد' جي حيثيت بہ نٿي ڏئي سگهجي. هر هڪ بد روح جيان، بنان ڪنهن نهري صورت جي، منهن ۽ مهانڊي جي حرڪت ڪندو رهي ٿو. فرئنڪسٽين يا ڊراڪولا وانگر! منهنجي آزمودي مطابق 'پرچاءُ' يا 'سرچاءُ' (pacifism) واري نيتي 'بزدلي' جو نرم ۽ نازڪ نانءُ آهي. آگسٽ 1939ع وارو روسي ۽ نازي مني وارو ناهہ (Pact) بہ ان بزدلاڻي Pacifism جو ڪرپ ڏياريندڙ روپ هو جنهن ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ انسان ذات سان وڏا ڪلور ڪرايا هئا.

هنن مڙهہ جهڙن ماڻهن ۽ مرٽينگ حالتن جي وچ ۾ مون کي پنهنجي 'درشي اصولن' کان زوريءَ اگهاڙو ڪرڻ جا جتن ڪيا پيا وڃن. انهن اندر منهنجا نرمل جذبا، منهنجي شفاف خودي، منهنجو انسان ذات ۾ اٽل وشواس، ساهہ ۾ سمايل آزادي جي آرزو ۽ سدا جرڪندڙ آئيندي تي ڪُتل نظرون هيون. اداسي، مايوسي جو ڪارو، داغدار لبادو زوريءَ اوڍايو ويو اٿم. ذات کي شيشي جيان چچريون چچريون ٿيندو ڏسي رهيو آهيان. پر الائجي ڪٿان ان گيان جي ڏوڪ ڏوڪان بہ آهي تہ اهي چچريون چچريون ۽ ٽڪرا ٽڪرا 'ذات' جُڙجي سگهي ٿي. اهڙي 'آشاواد' ۾ اهڙو ڪرم آئيندي جو انسان ڪري ڏيکاريندو جو ڪيس ان 'مڙهہ' ۽ 'مرٽيگ' حالتن کي ڪنهن اونهي، ٻي تري ڪاهي جي حوالي ڪرڻو پوندو ۽ ان ۾ ئي سندس integrated آئيندي جو 'وجود' جياپو لهي سگهندو.

پر، اڄوڪي وسامندڙ يادن جي ڏياٽين مان پيڙا وانگر بہ مسيحا 'ياد' ۾ لرزي رهيا آهن جن جو ڀاڱ صليب سان جڙيل هو:

> **"حفيظ شيخ، مرغوب بخاري، رشيد ڀٽي،
> نذير عباسي، جي. ايم. سيد، غوث بخش
> بزنجو، نواب اڪبر بگٽي، امام علي نازش،
> سائين عزيز الله."**

پر انيڪ صليب نالي ۾ نهال مسيحائن جي ڇُهاءُ کان بہ محروم ڏنم:

> **زلفي ڀٽو، شيخ اياز، بالاچ مري، مولانا
> مودودي ڊاڪٽر عظيم طارق."**

*

# ناچ، رقص، نرت ـ ڊانس

فنون لطيفہ (Fine Arts) ۾ 'ناچ' جو فن وڏي اهميت رکي ٿو. ان فن کي جسم جي زبان بہ چئبو آهي. ۽ بعض ڄاڻو عاشق ان اندر 'ڌيان' جي ڏوٽي لڳائي، باقي حاجتن کي ٽپي ترپون ڏيکاري، عشق جون سيئي منزلون تيزي سان اُکري 'حقيقت' جي مقام تي وڃي رسائي حاصل ڪندا آهن. اهڙي ٽولي ۾ ڪجهہ صوفي، ويدانتي، رچناڪار، متئين طبقي سان لاڳاپيل ڪجهہ نکمٽا جيوَ اچيو وڃن ٿا. 'راڳ' جي سنگم سان اهو فن پنهنجي ڪمال تي رسائي کي يقيني بڻائي ٿو.

هر ملڪ ۽ ان اندر رهندڙ ثقافتي اڪاين کي 'ناچ' جو پنهنجو الڳ ڏانوَ، منفرد انداز ۽ سوچ جو جدا پيمانو، چاهہ ۽ ان جي شناخت سان جذباتي ۽ وجداني انسيت ٿئي ٿي جنهن جون پاڙون انساني تاريخ جي طولاني، وقت جي اڻ مئي سفر. رسمن رواجن جي قدامت، ثقافت جي منجهيل ڳجهن ۽ مذهبي سڪيا اندر ڳوڙهيون ڪُتل هونديون آهن. ڪڏهن اِهي عناصر 'يڪجا' ٿي متائنس اثرانداز ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن 'انفرادي' طور اتساهت ڪن ٿا.

اسان جي ملڪ جي چئني پرڳڻن ۾ رقص جا جدا جدا نمونا، مزاج، طريقا ۽ نالا آهن. بلوچستان اندر بلوچن ۽ پٺاڻن ۾ 'چاپ' ۽ 'اتڻ' سڀ کان وڌيڪ مقبول آهي جنهن ۾ زائفون ۽ مرد الڳ الڳ، ۽ بعض اوقات ويجهي مٽي مائٽي جي ناتي گڏجي ڀهرو وٺندا آهن. اهو ڀهريائين دهل جي ٿاپ تي نرم ڌيمي ۽ اڻ لکي انداز ۾ شروع ٿيندو آهي ۽ بعد ۾ ان جي تيزي تيز رفتاري ۽ جوڀن ڏسندڙن تي وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڪين دنيا کان ڪنهن اڻ ڏٺل سنسار ڏانهن ڪنيون ويندي آهي. سنڌ ۾ هو جمالي جي لوڪ گيت ۽ ڌُن تي 'جهمر' رقص جو ڪو مٽ ڪونهي. ان جي حيثيت ليجنڊري ٿي چڪي آهي. ان اندر موجود مختلف جسماني عضون جون موزون حرڪتون لوڏ ۽ ڦيريون آهستہ روي ڪان انتهائي نڪتي تي پهچائي من جي هر جذبي، اُدمي، خيال ۽ خواهش جي ترجماني ڪنديون ڏيکاري ڏينديون آهن. ۽ ڏسندڙ تي گويا 'حقيقت' جو وجود آشڪارا ٿيندو محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. من کي 'پريان سندي پار' نيڻ جو ان کان وڌيڪ نفس ، نازڪ ۽ ملهائتو ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڇيڄ ۽ 'جُهمر' کي سنڌ ۽ راجستان اندر ڪلاسيڪي حيثيت حاصل آهي. ان کان علاوه ڊانڊيا يا دوڪلن وارو ناچ ۽ راس، 'هينچ' 'تين تالي' وغيره بہ سنڌ ۽ يوپي جا لوڪ رقص لکيا وڃن ٿا. مهاراشٽرا جو ٽپري ۽ گجرات جو گربو بہ ان سان مشابهت رکن ٿا.

پنجاب ۽ صوبي سرحد اندر لڏي، ڀنگڙو، گدي يا گڏم ۽ اَتڻ، خٽڪ ڊانس عوامي ۽ شهري سطحن تي مڃتا ماڻين ٿا. مختلف رنگ روپ ۽ نانءُ جي انهن رقصن جون پاڙون ڀهراڙي اِندر رهندڙ 'عوام' ۾ ڪتل آهن. جذبن جي اظهار جو اُتم ۽ شائستہ طريقو انهن جو خاصو آهي. انڪري انهن کي 'لوڪ فن' جي اهميت حاصل آهي.

ان کان علاوه هن ننڍي کنڊ جي ثقافت ورهاڱي جي باوجود گڏيل ۽ مشترڪ تصور ڪئي وڃي ٿي. انسان جي ان فني موڙي جي تاريخ جي ڪنهن بہ ڏاڪي تي ورهاست ڪونہ ٿي سگهي آهي. اهو واحد اثاثو آهي جنهن کي انسان ذات جو گڏيل ورثو قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

ان ورثي تحت هندوستان ۾ وقت جي ڊگهي مدت کان ڪٿڪ (يوپي جو ڪلاسيڪي ناچ) مني پوري، ڪٿاڪلي (ڪيرالا جو ڪلاسيڪي رقص)، ڀوڄپوري، موهني آتم، راجستاني، اوڙيسي (اوڙيسيا جو ڪلاسيڪي نرت)، پهاڙي، گربو (گجراتي)، ڪڇي پوري (آنڌرا جو ناچ)، ڀرت ناٽيم (تاحل ناڊو جو ڪلاسيڪي ناچ)، راسوڙو (ڪڇي) وغيره اندلٽي نرت ڪلائون ضرب المثل جي حيثيت رکنٿيون. اهي ناچ نہ صرف ملڪ جي چئني ڏسائن ۾ عوامي مقبوليت ماڻين ٿا بلڪ دنيا جي کنڊ ڪڙڇ ۾ بہ سندن ناموس ۽ ناماچار وقت جي واڌ سان وڌندو رهي ٿو.

خاص طور ڪٿڪ، مني پوري، ڪٿاڪلي جيڪي ان ملڪ جي ڏاکڻي، اترين ۽ اوپر وارين ڏسائن جي کک مان جنميا هئا اهي پنهنجي چئن ترڪيبي جزن: اکين، پيرون جي نفيس جذبن سان ڀرپور اشارن، هٿن پيرن جي تال ميل، لئہ ۽ احساس جي نزاڪت تي ٻڌل حرڪتن ڪارڻ ڏيهان ڏيهہ واڪاڻجي رهيا آهن. انهن مان جيڏي نفاست، لطافت ۽ نزاڪت اپرندي اوتري ئي انهن لاءِ ڪشش ۽ دلفريبي ۾ اضافو ٿيندو. ان رقص واري نوعيت جي بي مثل فنڪارن ۾: لڇو مهراج، شميو ناٿ، برجو مهراج، پدمڻي، نواب واجد علي شاهہ، وجينتي مالا، هيما ماليني، پوجا بيدي، شيما ڪرماني، تارا ۽ گهنشيام جي جوڙي جهڙن آرٽسٽن ان فن ۾ چڱو نانءُ ڪمايو آهي.

هونءَ بہ ڪلاسيڪي ناچ کي 'مرڪب فن' چيو وڃي ٿو جنهن اندر موسيقي، احساس، جسماني انگن جي متوازن چُرپُر، حرڪت، جمالياتي لاهہ چاڙهہ، پيرن جي فنڪاراڻا ڦڙتي، گردش وغيره سمايل ٿين ٿا. پر غير ڪلاسيڪي ۽ هلڪي رقص جي ڪجهہ قسمن ۾ اهو مرڪبي عنصر موجود ڪونہ هوندو آهي.

ان سلسلي ۾ اگر صوفين جي جدا جدا سلسلن تي گهري نظر وجهبي تہ انهن اندر بہ 'ناچ' جو درجو اتمتا ماڻيندو ڏيکاربو بلڪ 'پرمان سندي پار' ڏي نيئين هلڻ جو وسيلو بہ نظر ايندو. هونءَ بہ 'صوفي مسلڪ' سان لاڳاپيل 'مهان نانءُ' پاڻ کي بي باکي سان 'پرينءَ جي راهہ جو مسافر' چوندا رهيا آهن. خانہ بدوشن جيان 'لڏپلاڻ' وارو ساڳيو 'رستو' ۽ 'اظهار' اختيار ڪندا رهن ٿا. جنهن اندر 'موهہ' جو عنصر ندارد ڏيکارجي ٿو. خانہ بدوشن وانگر کُهري اُن جو ٺهيل جيو يا ڀهراڻ سندن ٽريڊ مارڪ بڻيل آهي. صوفي جو آدرش هميشہ بکشو جيئن 'پنڌ چڪڻ' يا 'مدام وجد' جي ڪيفيت ۾ 'رقص' ڪندو رهڻ ۾ پوشيده رهي ٿو. 'پنڌ ۾ پنهنجي ذات جي نفي' جو نڪتو سمايل رهي ٿو. يا پنهنجي نفي کان اڳ ئي نفي جي موج ماڻڻ! ڪنهن سچ چيو آهي، "درويش اها هستي آهي جنهن مٿان ڪا وارتا ٿيندي رهي ٿي. نڪي اهڙو 'مسافر' يا 'ناچو' جيڪو پنهنجي اِڇا مطابق ڪندو هجي!" والٽ وٽمئن بہ ان نڪتي ۾ گهري ٿبي هٽي چيو هو، "اي عام شاهراهہ تون منهنجو 'اظهار' مون کان وڌيڪ بهتر ۽ جوڳي نموني ۾ ڪرڻ جي اهل آهين." *(هلندڙ)*




# اوجاڳو اِيا ڪيترو ڏگهو ٿيندو؟



**رئوف نظاماڻي**

انور ابڙو جو تازو ڪتاب اڌ صديءَ جو اوجاڳو ڪجھ وقت اڳ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. انور سنڌي ليکڪن جي ان پيڙهي مان آهي جن جي لاءِ سنڌ هڪ مقصد ۽ لکڻ هڪ پيشي کان وڌيڪ هڪ مشن رهيو آهي. ان ٿهي جو واسطو ساڳي وقت عوام دوست سياست، ادب ۽ صحافت سان رهيو آهي. فقير محمد لاشاري، انور پيرزادو ۽ بدر ابڙو جو تسلسل ۽ هڪ لحاظ کان انهن جي تربيت هيٺ رهندڙ نسل ئي آهي جنهن ادب ۽ سياست کي گڏي هلايو ۽ جن جي لاءِ سنڌ هڪ جاگرافيائي ايڪي کان وڌيڪ هڪ رومانس آهي ۽ سندن لاءِ محبوب ۽ سنڌ ۽ ان جا ماڻهو گڏجي هڪ ٿيو ٿا وڃن. اهڙي ريت سندن صحافتي ۽ ادبي لکڻين ۾ فرق ڪرڻ ڏکيوٽي پوندو آهي. اهڙا مثال دنيا جي ٻين اديبن جي سلسلي ۾ به ملن ٿا. خاص طور جڳ مشهور ليکڪ گارشيا مارڪيز جو مثال ان سلسلي ۾ ڏيئي سگهجي ٿو. ان ۾ ممڪن آهي ته ليکڪ پنهنجي صحافتي لکڻين ۾ موضوعيت جو شڪارٿي ڪنهن حد تائين معروضيت کان پري هليو ويندو هجي پر سندس پنهنجي وطن ۽ ماڻهن سان ڪمٽمنٽ سندس لکڻين کي هڪ نئون رنگ ڏيئي ٿي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي پنهنجن ماڻهن ڏانهن ذميوار محسوس ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ جو اٽڪل ٽيرنهن چوڏنهن سالن جو پورهيو آهي. مختلف اخبارن ۾ شائع ٿيل اٺهترچوند مضمونن ۽ ڪالمن کي شامل ڪيو ويو آهي. اهم موضوع جيتوڻيڪ سنڌ ئي آهي پر دنيا به مجموعي طور تي لاڳيتو تبديل ٿي رهي آهي. نئين صدي جا اهي شروعاتي سال نه رڳو سنڌ پر پوري دنيا لاءِ اهم واقعا ڪٽي آيا آهن. جيڪي اميدون گذريل صدي جي آخري سالن ۾ مايوسين ۾ بدلجي ويون انهن هڪ ڀيرو ٻيهراهو پيغام ڏيڻ شروع ڪيو ته اڃا سڀڪجھ ختم ناهي ٿيو. خاص طور تي عرب بهار اسانجي پاسي جي ملڪن ۽ ماڻهن کي هڪ نئون اتساهه ڏنو. گلوبلائيزيشن مخالف تحريڪ اهو ٻڌايو ته سرمايادار دنيا جي اڳواڻ ملڪن ۾ به سڀڪجھ ٺيڪ ناهي ۽ اتان جو پورهيت ۽ عام ماڻهو به انهن ملڪن ۾ جيڪي ڪجھ ٿي رهيو آهي ان مان مطمئن ناهي. انهن تبديلين هڪ ته اهو ٻڌايو ته دنيا موضوعي ۽ معروضي ٻنهي طريقن سان تبديل ٿي چڪي آهي. ٽيڪنالاجي ۽ خاص طور تي سوشل ميڊيا ماڻهن کي منظم ڪرڻ وارن پراڻن طريقن، وڏن اڳواڻن جي تقريرن، جلسن ۽ جلوسن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ساڳي وقت جيئن گلوبلائيزيشن مخالف تحريڪ جي هڪ اڳواڻ جو چوڻ آهي ته ان تحريڪ مان نظريو پڻ غائب ٿي ويو آهي. تاريخ ۾ هيستائين جيڪي به تحريڪون اٿيون آهن ۽ انقلاب آيا آهن اهي ان کان قطع نظر ته ڪيترو ڪامياب يا ناڪام ٿيا آهن سماج کي متاثر ۽ ان کي تبديل ڪرڻ ۾ هڪ ڪردار ضرور ادا ڪيو آهي. نه رڳو انهن تحريڪن جي اثرن ۽ انهن جي نتيجن وغيره تي بحث هڪ



ڏگهي عرصي تائين ٿيندو رهندو پر دنيا انهن جي اثرن کي پڻ محسوس ڪندي.

جيتوڻيڪ سنڌ جا ڪي مخصوص مسئلا آهن پر دنيا سياسي، سماجي ۽ معاشي لحاظ ان حد تائين هڪٻئي سان ٻڌجي چڪي آهي جو ان جي هڪ گلوبل وليج ته پري جي ڳالهه آهي پر هڪ گلوبل فيميلي هئڻ ۾ به ڪو شڪ نه رهيو آهي. اهڙي ريت سنڌ به هڪ ڏار ٻيٽ نه پر ان سڄي ماحول جو حصو آهي ۽ ان کي اهڙي ريت ئي ڏسڻ گهرجي. ليکڪ انهن تحريڪن جي حوالي سان بحث ڪيو آهي ۽ جيئن مضمون عرب اسپرنگ، سنڌ سمر ۾ انهن کي سنڌ جي صورتحال سان ڳنڍڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. ليکڪ ليبيا ۽ مصر جي صورتحال سان بحث ڪئي آهي ۽ان سلسلي ۾ پنهنجونڪته نظر ڏنو آهي. بهرحال انهن ملڪن ۾ اڃا تائين به ڪا ڳالهه حتمي ناهي ۽ صورتحال لاڳيتو تبديل ٿي رهي آهي. جيئن تازو ليبيا ۾ ٿيندڙ واقعن مان ظاهر آهي ۽ مصر ۾ لاڳيتو هڪ بيچيني واري ڪيفيت آهي. تيونس، شام ۽ يمن متعلق تفصيلي بحث جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي جيڪا ڳالهه ان موضوع کي گهٽي حد تائين مڪمل ڪري ڇڏي ها. ايران جي گرين موومينٽ جو ناڪام وڃڻ، هيوگو شاويز ۽ نيلسن منڊيلا کي خراج عقيدت، هڪ انقلابي جو موت، وينزويلا ڪارو ويس اوڍيو ۽ جڏهين هڪ ڇوڪري کي منڊيلا جي آزادي جي خوشي ۾ سندس والد ڪيڪ وٺي ڏنو، راج گهاٽ تي اوباما ڪردن جون بندوقون ۽ اوباما کي فلسطيني ٻارن جي ڳڻتي، افضل گورو جي ڦاهي هندوستاني جمهوريت تي آيل سواليه نشان عالمي معاملن متعلق مختلف مضمون آهن جيڪي ليکڪ جي ڪاٻي ڌر جي سياسي پسمنظر جي نشاندهي ڪن ٿا. پر نندي ڪنڌ جي نئين وار اينڊ پيس جو مهاڳ ليکڪ ۽ ڪتاب جي مزاج کان ڪي قدر هٽيل مضمون لڳي ٿو. پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ڇڪتاڻ ته ٻنهي ملڪن جي ماڻهن لاءِ هڪ لاڳيتو مسئلو آهي. جيڪڏهين جنگ ناهي به




تہ بہ اهي هڪ جنگ واري صورتحال ۾ ئي رهن ٿا. ڊيموڪلس واري تلوار ڪڏهين دهلي ۾ پارليامينٽ تي حملي جي صورت ۾ ۽ ڪڏهين ممبئي حملن جي صورت ۾ سندن مٿان لٽڪيل ئي رهي ٿي. اهو ذڪر ڪيل مضمون ڪارگل جي جنگ جي حوالي سان لکيل آهي. ڪارگل هڪ اهڙو واقعو هو جنهن کي پاڪستان جي حڪمرانن تہ شروع ۾ مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو ٿي تہ ان ۾ ڪنهن لحاظ کان پاڪستان جي رياست شامل آهي ۽ انهن ان کي مجاهدين جي ڪاروائي قرار ڏنو ٿي. اهو تہ بلڪل آخر ۾ جڏهين هندوستان فوجي ڪاروائي شروع ڪئي ۽ عالمي دٻاءُ وڌي ويو تہ پوءِ پاڪستان پاران ان سڄي ڪاروائي کي اون ڪيو ويو. ٻي ڳالہ تہ اها جنگ پاڪستان جي سرزمين تي نہ پئي وڙهي ويئي. ان ڪري پاڪستان جي حڪمرانن وٽ اهڙو ڪو اخلاقي جواز نہ هو جنهن جي بنياد تي ان کي هڪ قومي جنگ ڪري پيش ڪري سگهجي ها ۽ اهڙي ريت ملڪ جي ليکڪن ۽ فنڪارن کي تحرڪ ۾ آڻي سگهجي ها جيئن اڳ ڪيو ويو هو. جڏهين تہ ڀارت لاءِ اها بلڪل مختلف صورتحال هئي. ان ان کي پنهنجي سرزمين تي حملو ڪري پيش ڪيو ۽ ان بنياد تي نہ رڳو ملڪ ۾ پر عالمي سطح تي معاملي کي اٿاريو. مادر وطن جي دفاع لاءِ جيڪڏهين فنڪار پاسو وٺن ٿا ۽ پنڪج اداس ۽ جاويد اختر جيڪڏهين پنهنجن سپاهين کي خراج پيش ڪن ٿا تہ اها ڪا اهڙي حيرت جهڙي ڳالہ ناهي ۽ اهو سيڪجهہ نہ رڳو ٻنهي ملڪن جي حوالي سان پر تاريخ ۾ بہ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالہ ناهي جڏهين فنڪارن ۽ ليکڪن باقاعدي مادر وطن جي دفاع لاءِ هٿيار کڻي بہ ويڙهہ ڪئي آهي.

جيڪڏهين ائين چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ليکڪ ٻين مختلف موضوعن کي رڳو پڙهندڙ جي ذائقي بدلائڻ لاءِ شامل ڪيو آهي جڏهين تہ سندس اصل موضوع سنڌ ۽ انجا مسئلا آهن. سنڌي ليکڪ سنڌ متعلق ڏاڍو حساس رهيو آهي ۽ ان جي مسئلن ڏانهن وقت بوقت اختيارين جي توجهہ ڇڪائيندو رهيو آهي ۽ ان تي احتجاج بہ ڪندو رهيو آهي. پر مسئلو اهو رهيو آهي تہ اهي مسئلا بجائي حل ٿيڻ يا گهٽجڻ جي اجا وڌندا ۽ پيچيدا ٿيندا رهيا آهن. ڳالہ اها آهي تہ ليکڪ وٽ تہ خواب، خيال ۽ آدرش آهن جڏهين تہ عملي ڪم سياستدانن جي هٿ ۾ هوندو آهي. ليڪن جي ابتڙ سنڌ جي سياستدانن جي گهڻائي جو واسطو جاگيرداري پسمنظر رکندڙ وڏي زميندار طبقي سان آهي جنهن جي لاءِ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ عام ڀلائي وارن ڪم ڪرڻ جو خيال ئي نہ رڳو هڪ اوپري ڳالہ آهي پر ان کي اهي پنهنجي بيعزتي ڪري ليکين ٿا. ڇاڪاڻ تہ سندن خيال ۾ خدمت تہ سندن ٿيڻ گهرجي ۽ مراعاتن جا اهي حقدار آهن ۽ نہ اهي ٽڪي ٽڪي جا ماڻهو جن جو ڪنڌ ئي سندن آڏو نہ ٿو ڪڇي ۽ جن جو مقدر ئي سدا جي غلامي آهي. سنڌ جو حڪمران طبقو پنهنجي انفرادي مفادن جي تحفظ لاءِ هميشہ اجتماعي مفادن ۽ سنڌ جي ماڻهن جو سودو ڪندو رهيو آهي. سندس ناتو هميشہ حڪومت ڪندڙ ڌر سان ئي رهيو آهي پوءِ ان کي ڀلي جمهوريت جو نالو ڏجي يا آمريت جو. انهن جي متبادل طور وچولي ۽ هيٺئين طبقي جي نمائندگي جي دعوا ڪندڙ جيڪي جماعتون آهن اهي هڪ تہ ماڻهن ۾ اعتبار قائم نہ ڪري سگهيون آهن ۽ ٻي ڳالہ تہ وٽن سوائي حڪومت جي ڌنل ڪنهن مسئلي تي ردعمل ڏيکارڻ جي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪو واضح پروگرام ناهي. ان صورتحال ۾ هڪ سوچيندڙ، حساس ۽ مخلص ماڻهو ۽ خاص طور تي ليکڪ وٽ فرسٽريشن، ڪاوڙ ۽ بيوسي ڪاسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿو بچي.

ٻوڏن، زلزلن ۽ قدرتي آفتن سان هر ملڪ ۽ قوم جو واسطو پئي ٿو ۽ انهن کي ٽارڻ جو اپاءُ اجا ڪير بہ دريافت ناهي ڪري سگهيو پر عوام جا هڏ ڏوکي حڪمران اهڙا احتياطي اپاءُ ضرور وٺندا آهن جن سان جاني ۽ مالي نقصان کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري سگهجي ۽ ماڻهن جي اهنجن کي گهٽائي سگهجي. ان سلسلي ۾ حڪمرانن جي ذميواري جو اندازو ان ڳالہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ تازو ڏکڻ ڪوريا ۾ جڏهين هڪ لانچ جي ٻڏي وڃڻ ڪري سوين ماڻهو ٻڏي مري ويا ۽ انتظاميا انهن جي بچاءُ لاءِ ڪي جوڳا قدم نہ کڻي سگهي تہ ايستائين تہ وزيراعظم ان جي ذميواري کي قبوليندي پنهنجي استعفا پيش ڪري ڇڏي. ان جي ڀيٽ ۾ تازين ٻوڏن ۽ مينهن ۾ سڄي سنڌ ٻڏي ويئي ۽ ان جو مک ڪارڻ بدانتظامي ۽ حڪمرانن پاران پنهنجين زمينن ۽ ملڪيتن کي بچائڻ جي ڪوشش هئي. ڪتاب ۾ ان موضوع تي ڪجهہ مضمون شامل آهن. سڄي سنڌ جي اخبارن ۽ ليکڪن لاڳيتو ان موضوع تي لکيو پر اقتدار جي صاحبن جي ڪن تي جونءِ سرڻ تہ پري جي ڳالہ سندن حال تہ اهو هو تہ ڄڻ ماڻهن کي چوندا هجن تہ جيڪڏهين اوهان کي ماني نہ ٿي ملي تہ پوءِ ڪيڪ ڇو نہ ٿا کائو. هڪ لحاظ کان سنڌ جو حڪمران طبقو ڄڻ تہ سنڌ جي ماڻهن سان جنگ ۾ رڌل آهي جنهن جي ڪري سنڌ هڪ سماجي بحران جي ور چڙهيل آهي. ان سلسلي ۾ خاص طور تي ٻهراڙيون ڄڻ پنهنجن ماڻهن کي لوڌي ڪڍي رهيون آهن. رڳو زمين جي موروثي ورهاست، بيروزگاري ۽ سم ۽ ڪلر وغيره جي ڪري پوک لائق زمين جو گهٽجڻ مسئلو ناهي پر قدرن جو هيٺ مٿي ٿيڻ، هڪٻئي جي عزت، پاڙي ۽ ڳوٺ جو خيال ۽ ڏک سک ۾ هٿ ونڊائڻ جهڙيون ڳالهيون تہ ماضي بڻجي چڪيون آهن پر ان جي ابتڙ سيني رشتن ناتن کي هڪ پاسي رکي تشدد وسيلي پنهنجي لاءِ فائدا حاصل ڪرڻ هڪ معمول بڻجي چڪو آهي. رڳو ڌاڙيل فيڪٽر هاڻي مسئلو ناهي رهيو پر هر شخص ڄڻ ٻئي ۾ بگهڙ جيان اکيون وجهيو ويٺو آهي تہ ڪڏهين ٿو اکيون پوري تہ جيئن مٿس ڪاهہ ڪجي. ليکڪ واقعي صحيح ٿو چئي تہ اها سنڌ ۽ ان جا ماڻهو تہ ڪي ٻيا هئا جن جي مٺ محبت، مهمان نوازي ۽ چڱاين سان ڪتاب ڀريا پيا آهن. ان سلسلي ۾ رياست ڄڻ تہ غيرجانبدار ٿيو ويٺي آهي ۽ نتيجي ۾ پيدا ٿيل خال کي وڏن زميندارن ۽ سردارن پورو ڪيو آهي جن سڄي سنڌ کي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو آهي ۽ انتظامي ۽ عدالتي لحاظ کان ڄڻ سڄو اختيار وٽن ئي آهي. هڪ قبيلي ۽ ذات جي ماڻهو کي ٻي ذات ۽ قبيلي جي علائقي ۾ وڃڻ لاءِ ڄڻ تہ پاسپورٽ ۽ ويزا جي ضرورت پئجي ويئي آهي. ان ٽوڙ ڦوڙ ماڻهن کي شهرن ڏانهن ڌڪي ٻهراڙين تي انهن سردارن ۽ ڀوتارن جي قبضي اجا وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي.




اها سڄي صورتحال سنڌ جي سياسي حالتن ۽ سياسي جماعتن ڏانهن توجهہ ڇڪرائي ٿي. ايم آر ڊي جي تحريڪ ڄڻ تہ پيپلزپارٽي جي سنڌ جي گهڻن ڀوتارن کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو هو. منجهائن گهڻن ان کي پنهنجن هٿن مان ويندي محسوس ڪندي جيل وڃڻ کي ترجيح ڏني هئي ۽ حڪومت کي اهو موقعو ڏنو هو تہ اها ان کي پنهنجي ليکي ختم ڪري. اهو سنڌ جي سياسي تاريخ جو ايڏو وڏو سياسي اڀار هو جو قومپرست جماعتون، جن مان ڪجهہ ان تحريڪ جو حصو پڻ رهيون هيون، جيڪي اجا پنهنجي تنظيم جي ابتدائي مرحلن ۾ هيون ان کي سنڀالي نہ سگهيون ۽ مارشل لاءِ سرڪار سياسي تشدد ۽ لالچ سان گڏو گڏ جيل ٽوڙائي ڌاڙيل فيڪٽر کي متعارف ڪرائي ۽ انهن کي جديد هٿيارن سان هٿياربند ڪري اغوائن ۽ ڦرن وسيلي وچولي طبقي، جيڪو ان تحريڪ جي ڪرنگهي هو، کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. ان عرصي ۾ عالمي حالتن ۾ پڻ بنيادي تبديليون واقع ٿيون جن جو سنڌ جي ٻهراڙي جي حوالي سان تت اهو هو تہ اين جي اوز جو ڄار وڏي پئماني تي ڦهلجي ويو ۽ سياسي ڪارڪن هڪ بلڪل اڻ لڀ شيءِ ٿي پيو. اهڙي ريت اسٽيٽس ڪو خلاف جدوجهد گهٽي ياڳي پسمنظر ۾ هلي ويئي. انهن سڀني ڳالهين گڏجي سنڌ ۾ ڀوتارن جي ڪمزور ٿيندڙ ضابطي کي مضبوط ڪيو. انهن جو بچاءُ ويڙهاڪ ۽ راڄ ڪيو ۽ ڪنهن بہ سياسي تحريڪ کي جيڪا سندن مفادن لاءِ هاڃيڪار هجي کي اڀرڻ کان روڪڻ ۾ هو.

هن وقت سنڌي سماج ۾ جيڪا اڻ تڻ، بيچيني ۽ افراتفري آهي اها هڪ لحاظ کان ڄڻ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي سياسي شعور جي ملندڙ سزا آهي. ان صورتحال کي روڪڻ ۾ سياسي ۽ طبقاتي جماعتن جو ڪو ڪردار ڪونهي ۽ اهي هڪ لحاظ کان ان سلسلي ۾ ڄڻ بلڪل غير موثر ٿي چڪيون آهن. اها صورتحال جيڪڏهين ساڳي رهي ٿي تہ پوءِ اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ انور ۽ اسان جهڙن ليکڪن جا اوجاڳا اجا ڪيترو عرصو هلندا. ■





# غلام رسول ڪلهوڙو...



**ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو**

غلام رسول ڪلهوڙي جو جنم 3 جنوري 1941ع ۾ محمد صادق ڪلهوڙي جي وڏي پٽ جي حيثيت ۾ ڳوٺ جَهلي ڪلواڙ، ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪرڻ بعد ايم.اي سنڌي ۽ بي.ايڊ جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪرڻ بعد ڪجھ وقت لاءِ اسڪول ماستر ۽ ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر طور بہ ڪم ڪيائين. ان بعد سرڪاري خرچ تي ايڊنبرا، انگلستان مان اسپيشل ايجوڪيشن ۾ ڊپلوم ڪيائين. بعد ۾ اسپيشل ايجوڪيشن جي مختلف ادارن ۾ پرنسپال ٿي رهيو.

هڪ استاد هجڻ جي ناتي ادب ۽ علم سان لڳاءُ ڪيس اڳ ۾ ئي هو. ويتر عبدالڪريم گدائي ۽ محمد ابراهيم جويو جي صحبت ۽ رهبري سندس ڪاوشن ۽ ذهانت ۾ ترقي پسندانہ سوچ پيدا ڪئي.

سندس ڪاوشون گهڻي ڀاڱي طنز ۽ مزاح تي مشتمل آهن. انهن ڪهاڻين ۽ تحريرن ۾انفراديت نظر اچي ٿي. ڪن ڪن لکڻين ۾ اردو مزاح نگار شفيق الرحمان جي اسلوب جي جهلڪ محسوس ٿئي ٿي.

1960ع کان ڪلهوڙي صاحب جو ادبي سفر شروع ٿيو. هن جون شروعاتي ڪهاڻيون جيڪب آباد جي لوڪل اخبارن ۾ شايع ٿينديون رهيون. ان بعد سندس ڪهاڻين جو معيار ۽ دائرو وسيع ٿيڻ لڳو ۽ سندس پهرين ڪهاڻي پارت مان شايع ٿيندڙ ماهوار ڪونج جي مارچ 1963ع واري پرچي ۾ شايع ٿي. ان ڪهاڻي جو عنوان هو، ’علڻ خان ديدڙ.‘

ان بعد 1964ع ۾ سندس بہ ڪهاڻيون هڪ ٻئي پٺيان ’روح رهاڻ‘ رسالي ۾ شايع ٿيون. اهڙي ريت 1980ع تائين مسلسل ڪلهوڙي صاحب جون مزاحيہ ڪهاڻيون سنڌي زبان جي اهم رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون. انهن مان ماهوار نئين زندگي، ٽماهي، مهراڻ، بادل، سهڻي، سوجهرو، بختاور، ڪونج، روح رهاڻ ۽ اديون اهم رسالا آهن.

مرحوم جن ڪيترين مزاحيہ ڪهاڻيون بہ اڻ ڇپيل موجود آهن. ان سان گڏ هڪ سنجيده ڪهاڻين جو اڻ ڇپيل مجموعو بہ آهي ۽ هڪ ناوليٽ ۽ بہ ڊراما بہ اڻ ڇپيل دستياب آهن.

هو بهترين ڪالم نگار ۽ مضمون نگار بہ هو. سندس ڪيترا مضمون ۽ ڪالم روزاني عبرت روزاني سوڀ ۽ عوامي آواز ۽ لوڪل اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا.

سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ’ويرون ۽ لهرون‘ آهي ان کانپوءِ ’آئينو ۽ تصوير‘ ۽ ’زندگي هڪ مُرڪ‘ ڇپجي پڌرا ٿيا.

ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1969ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جيڪب آباد پاران ڇپايو ويو. ڪتاب ۾ ڏنل سيني ڪهاڻين مان ’محبت جا ڪين رنگ‘، ’انٽرويو‘ ۽ ’صنف نازڪ جي ڊائري‘ ان دور جي پڙهندڙن جي ذوق ۽ حالتن جون ترجمان هيون. هن ڪتاب تي ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو هڪ ڀرپور تبصرو لکيو، جيڪو آڪٽوبر 1969ع ۾ ماهوار اديوب جي پرچي ۾ شايع ٿيو هو.

مزاحيہ ڪهاڻين جو ٻيو شاندار مجموعو 1991ع ۾ ’زندگي هڪ مُرڪ‘ جي عنوان سان شايع ٿيو. هن مجموعو ۾ گهٽو ڪري 1971ع کان 1990ع تائين مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون هيون. مجموعي ۾ ڪُل 15 ڪهاڻيون شامل آهن. ڪهاڻين جو هي مجموعو رسول بخش خمارا آواز ادب اداري حيدرآباد پاران ڇپايو ويو هو. هن ڪتاب ۾ ڪجھ ڪهاڻيون جديد مزاحيہ انداز ۾ لکيل آهن ۽ فاضل مصنف ڊائيلاگس ذريعي مزاح پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سيني ڪهاڻين ۾ ان دور جي سما جي مسئلن کي سليقي ۽ طنزيہ انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

ڪلهوڙي صاحب جي ڪهاڻين جو ٽيون ڪتاب، ’آئينو ۽ تصوير‘ ناز سنائي سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 2002ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ 13 طنز ۽ مزاح تي مشتمل ڪهاڻيون شامل آهن. جنهن ۾ هڪ ريڊيائي ڊرامو پڻ شامل آهي.

سندس ڪهاڻين متعلق ناز سنائي لکي ٿو، ”غلام رسول ڪلهوڙي سنيجده ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم بہ لکيا آهن. پر هن جي مزاح ۾ جو مزاح شامل آهي. اُهو اڳ ۾ ڪِلي ڪِلي ڪلائڻ ڪانپوءِ سوچڻ تي مجبور ڪندڙ ڳالھ تحرير ڪَري وٺندو آهي. خبر ناهي تہ اهڙو ماڻهوءَ جيڪو ظاهري طور پاڻ تہ ڪلڻ ۾ خوشحال هوندو آهي پر هر ماڻهو آڏو پنهنجا غم لڪائي، مرڪڻ، کلڻ ۽ ٺهڪ ڏيڻ تي مجبور ڪندو آهي. اهو ماڻهو اندر ۾ ڇا هوندو آهي؟ اهڙو ئي خوش ۽ ٺهڪن ۾ پورو يا اندر ۾ هزارين ڪربلائون پاليندڙ هوندو آهي. ٻاهر ڪيرو ڪل ۾، اندر عاشورا.“

هن مجموعي ۾ هڪ ڪهاڻي ’هارس ٽريڊنگ‘ جي عنوان سان آهي جنهن ۾ موجوده سياست ۽ سياسي دوڪانداري ۽ موقعي پرستي متعلق راز سليل آهن. ٻين ڪهاڻين ۾ ’سنڌي لغت‘، ’نئون قصو جان عالم جو‘ ۽ ’صاحب ۽ بيگم صاحبہ‘ مجموعي جون اهم مزاحيہ ڪهاڻيون ڳڻي سگهجن ٿيون.

ڪتاب ۾ حميد سنڌي ۽ نجم عباسي جا ليڪڪ ۽ ڪتاب جي باري ۾ تاثرات ڏنل آهن.

پاڻ سنجيده رهندڙ ۽ ٻين کي کلائيندڙ ڪلهوڙو صاحب اصل ۾ سيني ۾ واقعي سوين ڪربلائون سانديي سنسار ۾ هلندو رهيو. ٻين لاءِ خوشيون ۽ ڪستوريون پکيڙيندڙ نماڻي ڇهري وارو ڪلهوڙو پنهنجي وِت ۽ سَت آهر ماڻهن کي آسانيون مهيا ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. ڪير ڪانئس خوش رهيو ۽ ڪير مٿس ڏمريو ۽ ڪنهن ڪيس بي عمل ۽ بي حِس سڏيو. اهو تہ هر ماڻهوءَ جو پنهنجو پنهنجو تجربو ۽ سمجهڻ توڙي پُرجهڻ جو ماڻ آهي. پر نيٺ هن دو-رنگي دنيا جي دولابن ۽ مايا ڄار ۾ قاتل ذهنن ڪيس نستو ڪري وڌو ۽ هو جهان جي جنگ جان ڏيئي هارائي ويو. ۽ تاريخ 30 جون 2013ع تي جيڪب آباد شهر جي ويجهو ڀرپور وهندڙ بيگاري واھ ۾ ٽپو ڏيئي، هميشہ لاءِ سڪون جي ننڊ سمهي پيو.

gsadhayo@yahoo.com



## ساٿي محبوب

تنهائي سان ٽيڪ ڏني آ
گم ٿيل رستي ۾ هڪ شخص
سج سميٽيا ڪرڻا پنهنجا
خاموشي آ خنجر جهڙي
جنهن کي دل ۾ ڪونهي ترس
سج سميٽيا ڪرڻا پنهنجا
رات لٽي آ چوگانن تي
تارا تارا ٿيندو رقص
سج سميٽيا ڪرڻا پنهنجا
پاڇولن جا پير مٽيا
جن تي هنجو ويسھ سرس
سج سميٽيا ڪرڻا پنهنجا

❊

مون وٽ ايندين نينديـن پيار
توکي کهڙي ڪس- اچڻ ۾
پوپاڙي جا پاڇا موٽيا
تون بہ هلي اچ اڇٽهار
توکي کهڙي ڪس- اچڻ ۾
ويڙهيان هنڌ وڇوڙن جا
گهر کي ڪريان گل گلزار
توکي کهڙي ڪس- اچڻ ۾
پاڇڻ ساڻ پڇارون چوري
روئان ويٺي زاروزار
توکي کهڙي ڪس- اچڻ ۾

❊

تارن ڪئي پاڻ ۾
رات بہ راڄوٽي
چنڊ سفر ۾ مون سان نڪتو
طوفانن جي ضد ۾ آهي
جهوپيءَ جي ٽوٽي
چنڊ سفر ۾ مون سان نڪتو
غيرن وٽ پنهنجن ڪنئي
جوءِ مٿان جوٽي
چنڊ سفر ۾ مون سان نڪتو. ■




## ناياب بروهي، ڪوئيٽا.

تاج صاحب،

اوهان سان رابطو تہ يڪو رهندو پيو اچي. لنڊن، آمريڪا، ڪينيڊا- جتان ڪٿان پي ڳالهايوسين. سوجهرو بہ مطالعي هيٺ رهيو. ۽ ننڍا وڏا اديب/ شاعر ايرندي/الهندي پي ڏٺم.

جي نہ هو رابطو تہ اهو سوجهرو پڙهندڙن سان نہ هو. جيڪو مسلسل ڪٽيل رهيو. سو سوري ريئلي ويري سوري. اي منهنجا مون جهڙا سوجهرو پڙهندؤ!

ڪراچي پهتس تہ ڪتابن/پرچن جي ڍوڍن (انبارن) ڪي پنهنجو منتظر ڏٺم.

سوجهرو ۾ بہ ڪيئي اهڙا ليک هئا جن تي تبصرو ڪرڻ ۽ تنقيدي نگاهہ وجهڻ جي سخت ضرورت هئي. پر هڪ تہ اهي پراڻا ٿي ويا هئا. ۽ ٻيو ان وقت مون وٽ وقت نہ هو.

هاڻ بہ جنهن اچل ڏيئي قلم ڪٽايو آهي اهو هڪڙي غير معروف ۽ بي ترتيب پرچي ۾ آيل هڪ معروف اديب امر جليل صاحب جي هڪ بي ترتيب ڳالهہ ٻولهہ/ گفتگو آهي.

امر جليل سنڌي ادب ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي. ۽ پنهنجي دور جي نوجوانن ۾ مقبول رهيو آهي. اسان جڏهن ڪيس (سندس ٻيهر ڇپيل ڪتابن ۾) پڙهيو تہ، نہ اهو دور هو. نہ اهو ماحول ۽ نہ ئي اهو چس- ڇو جو وقت ڪي گذرڻو آهي ۽ اهو گذري ويجي ٿو. ماڻهوءَ ڪي ۽ ماحول ڪي آڳوڻو ڏيکاري.

رڳو جي وقت گذري وڃي تہ بہ ڪا ڳالهہ ناهي. پر وقت ماڻهوءَ جي عمر بہ گذاري ويندو آهي. جنهن ڪري ماڻهوءَ ۾ وڏيون اڻوٽندڙ تبديليون ايندڀون آهن. ماڻهو ٻڍو ٿي ويندو آهي. اکيون، ڏند، وار ۽ ٻيو بہ گهڻو وڃائي وهندو آهي. (عقل، مت، شرم...)

يورپ ۽ آمريڪا وغيره ۾ ايئن ناهي. اتي وقت گذري ويندو آهي پر ماڻهوءَ جي عمر ڪي نٿو گذاري وڃي. بلڪ هلندي، هلندي، ويندي ويندي ماڻهوءَ ڪي وڏيون سوغاتون ڏيئي ويندو آهي.

ڇو جو، اتي ماڻهو پنهنجي عمر پاڻ گذاريندو آهي. وقت ڪي گذارڻ نہ ڏيندو آهي. ۽ پنهنجي گذاريندڙ زندگي جي وک وک جا تجربا، علم ۽ ڏاهپون پنهنجي وجود جي ماناري ۾ محفوظ سنڀالي رکندو آهي. جيڪي آخر ۾ ماڪيءَ جي صورت وٺي ويندا آهن.

اهي ماڪيءَ جون لارون اندر مان اوتجي جڏهن لفظن، گفتن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ ماڻهن اڳيان ايندا آهن تہ ماڻهن جا روح شاداب ڪري سرهاڻين مان پري ڇڏيندا آهن. ۽ ماڻهوءَ جون واٽون روشن ٿي پونديون آهن.

هتي اسان وٽ ايئن ناهي!! اسان وٽ گذري ويندڙ وقت ماڻهوءَ جي عمر جا سڀ تجربا، علم ۽ ڏاهپون بہ پاڻ سان گڏ ڪٽي روانو ٿي ويندو آهي. پوءِ ماڻهو پلي جوانيءَ ۾ ڪيڏو بہ ذهين ۽ ڏاهو هجي پڇاڙيءَ ۾ خالي خول ٿي vQڪو بنجي پاڻ پڌائڻ واري مرض يا وڏاندريءَ واري بيماريءَ ۾ وڪوڙجي، اجايو سندرو ٻڌي بنا ڪنهن سوچ ۽ سبب جي ’سمجهائڻ‘ واري شعبي سان وابستہ ٿي بلڪ لهي پوندو آهي.

شيخ اياز بہ ايئن پنهنجي پڇاڙي سرهي ڪئي!! ٻيا تہ ٺهيو پر پٽ ڏٽي بادشاهہ سان بہ مقابلي لاءِ لهي پيو.

ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ جي لطيف چيئر ۾ ڪنهن پروگرام ۾ شاهہ لطيفؒ جي فقيرن، فقير سيد جمن شاهہ، گلڻ فقير خاصخيلي، خان محمد، فقير لنجواڻي ۽ ٻين جي اڳيان سگار جا وڏا وڏا ڪش هڻي چوڻ لڳو،

”لطيف فقير وڏو هو ۽ آئون شاعر وڏو آهيان.“

(اهي فقير رب جي ڪرم سان حال حيات آهن. رب ڪين وڏي ڄمار ڏي پر انهن جا پويان نوجوان ۽ پڙهيل پٽ/پوٽا اڄ بہ اها ڳالهہ هر هڪ کي ٻڌائين ٿا.)

جڏهن ماڻهو پاڻ کي پاڻ ڪلڻ هاب ڪري تہ ان جو ڪو علاج ناهي. يعني، پنهنجي وڏئي جو ويڄ نہ طبيب.

بلڪل ايئن هاڻي امر جليل بہ ساڳي ريل واري پٽيءَ تي چڙهيل پيو لڳي.

جيئن هڪ سنڌي چئنل تي ڪلاس روم جي نالي سان ٽيندڙ سندس هڪ پروگرام آهي جنهن ۾ هو سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ گهٽ ڳالهائيندو آهي. ۽ جيڪو بہ ڳالهائيندو آهي اهو سڄو، ’سنڌيت‘ تي چٽر هوندي آهي. گهڻو هو اردوءَ ۾ ڳالهائيندو آهي. ۽ انهي ليڪچر ۾ هو وڏاندرائيءَ جي حدن ۾ گهڙيل نظر اچي ٿو.

سمجهيل ڳالهہ کي سمجهائڻ حيرت جهڙو عمل آهي. جي هُو اردوءَ ۾ انهيءَ گروهہ کي ڪجهہ سمجهائڻ چاهي ٿو جيڪو سنڌي قوم کي اذيت ڏيڻ ۾ راحت محسوس ڪري ٿو تہ ڇا سندس اردو ڳالهائڻ جي ڪري پنهنجي ڏنل زخمن تي ڀها رکندو؟

ڇا امرجليل جيڪو پراڻي وقت کان ڪراچيءَ ۾ رهيل آهي. اهو اڃا تائين انهن جو مزاج سمجهي نہ سگهيو آهي؟ يا تہ اتي بہ ڪجهہ ڍڪيل آهي.

(امر جليل صاحب، آئون نہ رڳو اوهان کان عمر ۾ ننڍي آهيان پر ڪراچي بلڪ ملڪ کان ئي ٻاهر رهي آهيان گهڻو. پوءِ بہ ڄاڻان ٿي تہ انهيءَ گروهہ جا ماڻهو نہ رڳو سنڌي سمجهن ٿا پر سندن مرڪز 90 ۾ هڪڙو اهڙو بہ شعبو قائم آهي جتي سڀني سنڌي اخبارن، رسالن ۽ چينلن تي ڪڙي نظر رکي وڃي ٿي. اوهان کو بہ فڪر نہ ڪريو اتي سندن مددگار/پيسن تي خريد ڪيل غلام، عبدالواحد آريسر، خاڪي جويو، اشفاق منگي، ساجد سومرو، وسيم سومرو، ايوب ڪوسو، فراق هاليپوٽو، ڏاڙهون ڏڪايل (جنهن کي انهيءَ گروهہ بنگلو بنائي ڏنو آهي) دليپ ڪوٺاري، معصوم ٿري (جنهن الطاف حسين جو ڪتاب، ’محبت کا فلسفہ‘ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ۽ انهيءَ گروهہ جو مترجم آهي) حليم باغي ۽ خطائي ٽيٻو، (پلي اهي نہ مڃين پر پڪ سان شامل آهن.) ڪجهہ ڪجهہ اياز رضوي ۽ ٻن ٻيڙين جو سوار تاج جويو ۽ ٻيا ڪيترا ڳٽي ڪيترا ڳٽجن. ملڪ مڙيوئي منصور لڳو پيو آهي. اهڙن غيرت کان عاري سنڌين جي هوندي اوهان جو اردوءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ نہ ڳالهائڻ سان ڪو بہ فرق نٿو اچي.)

امرجليل جون اردو اخبار ۾ لکيل ڪالمن ۾ ٿيل ڪيئي ڳالهيون پڻ بحث طلب ۽ قابل تنقيد آهن. جن تي پڻ ڪڏهن ڳالهائبو. پر هتي شاهہ لطيف بابت ڪيل گفتگو زيرِ قلم آهي.

منهنجي خيال ۾ تہ شاهہ لطيف جي ڪلام بابت اهو ڳالهائي جيڪو ان کي سمجهي ۽ پڙهي سگهندو هجي.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ايئن ناهي. هتي هر نالي ڪوٺيو اديب يا ادبي ادارن جا وڏا محض سيٺ ۽ عهدي جي آڌار، بنا ڪنهن سمجهہ ۽ ڄاڻ شاهہ لطيف تي ڳالهائي ويندا آهن. پلي هو لفظن ۽ لهجن کان اڻ واقف هجن!!

شاهہ لطيف سان اهي بيواجبيون بلڪ ظلم صدين کان هلندڙ آهن. سيئي شاهہ لطيف جا شارح جيئن تہ هڪ ئي علائقي (اتر) سان تعلق رکن ٿا ۽ اهي سيئي شاهہ جي بنيادي لهجي ۽ لفظن کان اڻ ڄاڻ آهن. انهن شروع کان وٺي هيل تائين بيواجبين ۽ ظلمن جو سلسلو جاري رکيو آهي.

وڏو ناحق اهو جو لفظن جي معنيٰ نہ اچڻ جي صورت ۾ انهن اهي لفظ ئي، ’شاهہ جي رسالي‘ مان ٻاهر ڪڍي دربدر ڪري ڇڏيا آهن. بنا ڪنهن قياس ۽ کهڪاءُ جي. پهرين اهو عمل ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪيو. ۽ پوءِ ٻين ڪيو. جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اڃا بہ وکون اڳتي وڌي ويو.

بلڪل ايئن ئي امرجليل بہ بنا ڪنهن سمجهہ ۽ ڄاڻ جي شاهہ لطيف جي باري ۾ گوهر افشاني بلڪ زهر افشاني ڪئي آهي.

ڪائونس سوال ڪيو ويو، ”شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز انهن ٻنهي مان اوهان کهڙي ليکڪ سان وڌيڪ پيار ڪيو ٿا؟“

(عزيز قاسماڻي، آئون ڄاڻان ٿي تہ تون شيخ اياز کان گهڻو متاثر آهين. يا متاثر ٿيڻ تنهنجي مفاد ۾ آهي. پر شاهہ لطيف کي شيخ اياز سان گڏ ٻيهاري هڪ ’ليکڪ‘ چوڻ تنهنجي علم جو ڪٿو نماءُ آهي. ’ليکڪ‘ معنيٰ جيڪو لکندو هجي. جڏهن تہ شاهہ لطيف ڪڏهن بہ پنهنجو ڪلام پاڻ نہ لکيو آهي.

جواب ۾ امرجليل فرمائي ٿو، ”ڳالهہ اها آهي تہ وقت وڏي شئي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ پوڻا ٽي سو سال جو فرق آهي. ايترو عرصو اڳ اسانجون سياسي، سماجي حالتون بلڪل مختلف هيون. ۽ هن دور جون بلڪل مختلف آهن. (ڌوڙ مختلف آهن. امر جليل صاحب، توهان تہ وڏا تجزيا ڪندا آهيو. ٻڌايو تہ سواءِ وقت گذرڻ جي ٻيو ڇا مختلف آهي؟ سماجي حالتن ۾ ڪهڙو سڌارو آيو آهي؟ يا اهي مختلف آهن؟ سياست نہ اڳ هئي نہ هاڻي آهي...!!)

ان دور جي ليکڪ (شاهہ لطيف ليکڪ ناهي) جيڪو لکيو، پنهنجي دور لاءِ لکيو. هن دور جو ليکڪ جيڪو لکندو پنهنجي دور لاءِ لکندو.

شايد امرجليل کي پنهنجا لکيل اڳوڻا ڪالم، ’تنهنجون منهنجون ڳالهيون‘ (جيڪي وري بہ هاڻ ڪتابي صورت ۾ آيا آهن) وسري ويا آهن تہ هو وري بہ پڙهي جن ۾ هن پنهنجي اندر جي ڪيفيت بيان ڪرڻ لاءِ شاهہ لطيفؒ جو سهارو ورتو آهي. شايد ٻوليءَ جي جهيڙن (1972ع) وقت سندس هڪ ڪالم ۾ شاهہ لطيف جي بيت، ”هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار...“

بابت امر چيو هو، ”فلسطيني جي اهو بيت يڪتاري تي ڳائيندي ٻڌن ته ڪلي پون ۽ چون ته هي بيت ته گولين جي گونجار ۾ ڳائڻ جهڙو آهي.“ (لفظ ساڳيا ته ناهن پر لڳ ڀڳ ساڳيا ئي آهن). يعني پوڻا ٽي سو سال اڳ جي حالتن ۾ چيل بيت ڪيس موجوده حالتن ۾ ٺهڪندڙ لڳو. جنهن ۾ هن پنهنجي اندر جي ڪيفيت بيان ڪئي آهي. معنيٰ ته شاهه لطيفؒ رڳو پنهنجي دور جو شاعر ناهي بلڪ هو امرجليل جي دور جو به شاعر آهي.

هاڻي به اسان شاهه لطيف جي ڏسيل راهه تي هلون ته جيڪي هيئن موڙ هلين جيان ٻاتاڙجي نه رکون نه ڦرجون نه تڙجون. اڄوڪي دور جي مثال لاءِ شاهه لطيف جا سوين بيت ڏيئي سگهجن ٿا. نه ته به امر جليل اجا جڙد مڙد آهي. پاڻ به ڪٽي ڪجهه تڪليف ڪري اڄوڪي دور جي اهڙن ماڻهن سان مليجن وٽ اڄ به شاهه لطيف ڏک سک ۾ حامي ۽ آٿت ڏيندڙ آهي.

شاهه لطيف جي راڳ بابت پڻ امرجليل پنهنجي گفتگو ۾ چٽر بلڪ بي عزتي ڪئي آهي ۽ شاهه لطيف جي عاشقن جي دل آزاري ڪئي آهي.

سوال هو، ”شاهه لطيف ايز موسيقار يا شاعر اوهان کي ڪيئن متاثر ڪري ٿو؟ ڇو ته ان جو راڳ جو هڪڙو اسڪول جڙيل آهي جتي اجا تائين راڳ ڳايو وڃي ٿو.“

جواب ۾ امرجليل چوي ٿو، ”مان هڪڙو سوال ڪيان. پٽ شاهه تي جيڪو راڳ ڳايو ٿو وڃي، ڇون ٿا اهو ٽي سو سالن کان ڳايو ٿو وڃي. ڇا اهو ڪنهن کي سمجهه ۾ اچي ٿو؟ هڪڙا هن دور جا نوجوان اتي ڏهه پندرهن ويهاريو ۽ اهي ڪن، آن، اون، چان، چون، هان، هون، ان ۾ ڪهڙو سبق آهي؟ ۽ ان کي ڪير ٻڌي ٿو؟“

اهو آهي امرجليل ۽ اها اٿس شاهه لطيفؒ جي ڪلام ۽ راڳ بابت ڄاڻ، سمجهه، احترام، عزت ۽ عقيدت.

جڏهن ته سوال ۾ اهو به چيل هو، ”اتي ان راڳ جو اسڪول جڙيل آهي؟ اسڪول جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ اهائي ته اتي استاد هوندا جن وٽ ان راڳ جي ڄاڻ هوندي ۽ جتي شاگرد هوندا جن کي اهو راڳ سيڪاريو ويندو ۽ اهي سکندا هوندا.

امرجليل صاحب کي منهنجي خيال ۾ بلڪ يقينن مشيگن يونيورسٽيءَ ۾ براڊڪاسٽنگ کان علاوه سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واري ٽريننگ ملي هوندي.

شاهه لطيف جي درگاهه تي ٿيندڙ راڳ نه رڳو سنڌ ۾ محبوب آهي. پر سنڌ کان ٻاهر به چاتو سچاتو وڃي ٿو. مون شاهه لطيف جي درٻار ۾ ٿيندڙ راڳ ۾ يورپي ماڻهن کي نهايت توجهه ۽ حيرت سان ٻڌندي ۽ جهومندي ڏٺو آهي. (امرجليل وانگيان چٽر ڪندي نه.)

ميوزڪ جي ڪن ڏاهن جڏهن شاهه جو راڳ جديد ميوزڪ سان گڏ راڳائي فقير سيد جمن شاهه ۽ سندس سائين کان اهو ئي پوڻا ٽي سو سال اڳ جو راڳ ڳارايو هو. (بقول امر جليل جي، اون، آن، چون، چان، هون، هان) ته دنيائي موسيقيءَ جا ڪپاٽ لڳي ويا هئا. انهيءَ پراسرار ۽ پراثرار راڳ ٻڌڻ ڪانپوءِ - حالانڪ شاهه لطيف جي سجاده نشين صاحب ان عمل تي ناراضگي ڏيکاري ۽ فقير سيد جمن شاهه کي شاهه لطيف جي راڳائي فقيرن جي لسٽ مان خارج ڪري ڇڏيو. (راڳ جي عزت ۽ احترام خاطر) جنهن کان پوءِ وڏين ميڙين منٿن سان ڪيس معافي ملي ۽ اهو سڀ ڪجهه اخبارن ۽ چينلز تي پڻ آيو هو ته ڪيئن فقير جمن شاهه، لطيف سرڪار جي محترم سجاده نشين صاحب جي پيرن تي ڪري ۽ هٿ چُمي معافي وٺي رهيو هو. سجاده نشين صاحب جو خيال هو، ”ايئن ڪرڻ سان راڳ ۾ تبديلي ۽ بگاڙ جو امڪان هو.“

ايڏي وڏي شاهوڪار، سنجيده ۽ قابل احترام راڳ لاءِ امرجليل چوي ٿو بلڪ سوال ڪري ٿو، ”اهو اون، آن، چون، چان، هون، هان. ڪير ٿو سمجهي؟“

اهو آهي امرجليل ۽ اها اٿس شاهه لطيف جي ڪلام ۽ راڳ جي باري ۾ سندس ڄاڻ، سمجهه ۽ عزت.

وڌيڪ فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن ته شاهه لطيف سان اهڙو چٽر وارو رويو روا آهي؟

(امر جليل صاحب، سنڌي ادب ۾ اهڙا به ڦاڙها ڪونه ماريا اٿئي جو تنهنجا اهڙا بي لغام جملا به برداشت ڪيا وڃن.)

*

تازو سوجهرو ۾ سرمد چانڊئي صاحب (جنهنجو نالو شايد پروف جي چڪ سبب، ’سرمد سنڌي‘ ڇپجي ويو آهي) جو انٽرويو پڻ نهايت مايوس ڪندڙ ۽ آزاريندڙ آهي. اڳ ٻڌو هئوسين ته سرمد چانڊيو صاحب ڪو، شاهه لطيف جو ڄاڻو آهي. يا ڇا؟ سامهون آيو ته، ”ڪاريءَ وارا ڪک هئا.“

هڪ سوال جي جواب ۾ چوي ٿو، ”لطيف جا بيت، وائيءَ جي تمهيد آهن. ان ڪري وائي وڌيڪ اهم آهي.“ (هاڻي ابا ڏيو منهن ٻروچ کي!)

اهڙي ڳالهه اهو ماڻهو ڪندو جيڪو شاهه لطيفؒ جي ڪلام کان ڪوهين ڏور هوندو. جنهن کي شاهه لطيفؒ جو ڪلام بلڪل سمجهه ۾ نه ايندو هوندو.

حقيقت اها آهي ته شاهه لطيفؒ جا بيت وائي کي جنم ڏين ٿا. يعني بيت ماءُ آهن. ۽ وائيءَ ان جو اولاد آهي.

شاهه لطيف جي بيتن ۾ ڪائناتون سمايل آهن. سارنگ جا بيت پڙهي شاهه جي فقيرياڻي مائي ’اينيمري شمل‘ حيران ٿي ويئي هئي. ۽ ڪيس پنهنجي وطن ڄائو عظيم شاعر شيلي تڇ ڀاسيو هو. جنهنجو برملا اظهار ڪندي هن پنهنجي هڪ مقالي ۾ چيو آهي،

> ”جرمنيءَ ۾ سانوڻ بابت چيل شيلي جا نظم شاهڪار سمجهيا وڃن ٿا. پر جڏهن مون ڀٽائي جي سر سارنگ جا بيت پڙهيا ته شيلي مون کي تڇ ڀاسيو.“ *(سنڌي جوت، سنڌي اڪيڊمي، دهلي انڊيا. 1999ع)*

اسلام آباد ۾ جڏهن هڪ انٽرويو ۾ ڪنهن ڪائونس وحدت الوجود بابت سوال ڪندي ٻلي شاهه جي سِٽ ٻڌائي هئي، ’رانجها رانجها ڪردي ني ۾ آپ هي رانجها هوءِ.‘ ته هُن (اينيمري شمل) هڪدم جواب ڏنو هو، ”اها ڳالهه ته گهڻو اڳ ڀٽائي چئي آهي. ’پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.‘

ايئن ساڳي ئي انٽرويو ۾ هن مثال لاءِ رڳو ڀٽائي جا بيت ڏنا هئا، ”ڏوريان ڏوريام مَ لهان...“ وغيره وغيره ۽ هن ڪنهن به وائيءَ جو ذڪر نه ڪيو هو.

شاهه لطيفؒ جا بيت، جن لاءِ هُن پاڻ ئي فرمايو آهي،

**جي تو بيت ڀانيان، سي آيتون آهين**
**نئو من لائين، پريان سندي پار ڏي.**

شاهه لطيف جا بيت هر دور تي حڪمراني ڪندڙ آهن. جڏهن ته وائي اجا تائين متنازعہ بڻيل آهي.

شاهه لطيف جو ڪو هڪ به بيت سرائيڪي ۾ ناهي. جڏهن ته رسالي ۾ ڪيئي سرائيڪي وايون آهن. جيڪي شاهه لطيفؒ جي ڪلام جي معيار کان هلڪيون ۽ غير واضح آهن. ٻين به سنڌي واين ۾ ڪيتريون اهڙيون وايون آهن، جيڪي اڌ نسخن ۾ آهن ته اڌ نسخن ۾ شامل ناهن. انهن ۾ به ڪن نسخن ۾ سِٽون گهٽ آهن ته ڪن ۾ وڌيل آهن. ۽ معيار ۾ به وڏا فرق آهن.

سرمد چانڊئي صاحب کان پڇيو ويو، ”شاهه سائين جو ڪهڙو رسالو مستند آهي؟“ ته جواب ۾ هن چيو، ”گنج.“

حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ’گنج‘ کان وڌيڪ غير مستند ڪو به شاهه جو رسالو/نسخو ناهي. ڇو جو ’گنج‘ بنا ڪنهن ڇنڊڇاڻ جي آهي جنهن ۾ مختلف ٻولين جي مختلف شاعرن جو ڪلام پڻ موجود آهي. ڀلي چانڊئي صاحب کي هر نسخي سان هزار اختلاف، سوين شڪايتون هجن. (جيڪي لاشڪ ته شاهه لطيفؒ جي هر عاشق کي آهن) پر هو صاحب، ’گنج‘ کي ڪهڙي بنياد تي مستند ڪوٺي ٿو. جيڪو غير مستند آهي ۽ جيڪا ڳالهه عالم آشڪار آهي.

بس. پتو پيو ته ايئن شاهه لطيفؒ کي پڙهيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن ته شاهه جي ڪلام تي راءِ ڏيڻ مهل گهٽ ۾ گهٽ اهڙي ماڻهوءَ کي جنهن کان شاهه بابت ڪجهه پڇجي ان کي ته شاهه جي ڪلام جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻ هجي. ٻوليءَ جي خبر هجي. اڳ سرمد چانڊئي صاحب لاءِ گهڻو ٻڌو هئوسين. پر، ”ڏٺو پير، پُني آس.“

جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان کان ڪنهن ڪوهستانيءَ پڇيو، ”ڊاڪٽر صاحب، اوهان ته جبل جي لفظن جون معنائون غلط ڏنيون آهن.“ ته ڪلي جواب ڏنائين، ”ڇا ڪريان منهنجي مادري ٻولي سرائيڪي آهي. سنڌي نه.“

اهي آهن اسان جا عالم ۽ اديب. ۽ اهو آهي شاهه لطيفؒ سان سندن غير سنجيده رويو، جيڪو اجا به الائي ڪيتري تائين هلندو يا وري هلندو ئي رهندو.

**الا ايئن مَ هوءِ....**

## فوزيه ناز محرابپور

ادب ۽ خاص طور تي معياري ادب جي کوٽ جي ڪري معاشري ۾ ڏوهہ ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن ڇاڪاڻ ته ادب سان وابسته ماڻهو (چاهي اهو ريڊر هجي يا رائيٽر) ڪرمنل نه ٿو ٿي سگهي. اديب ڪنهن شهرت حاصل ڪرڻ يا غير معمولي شخصيت ٿيڻ جو نالو نه آهي. اديب ادب ۽ ادب جي روايتن جو هڪ اهڙو رکوالو هوندو آهي جيڪو اخلاقي قدرن ۽ معاشري جي نفسيات کان چڱيءَ طرح واقف هوندو آهي. هو پنهنجي قلم مان نڪرندڙ لفظن کي ماڻهن جي امانت سمجهندو آهي. هو ڪجهه به لکڻ کان اڳ ايترو ضرورو سوچيندو آهي ته سندس لکٽي عام ماڻهوءَ تي ڪهڙو اثر ڇڏيندي؟ ۽ پڙهندڙ ڪهڙو تاثر وٺندو؟

ڪجهه عرصو اڳ منهنجي ڀائٽي آمريڪا مان تعليم مڪمل ڪري آئي آهي. آئون ڪيس ملڻ سندن گهر ويس. هونءَ ته سڀ ڪجهه سهي لڳو. پر ٻارن ۾ ادبي ماحول بنهه نه هو. نئي ادب بابت ڪا ڄاڻ - مون کين مشورو ڏيندي چيو، ’موڪلن جي فارغ وقت ۾ ادبي ڪتاب يا رسالا ضرور پڙهنديون ڪريو. ان سان سوچ ۽ شعور ڊولپ ٿئي ٿو ۽ صلاحيتون اجاگر ٿين ٿيون.‘

ڀاڄائي چيو، ’نه ادي، ادب ۾ ڇا رکيو آهي؟ رڳو عشق محبت جا راڳ، جدائيءَ جي هاءِ گهوڙا. ڪٿي فحاشي ۽ اگهاڙپ. اڄڪلهه ته لکڻ وارن مان ته اهو شعور

۽ شناس ئي نڪري وئي آهي.‘

ادب بابت اهڙي راءِ ٻڌي مونکي بحث ڪرڻ مناسب نہ لڳو. بس ايترو چيم، ’ پاڃائي، هرويرو ايئن بہ ڪونهي. اسان وٽ سٺا شاعر بہ آهن تہ ليکڪ بہ، جيڪي خراب آهن انهن کي ڇڏيو. سٺيون شيون پڙهڻ جي تہ اجازت ڏيوڻ ڇاڪاڻ تہ خود منهنجو تجربو آهي تہ ادب ئي انسان جو وڏي ۾ وڏو استاد آهي جيڪو انسان کي ذهني جهالت ۽ سوچ جي بدصورتيءَ کان بچائي ٿو.‘

مون وٽ ڪجھ رسالا ايندا آهن، مونکي سوجهرو ادبي لحاظ کان سٺو لڳندو آهي ۽ ان جي سرڪيوليشن بہ گهڻي آهي. هاڻي تہ نيٽ تي بہ اچي رهيو آهي ۽ اتان بہ پڙهي سگهجي ٿو.

هڪ ڏينهن پاڃائيءَ جي فون آئي. هن پڇيو، ’جون جو سوجهرو پڙهيو اٿئہ؟‘ مون چيو، ’ اڃا نہ پهتو آهي.‘ پاڃائي چيو، ’تون ان جي پهرين ڪهاڻي پڙهي ٻڌائجانءِ تہ تنهنجو ادب منهنجي نياڻين جي پڙهڻ جهڙو آهي؟ اهڙي ادب کان تہ سٺو تہ ڇوڪريون ويهي گهر جو ڪم ڪار ڪن.‘

ٻئي ڏينهن مون سوجهرو گهرائي پڙهڻ شروع ڪيو. ان جي پهرين ڪهاڻي، ’جاڙڪيءَ جي ڪپ تي اڏامندڙ ڏوڙ‘ جيڪا بادل جماليءَ جي لکيل هئي، پڙهي. ايئن لڳو ڄڻ جاڙڪيءَ جي ڪپ تان اڏامندڙ ڏوڙ سڄي ادب ۽ سوجهري کي ڏوڙ ڪري ڇڏيو هجي. پڙهي ڇرڪ نڪري ويو تہ اسان جا سينئر اديب ادب جي آڙ ۾ ايتري عرياني بہ ڦهلائي سگهن ٿا؟ ڇا ڪين اها خبر نہ آهي تہ هيءَ سنڌ آهي، جتي سندن لکڻين جو ڪهڙو اثر پوندو؟ اسان جي ڪلچر ۽ اسان جي سمورن صوفين تہ ٻين جي عيبن تي پردو وجهي سندن خطائون دور ڪري سندن اصلاح ۽ رهنمائي ڪرڻ جو درس ڏنو آهي تہ پوءِ پنهنجي ڌرتيءَ جي ڪنهن مخصوص علائقي جي ڳالھ اهڙي اٽوٽندڙ ۽ فحش طريقي سان ڪرڻ، (جنهن ۾ نہ ئي ان قسم جي برائين کي ختم ڪرڻ جو ڪو حل ٻڌايل آهي ۽ نہ ئي ان ۾ ڪو سبق يا نصيحت سمايل آهي) فقط برائيءَ کي اجاگر ڪرڻ ۽ ڦهلائڻ ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

تيرهن، چوڏهن سالن جو ٻار ميچوئر نہ هوندو آهي. هو جيڪا شيءِ ڏسندو يا پڙهندو آهي ايئن ئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڇا هيءَ ڪهاڻي ان عمر جي ٻارن جي پڙهڻ جي آهي؟ جي نہ تہ هن ڪهاڻيءَ جي ٽائيٽل جي مٿان لکو ها، ’اونلي فار ايڊلٽس‘ ۽ جيڪڏهن هيءَ ڪهاڻي انهن نوجوان ٻارن جي پڙهڻ جي آهي تہ اهي هن مان ڇا سکندا؟

اگر هن ڪهاڻيءَ تي ليکڪ جو نالو نہ بہ هجي ها تہ آئون يقين سان چوان ٿي تہ اهڙيون ڪهاڻيون ڪو ابنِ آدم ئي لکي سگهي ٿو جنهن بنتِ حوا جو ڪنڌ شرم سان جهڪائي ڇڏيو آهي. هن کان اڳ جو اوهين اهي مثال پيش ڪيو تہ فلاڻي وڏي ليکڪ ان کان بہ وڌيڪ فحش انداز سان لکيو آهي تہ ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ ڪو ان کان بہ وڌيڪ عرياني ڦهلائي وڃي. جونيئر هئڻ ڪري آئون وڌيڪ تہ ڪجھ نہ ٿي لکي سگهان ڇاڪاڻ تہ منهنجو قلم مونکي ادب جون حدون اورانگهڻ جي اجازت نہ ٿو ڏئي. پر ايترو ضرور پڇنديس تہ هن معاشري ۾ جتي ادب جي سخت ضرورت آهي ڇا اتي هڪ ماءُ پنهنجي ڌيءَ کان سوجهرو جهڙو رسالو بہ لڪائي رکي؟‘

بادل جمالي صاحب، ٻڌايو تہ جڏهن توهان کان توهان جي نياڻي اچي پڇي، ”بابا، ’ڪوڏي ڪِلي راند‘ ڇا آهي؟“ تہ توهان انکي ڇا جواب ڏيندا؟“

*(فوزيہ صاحبہ، اوهانجا اعتراض ڪنهن بہ حد تائين درست ناهن. اوهان جنهن ’محدود ماحول‘ ۾ رهو ٿا. اها انهيءَ ماحول جي شديد گهرج آهي. اهڙا اعتراض اٿاري سگهجن ٿا. پر مسئلو هڪ پاسائون بحث هيٺ نٿو آڻي سگهجي. اوهانجي پاڻتي، ٻارن سوڌو آمريڪا کان واپس آئي آهي. (ائين لڳو ڄڻ Kpk جي پنتي پيل علائقي جي خاتون هجي). آمريڪي Ten Ager جي اخلاقي سوچ ايتري سطحي ڪٿي آهي؟ آمريڪي ٻارن لاءِ ڌار چئنل آهن. جتي ٻارن جي ذهني اوسر لاءِ سيڪس کان سول تائين (sex to soul) فلمون، فيچرس ۽ ٻيون بي انت اهڙيون شيون ڏيکاريون وڃن ٿيون، جنهنجو نندي ڪنڌ ۾ (پارت کي ڇڏي) ڏيکارڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي.*

*نان ٽرانسپرنٽ يا ٽرانسپرنٽ ’بدعت‘ تي قلم ڪٽڻ، پورنوگرافي ۾ شامل ناهي. بلڪ اصلاح جو اهو پهلو آهي جيڪو گهڻ-مقصدي آهي. اسانجو معاشرو، ’عيبن‘ تي پردو وجهڻ ڪري ئي وڌيڪ ’عيبدار‘ بڻجي پيو آهي. جيڪڏهن مهڙ کان ئي ٻارن کي ’سٺي‘ ۽ ’خراب‘ ماحول ۽ ان جي سٺن يا اگرن اثرن يا وري نتيجن بابت ڄاڻ هجي ها تہ جيڪر ’جاڙڪيءَ جي ڪپ تان ڏور...‘ تي ايڏا ڇنڊا نہ پون ها. اوهانجي خط جي جواب لاءِ بي انت ثبوت، قانوني ڪتابن ۾ ’هاڪاري سوچ‘ سان محفوظ آهن. ويجهو دستاويز ’منٽو جي ٺنڊا گوشت‘ جي ڪيس وارو موجود آهي. ’ٺنڊا گوشت‘ ۾ منٽو جو هڪ ڪردار مئل عورت سان ’بلادڪار‘ ڪري ٿو. ۽ عدالت منٽو کي ان ڪيس (پورنوگرافي) مان آجو ڪري ڇڏي ٿي. ’جاڙڪيءَ جي ڪپ تان اڏامندڙ ڏوڙ...‘ تہ ٻارن پڙهي بہ ناهي. ڪهاڻي ٻارن جي ماءُ پڙهي آهي. جيڪا آمريڪا ۾ رهي ٿي. اهڙا ويچار، ڪنهن گهٽ پڙهيل ۽ محدود منظرنامي ۾ ساهہ کڻندڙ خاتون جا ويچار/اعتراض تہ ٿي سگهن ٿا. پر آمريڪي عورت جا نہ. اصل ۾ فحاشي داخلي شيءِ ناهي. خارجي سوچن جو ڪو خرابو آهي- ت.ب)*

## مير حاجن مير، سيوهڻ شريف.

سوجهرو جون 2014ع جيڪو هٿن ۾ آهي. اوهان جو لکيل ٽچ مي پليز... انڌن ذهنن لاءِ سوجهرو آهي. هر مهيني ٽچ مي پليز... ذهن ڌونڌاڙي ڇڏي ٿو. نئين راھ لئہ تيار ڪري ٿو. هن پرچي ۾ سرمد چانڊئي جو انٽرويو پڙهيم. جيڪو هڪ موڳي ٻاراڻي ذهن جو انٽرويو آهي. اوهان کان بہ پروف جي غلطي ۾ ’سرمد سنڌي‘ لکجي ويو آهي. پر هي شخص سرمد سنڌي نہ پر سرمد چانڊيو آهي. سرمد چانڊيو پاڻ کي ڇند ۽ واين جي پدن، جو وڏو ڄاڻو سمجهي ٿو. ڇا واين جي پدن ۽ ڇند جي ڄاڻ ڪا وڏي ڳالھ آهي ڇا؟ هي تہ ڏاڍو سينئر آهي. پر نئين ٽهي ۾ سنڌ ۾ اهڙا ڪوڙ ليکڪ پيا آهن جيڪي ننڍي عمر ۾ ئي ڇند، واين جي پدن ۽ علم عروض جي ڄاڻ رکن ٿا. اسان جي نئين ٽهيءَ جا دوست ذوالفقار گاڏهي ۽ مشتاق گبول پڻ ڇند واين جي پدن ۽ علم عروض جي ڄاڻ رکن ٿا.

مشتاق گبول، سليم چنا جي واين جي ڪتاب، ’گهٽيون گهاءَ ڏين ٿيون‘ ۾ واين جي پدن ۽ انهن جي وزنن تي چڱي ريت بحث ڪيو آهي. هيڪوٽي، ٻٽوٽي، ڏيڍوٽي جا تفصيل سمجهايا آهن. مشتاق، تہ ڪڏهن بہ اها دعويٰ نہ ڪئي آهي تہ آئون ڇند، پدن ۽ علم عروض جو ڄاڻو ٿي ويو آهيان.

سرمد چانڊيو صاحب جديد شاعري جي باري ۾ چوي ٿو، ”جديد شاعري هن وقت تہ شيخ اياز جي ڇوڏاري ڦري ٿي. فني طور تي هن جا نظم ڏاڍا سگهرا آهن. ڇند وديا جو فن سکڻ کانپوءِ ئي اياز کي اصل انداز ۾ پرکي سگهجي ٿو.“

اها تہ سرمد چانڊئي جي عجيب ڳالھ آهي. ڇا پاڻ کي پهرين ڇند وديا سکڻو پوندو ۽ پوءِ اياز کي پڙهڻو پوندو. نياز همايوني، تاج بلوچ، نارائڻ شيام، امداد حسيني، ڪشنچند بيوس، تنوير عباسي ۽ ٻين ڇا جديد شاعري نہ ڪئي؟ يا انهن جي ادبي ڪم کي ليک ڏيون ۽ ايئن چئون، ”اياز ۽ سرمد چانڊئي کان سواءِ سنڌي ادب ۾ اوندھ لڳي پئي آهي؟“

سرمد چانڊيو صاحب چوي ٿو، ”گربخشاڻي صاحب علڻ گهوٽ وٽ ويو ۽ چيائين، ’سائين اسان کي گنج جو ديدار ڪرايو تہ رسالو ترتيب ڏيون.‘ سائين علڻ گهوٽ ڪيس چيو، ’بابا، توهان جي هٿ ۾ پروڻ آهي. وڃنا پيا شاھ جي ڪلام کي ڇاڻيو. جنهن جو نالو ئي گنج آهي. ان ۾ ٻيون ڪيتريون ئي شيون هونديون!!‘ گربخشاڻي صاحب پوءِ گنج ڏسي علڻ گهوٽ کي واپس ڪيو.“

ڪيڏو نہ غير سنجيده رويو آهي. غير مسلم اديب لاءِ جڏهن تہ لطيف جا شارح غير مسلم ئي رهيا آهن. ۽ انهن وڏيون محنتون ڪيون آهن. گربخشاڻي ڊگهي نظر وارو ماڻهو هو. شاھ جو گنج نظر مان چڱي ريت ڪڍيو اٿس. ۽ بيت پيٽيا هوندا. سرمد چانڊئي وانگر ٽڪن کان ڪم نہ ورتو هوندو. (نوٽ: سرمد پٽ، تي 15-15 ڏينهن وڃي رهندو آهي. ڪارا ڪپڙي پهري ماتم بہ ڪندو آهي. ۽ سرمد مذهبي ماڻهو آهي. ترقي پسند يا جدت جو ماڻهو نہ آهي.)

سرمد چانڊئي صاحب کي اها خبر بہ نہ پئي تہ مونکان انٽرويو وٺندڙ شاھ جي جماليات تي Ph.D ڪئي آهي. پر ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪري پاڻ کي مٿيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. سرمد چانڊيو صاحب چوي ٿو، ”ڪافي کي ايترا بيت ڪير ڏيندو جيترا شاھ صاحب واين کي ڏنا آهن. ڪافي وٽ پنهنجي گائيڪي نہ آهي. ڪافي کي ڊول فقير، عبدالغفور فقير، امير بخش فقير کان سواءِ چڱي طرح ڪنهن ڳايو ناهي.“

پهرين ڳالھ تہ ڪافي ۾ بيت ايندا ئي ڪونهن. بيت جدا صنف آهي. وائي جدا آهي ۽ ڪافي جدا آهي. سڀني جو گهاڙيٽو ۽ هيئت جدا آهي. سرمد صاحب ڪافيءَ ۾ بيت ڪيئن لکبو؟ اوهان کي ڪافي جا رڳو ٽي راڳي نظر آيا!! عثمان فقير جي ڪافي، ’يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي.‘ استاد محمد جمن ڳائي آهي. ڪانئس وسري ويو؟ عابده پروين جي ڳايل ڪافي، ’تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا‘ ياد ناهي؟ ڇا اوهان حسين بخش خادم فقير جو نالو نہ ٻڌو آهي؟ استاد گلزار سانگهڙائي جي آواز ۾ ڪافي اوهان نہ ٻڌي!! حمل فقير جي ڪافي، استاد منظور علي جي آواز ۾ بہ نہ ٻڌي؟ ٻيا ڪيترائي فنڪار آهن جن سٺي ۽ بهترين انداز ۾ ڪافي ڳائي آهي. سرمد صاحب کي شاھ لطيفؒ کي شاعر گهٽ تعميرات جو ماهر، ’بلڊر‘ وڌيڪ نظر اچي ٿو. قادن نوحاڻي وارو حوالو بہ بي مقصدو آهي.

سرمد چانڊيو صاحب چوي ٿو، ”ڊاڪٽر بلوچ اصل

لسانيات جو ماڻهو هوئي ڪونه؟“ في الحال بلوچ صاحب جو ٻيو ادبي ڪم سائيڊ تي رکون ٿا. لغات جو ذڪر ٿا ڪريون. ڊاڪٽر بلوچ جي پنج جلدي لغات جا سنڌي ادب ۾ ڪا حيثيت نہ ٿي رکي؟ پلا لغات ٻولي جو ڄاڻو لکندو آهي يا جهڙو تهڙو؟

سرمد صاحب چوي ٿو، ”شاهہ عنايت شهيد خان آف قلات جو ماڻهو هو. ۽ ايران نواز هو. هو صوفي ڪونہ هو. هو هندستان نواز هو.“ سرمد صاحب هي حوالا اوهان ڪٿان ورتا آهن؟ ڪهڙن ماخذن، ڪتابن ۾ لکيل آهي، ’شاهہ عنايت ايران ۽ هندستان جو ماڻهو هو.‘ افسوس تہ سرمد بنا سوچ ويچار جي ڳالهہ ڪري ويو آهي. جنهن جو نہ بڻ آهي نہ بڻياد. پنهنجي تاريخ ڪي پاڻ ئي لوئڻ شروع ڪيو اٿئون. سرمد ڪي شاهہ عنايت شهيد جو نظريو نہ ٿو وڻي. ’جو ڪيڙي سو کائي‘ حق، سچ ۽ عوام جو نظريو آهي. اوهان ڪي ظالماڻو نظريو ڀٽي جو وڻي ٿو. ۽ عوامي نظريو نہ ٿو وڻي؟ ذوالفقار ڀٽي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان جيڪي ظلم ڪيا انهن تي ڪيترائي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. پر چند ڳالهيون لکان ٿو.

ذوالفقار ڀٽي: (1) 5 لک بهاري سنڌ ۾ آباد ڪرايا. (2) سنڌ دشمن آئين جي قيام سان سنڌ پنجاب وٽ غلام ٿي وئي. (3) سنڌ ڪي ٻن ٻولين جو صبو قرار ڏنائين (4) 500 سنڌي ڪتابن رسالن تي بندش وجهي اديبن ۽ شاعرن ڪي جيل ۾ وڌائين. (5) چشما، جهلم لئڪ ڪئنال تعمير ڪرائي سنڌ جي پاڻي تي پنجاب جو قبضو ڪرايائين. جيڪو شخص سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ايڏا ظلم ڪري اهو سرمد صاحب لئہ هيرو، باقي شاهہ عنايت هيرو ناهي. واهہ سرمد چانڊيا واهہ، تنهنجو ’دماغ.‘

ڪهاڻين ۾ محترمہ ج.ع.منگهاڻيءَ جي ڪهاڻي ’رت جو گرڙو‘ سٺي لڳي. شوڪت لوهار جي ڪهاڻي، ’لڪير...‘ جي سٽ ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ اي سي هلي رهيو هو. ان سٽ ۾ گرامر جي غلطي آهي. سٽ هيئن ٿيندي. ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ اي سي هلي رهي هئي. گل خاصخيلي جو غزل بهتر لڳو.

**اڪيلو چنڊ گل سان**
**هلي پيو گڏ ٽڪرو**
*(گل خاصخيلي)*

حسين جاگيراڻي جو غزل زبردست هو.

**تون نہ ساڳي، تنهنجو ساڳيو ئي حُسين**
**تون پَلي پي، تنهنجو ساڳيو ئي حُسين.**
**اڪ ڪٽي ڪو بہ مون ڏي نهاري نہ ٿو**
**تنهنجو هر ڪو وٽي ٿو نظارو پرين**
*(مشتاق بخاري)*

مٿين سِٽ هيٺين سان ڪو بہ ميلاپ نہ ٿي رکي. مٿين سِٽ جو خيال جدا آهي تہ هيٺين سِٽ جو مقصد جدا آهي. بيوس بهار سومرو جو غزل وزن ۾ ڪٽل هو:

**نہ چيخ ڪنهن ٻڌي ڪڏهن نہ سار ڪنهن لڌي**
**اجاڙ ۾ سڄو ائين عمر سندو سفر ڪٽو**

مٿين سِٽ جو وزن ڪٽل آهي.

’نہ چيخ ڪنهن ٻڌي ڪڏهن، نہ سار ڪنهن لڌي ’ڪڏهن‘ سِٽ ۾ ’ڪڏهن‘ پوڻ سان وزن پورو ٿيندو.

نماڻي صديق مهيسر ڪي تمام گهڻي محنت جي ضرورت آهي. سندس شاعري بي رنگي، بي چسي، ڪچي-ڦڪي ۽ خيال ڪان وانجهيل آهي.

**اوهان جي ’غلامي‘ اڪين تي رکي مون**
**اوهان لئہ ’نماڻو‘ تہ ’ٻالو‘ بہ ٿيندو.**

مٿين سِٽ ۾ اهو ظاهر نہ ٿو ٿئي تہ غلامي ڪنهن جي ڪرڻ ٿو چاهي. محبوبہ جي، پير جي، مير جي، ڪنهن وڏيري جي جاگيردار جي يا ڪنهن ڪاموري جي؟ جي محبوبا سوا ڪنهن جي غلامي قبولي ٿو تہ پاڻ ڄاڻي.

**تنهنجي خاطر لوڪ سان وڙهندو ويم**
**۽ رڳو تڪرار ۾ ڦاسي پيس.**

لوڪ سان وڙهندو ويو (لوڪ سان ڇو وڙهيو؟) تڪرار ۾ ڦاسي پيو. شاعر جي خبر نہ ٿي پوي تہ چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ نہ شعر جو ڪو مقصد آ نہ فن آ نہ فڪر آ مڙئي پنا ڪارا ڪرڻ. ۽ اوهان بہ همت افزائيءَ جي موڊ ۾...

## حاجن نظاماڻي، ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي (هالا)

جڏهن بہ وڏن بزرگن خاص طرح سان سگهڙن جي ڪچهري ۾ ويهڻ جو موقعو مليو آهي تہ انهن جي ڳالهين مان اهو سبق پرايو آهي، ”اڻڄاڻائي جي ڄاڻ گهٽ ماڻهن ڪي هوندي آهي. ڄاڻو ماڻهو، اڻڄاڻائيءَ جي ڏک ڏيندا آهن. ۽ منهن مونن منجهہ وجهي ماٺ ۾ هوندا آهن.“

پر هتي تہ قصو ئي ابتو نڪتو. يعني، جن بابت ڄاڻ هئي تہ ڄاڻو آهن. پر انهن جي گفتي مان لڳو، ”هي تہ سگهڙن جي گفتن موجب صفا ڪي اڻڄاڻ هوندي بہ وڏي واڪ، ’آئون ڄاڻو‘ آهيان جا هوڪا ڏيندا وتن.“ سگهڙن جي ڪچهرين مان اها بہ خبر پئي تہ ’ڪجهہ نہ ڄاڻڻ‘ وارا، ’جڏهن سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ‘ جو هوڪو ڏيندا آهن تہ ملڪ ۾ گمراهي وڌي ويندي آهي. نياز، نوڙت، سهپ ۽ ادب ختم ٿي ويندو آهي. ۽ ماڻهو پنهنجي ماضيءَ جي عظيم ورثي ڪان خودبخود محروم ٿي ويندا آهن. يا قدرت ڪين مختلف ڏکين مرحلن مان گذاريندي آهي.

تازي هڪ رسالي ۾ امرجليل صاحب ڪان شاهہ عبداللطيفؒ جي موسيقي بابت سوال ڪيو. جواب ۾، امرجليل صاحب فرمايو، ”ڪي ڏهہ پندرنهن نوجوان شاهہ جي درگاهہ تي، ’اَن اَون، چاچون، هان هون‘ ڪن ٿا. ان ۾ ڪهڙو سبق آهي؟ اسان توهان ڪان پڇون ٿا؟

جليل صاحب ڪي خبر هئڻ گهرجي تہ اهڙي ريت ئي ڪلاسيڪل راڳ ڳايو ويندو آهي. ڇا اهو سيني ڪي سمجهہ ۾ اچي ٿو يا ايندو يا اچڻ گهرجي؟ تِن ڪي ايندو جيڪي راڳ سان وابسطہ هوندا. انهن ڪي خبر هوندي تہ راڳ ڇا آهي؟ ڪلاسيڪل هجي يا شاهہ جو راڳ. جيڪڏهن اسان ڪي ڪلاسيڪل راڳ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ پوءِ چئون ٿا، ”اهو بہ وقت جو زيان آهي. ۽ بي اثرائتو آهي. ڇا ائين آهي؟“

راڳ تہ ان ڪي سمجهہ ۾ ايندو جنهن ڪي ان سان محبت ۽ لگن هوندي. ان سان وابسطہ هوندو. باقي عام ماڻهو لاءِ وقت وڃائڻ جي برابر آهي. جيئن آئون افسانو يا ڪهاڻي لکان. پوءِ ماڻهو ان ڪي پڙهي چون، ”هي ڇا لکيو اٿئي؟ تو ڪي تہ ڪهاڻي جي فن جي خبر ئي ناهي.“ شاهہ جي راڳ ڪي سمجهڻ لاءِ بہ اهڙي ئي مشق، شوق ۽ تجربو گهرجي. جيڪو ڪنهن بہ ادبي صنف تي لکڻ لاءِ گهربل هوندو آهي. اهڙيءَ ريت امرجليل جو شاهہ جي راڳ بابت اڇاترو تبصرو بہ ايئن ئي آهي. جنهن جي پويان اها ڄاڻ ۽ سونت ناهي ۽ نہ ئي شوق ۽ جاکوڙ ۽ نہ ئي انجو شعبو. (ٻيو عرض اهو ڪندو هلان تہ سوال پڇندڙ شاهہ لطيف ڪي امرجليل جيان ليڪڪ چيو آهي!! ڪهڙي اونداهي؟ ڇا ماڻهو اتو ڏيئي پڙهيا آهن. يا ڪاپي ڪلچر جون ڪرامتون آهن.)

جيئن تہ هر راڳ ڳائڻ وارن جو پنهنجو طور طريقو ۽ انداز هوندو آهي. اهڙي طرح شاهہ جي راڳ جو بہ پنهنجو طور طريقو آهي. جيڪو شاهہ عبداللطيفؒ جو پاڻ ايجاد ڪيل ۽ خاص ساز تي ڳايو ويندو آهي.

شاهہ جي راڳ جو پنهنجو گرامر آهي. شاهہؒ جي ايجاد ٿيل تنبوري ۾ پنج تندون آهن. جن جا نالا هي آهن:

1. زبان = تند
2. ٽيپ = تند
3. جاڙي 1 = تند
4. جاڙي 2 = تند
5. گهور = تند

جيڪي تنبوري ۾ هن ريت لڳل آهن، ’زبان، ٽيپ، جاڙي، جاڙي ۽ گهور.‘

شاهہ جا راڳي فقير تنبوري جي تندن ۾ گرامر مطابق شاهہ جو راڳ الاپيندا آهن. هن ريت شاهہ جو راڳ ڳايو ويندو آهي.

سڀ ڪان پهرين سرن ڪي تندن سان الاپيندا آهن. ان ڪي ’تند‘ وڄائڻ چيو ويندو آهي. ۽ ان ڪانپوءِ ’جهڙ‘ يعني ساڳيو سُر تندن جي تيز لئي تي وڄائبو آهي. ان ڪي ’جهڙ‘ چئبو آهي. هي بہ هڪ ’تند‘ جو قسم آهي. پر هن ۾ تندن ڪي تيز وڄائبو آهي.

پوءِ ’ضرب‘ يعني ’او ميان الله‘ چئبو آهي. جنهن ڪي ’ضرب‘ چئبو آهي. ۽ ان ڪانپوءِ باقاعده طور تي سرن ڪي ترتيب وار ڳائبو آهي. شاهہ جي راڳ جي سرن ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي منڙي محمد ﷺ جو نالو بار بار استعمال يعني ڳائبو آهي، ’ميان الله. الله ڪريم. تون موليٰ الله.‘

شاهہ جو راڳ تہ روح جي غذا آهي. مگر ڳالهہ تہ سمجهہ جي آهي. ناسمجهہ ڪي ڇا چئجي؟ شاهہ جي راڳ ڪي وائين ۾ ڳائڻ جا ٽي قسم آهن:

- **ڏيڍي وائي**
- **دوتالي وائي**
- **ڇيڙ جي وائي**

ڏيڍي وائي جو طريقو ڪجهہ هن ريت آهي. جيڪو تنبوري جي تندن مطابق لڪجي ٿو. هي وائي سُر سامونڊي جي آهي.

تلهہ: سامونڊي سردار ماءُ ملندا ڪڏهين

| خالي | ٽيپ | گهور | زبان |
| --- | --- | --- | --- |
| او | سا | مون | ڏي |
| اي | سَ | رِ | دا |
| آءِ | يا | ر | ما |
| آءِ | يا | مَ | ل |
| ان | دا | او | او |
| اوڪ | ڏ | هـ | ين. |

اهو انداز آهي شاهہ جي وائي جو. جيڪڏهن قاعدي ڪان ٻاهر وائي ۽ بيت ڳايا ويندا تہ اُهي بي اثرائتا ٿي پوندا. ۽ ان جو مقصد بہ نہ هوندو.

هن راڳ جي بہ پنهنجي طريقت آهي. ان ريت ئي ڳايو ويندو آهي. توهان جيڪڏهن شاهہ جي راڳ ڪي دل ۽ روح سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا تہ توهان ڪي قلبي سڪون ملندو. مگر امر جليل صاحب بنا ڄاڻ ۽ سوچڻ سمجهڻ جي شاهہ جي راڳ ڪي ناڪام چئي ڇڏيو.

ڪهڙي بنياد تي؟ ڇا مقدس نالن جو ورد، ناڪاريت ڏانهن اشارو ڪري ٿو؟ ان ۾ ملائيت جي ڀيٽ ۾،

روحانيت آهي. ڪجهہ سال اڳ ئي شاهہ جي راڳي فقيرن ڪي فرانس ۾ گهرايو ويو. اتي ٻين ملڪن جا ڪافي فنڪار پڻ موجود هئا. اتي جي محفل هلائيندڙ اعلان ڪيو، ”هن محفل ۾ اهڙا بہ راڳي آهن جن جي ڳائڻ سان مينهن وسندو. ۽ اهو منظر توهان پاڻ حاضرين محفل ڏسي سگهندا.“

انهي اعلان بابت شاهہ جي راڳي فقيرن ڪي بہ آگاهہ ڪيو ويو تہ توهان ڪي سر سارنگ ڳائڻو آهي. جنهن جي ڳائڻ سان مينهن وسي ٿو.

آسمان تي ڪوبہ ڪڪر نالي لاءِ بہ نہ هو. جيڏي مهل فقيرن شاهہ جو ’سر سارنگ‘ ڪي ڳايو تہ آسمان ڪڪرن جي گهري چادر ۾ ويڙهجي ويو. ۽ بجلين چمڪار ڪيا. ۽ زبردست برسات جو وسڪارو ٿيو. جنهن محفل ۾ موجود ماڻهن ڪي حيران ڪري ڇڏيو. ڇوتہ اتي جي موسميات ڪاتي پاران مينهن نہ وسڻ جو اعلان ٿيل هو.

شاهہ جا راڳي جن اهو منظر پنهنجي اکين سان ڏٺو. ۽ شاهہ جو ”سر سارنگ“ فرانس ۾ ڳايو. اهي فقير اڄ بہ ڀٽ شاهہ تي موجود آهن. اُهي فقير اهو احوال ٻڌائيندي اکين مان لڙڪ وهائيندا آهن. اهو آهي شاهہ جي راڳ جو اثر جنهن فرانس جي ماڻهن ڪي حيران ڪري ڇڏيو. ۽ ان لمحن ڪي هميشہ جي لاءِ امر ڪري ڇڏيو.

ان ڪانپوءِ شاهہ جي فقيرن ڪي فرانس لاءِ دعوتون اينديون رهن ٿيون ۽ اهو شاهہ عبداللطيفؒ جو پيغام شاهہ جا فقير دنيا جي ڪافي ملڪن تائين رسائيندا رهندا آهن.

شاهہ جو راڳ تہ روح جي تندن سان ئي سمجهي سگهجي ٿو.

شاهہ جو راڳ بہ ٻين راڳن ڪان مختلف آهي. ۽ شاهہ جو ساز بہ ٻين سازن ڪان مختلف آهي. شاهہ جي ساز تي اياز يا سامي جا بيت نٿا پڙهي سگهجن. هي شاهہ جو ساز يعني تنبورو ’دنبورو‘ ٻين سازن ڪان نرالو آهي. اهڙي راڳ ۽ ساز جي ايجاد جو دنيا ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. توهان صرف هڪ ساز تي ڳايو جيڪو ان شاعر جي ايجاد ٿيل هجي.

شاهہ جي شاعري يعني، ”رسالو“ ۽ دنبورو اسان لاءِ تمام وڏي فخر جي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن شاهہ جي شاعري ڪي ڳائيندڙ نہ هجن ها تہ اڄ توهان شايد ٻئي ٻوليءَ ۾ لکي ۽ پڙهي سگهڻ جي سمجهہ رکو ها. سنڌي ڪي ڪير ياد بہ نہ ڪري ها.

شاهہ جي راڳ ڪي نہ سمجهڻ تہ سمجهہ جي ڪوٽ ڇئجي سگهجي ٿو. مگر شاهہ جي راڳ ڪي ڪيئن غلط ٿو چئي سگهجي. ناهي سمجهہ تہ اُها ٻئي ڳالهہ آهي.

پاڻ ڪي عقل ڪل سمجهندڙ ئي ناسمجهي جو پڪو پختو ثبوت آهن.

راڳ يا علم ۽ ادب جون ڌار ڌار ڪائناتون آهن. هر ڪائنات جا رنگ ۽ رمزون مختلف آهن. اوهين جنهن شعبي ۾ ويندا، ان شعبي جي بنيادي ڳالهين ڪي پرائڻ لاءِ وڏي مشق ۽ جاکوڙ ڪرڻي پوندي. هڪ ڪائنات ڪان ٻي ڪائنات بابت، ڄاڻ ڪانسواءِ تبصرو ڪرڻ زيادتي آهي. جيڪا ڪائنات اوهان پسي ئي ناهي. ان بابت اتاچري راءِ ڏيڻ يا ان ڪائنات تي ٺٺول ڪرڻ مناسب آهي؟ امر جليل صاحب ڪهاڻي يا عمرانيات بابت ڳالهائي تہ سونهين ٿو باقي آئون پانيان ٿو هو ڀٽائي جو بيت صحيح طور اچاري بہ نہ سگهندو هوندو!! ■



# شڪنتلا اڌوري اڃا...

مزمل سائر

ڪِٿي ڪالداس ۽ ڪِٿي پريتَما
شَڪُنتَل اَڌُورِي اَڌُوري اَڃا
وَراڪا ڪري وڃّ وانگي اَچي
ڪڏهن مورَ وانگي پِٽُن تي نَچي
ڪڏهن مِينهَٽَن جِيئَن چانگارَ ۾
ڪڏهن وينجَهَرَن ونڌَ ۾، هارَ ۾
ڪڏهن سِڙهَہ، ڪُوها، سُڪاٽُون چڪي
ڪڏهن اوٺَ مَڪليءَ لَڪُن ڪان لَڪي
ڪڏهن اَنگُ نيرَڳ ٻٽي نياڻ ۾
ڪڏهن ليٽَ، لَڙُ، وَنجهُ مهراڻ ۾
ڪڏهن ڪِينَري ۾ ڳُتي راڳٽيون
ڪڏهن پوهَہ آٽي اُماڙين ڀَرِيون
ڪڏهن ڀَرتَ جي ڦُلَّ چِلڪي اُٿي
ڪڏهن مَندَ جو سَمندُ ٻٽجي ڇُلي
سَڄي پُونءِ پوءِ پِي نہ پُوري اَڃا
ڪَٽَي ٿي وَڃي ڪجهہ ضرُورِي اَڃا
اِها نَمّ ٿيندي نِمُوري اَڃا
شَڪُنتَل اَڌُوري اَڌُوري اَڃا
مگر پوءِ بہ ڪامَڻ اُٿي آهہ، ڙي
تَخَيُلَ وڌو هِنَ ۾ آ ساهہ، ڙي
نہ پُورَب، نہ پَڇّم، نہ رات ۽ نہ شام
شَڪُنتَل ڪَيو آهہ هر ويلَ رام
نہ ئي گهاٽُ جَمنا، بُخارا، نہ ڏِٺ
نہ بَرَ، بَن، نہ لهريون، ڇڏي ڪو نہ ڀَٽ
شَڪُنتَل گهڙيءَ ۾ هِتي، وَر هُتي
اڇي ٿي، وَڃي ٿي، نہ ڪنهنجي ٻُڌي
ڇوي ٿي، ’حقيقت بہ مايا تہ آ
مٿان هيءَ مايا بہ ڇايا تہ آ
وِري هيءَ مايا حقيقت بہ آ
لُڙاٿيل سَمُند آ، تہ پَربَت بہ آ
اَماوَس رڳو ناهہ ڪاراڻ پَل
نہ گنگا، نہ جَمنا رڳو آبُ، ڇَل
نہ رِڻُ آ بَيابانُ، وَڻُ ناهہ ڦُل
نہ دِل آهہ ڌڙڪو، نہ اکڙيون ڪَجَل.‘
جَنَمُ سو نہ پُورو ٿيو، ڪالداس
جِتي چَندُ اونداهَہ، اُوجَر اُماس

اِهو مَندُ ناهي تہ پوءِ آهہ ڇا
ڪِٿي ابتدا ۽ ڪِٿي اِنتَها
ڪِٿي آهين ڪاليداس منهنجا پرين
شَڪُنتَل جِيان تون بہ ويٺو ڦِرين
نہ جَنمي، نہ جَنمي بہ جَنمي اُٿي
شَڪُنتَل اُٿي پر اَڌُوري اُٿي.
شَڪُنتَل مُڪَمَل ٿيڻ ڪاڻ ئي
وڏائي وڏائي بہ مانڊاڻ ئي
ڪڏهن هوءَ مَريَم جِيان ماءُ ٿِي
ڪڏهن هوءَ لَيلا جِيان ساءُ ٿِي
ڪڏهن هوءَ سِيتا، تہ مِيرا ڪڏهن
ڪڏهن هوءَ راڌا، تہ لِيلا ڪڏهن
ڪٿين تان سينا، ڪٿين ڪالداس
ڪِرشنا، پڪاسو: ڪٿين ٿيا نراس.
ڪَٿين تَندَ تاڻِين پَل پَل هِتي
ڪٿين اوڙِ آٽِين وَر وَر پَني
ڪٿين بانسِريءَ جي سُرَن ۾ مَگن
چِترڪارَ ويٺا محبت ڇٽن
مَگر ڪنهن بہ پوري ملي ڪا نہ ٿِي
ڏسي ٿي اگر، پوءِ ٻُڌي ڪا نہ ٿِي
ٻُڌي ٿي اگر، پوءِ ڇوي ڪا نہ ٿِي
ڇَوي ٿي اگر، پوءِ ٻِهي ڪا نہ ٿِي
نہ اَرتي، نہ ڪوجهي، نہ پُورِي اَڃا
نہ وَرڪا، نہ سيجا، نہ سُورِي اَڃا
نہ سورَٿ، نہ سُهڻي، نہ نُورِي اَڃا
شَڪُنتَل اَڌُوري اَڌُوري اَڃا ■

غزل (قاسم دائود عباسي)

پرين جي پور ۾ آهيون،
سدائين سور ۾ آهيون،
نڪا ڪجهه عشق ۾ سوچون،
نفي يا مور ۾ آهيون،
نگاهن وار دل تي ڪيو،
وڏي ناسور ۾ آهيون،
رڳو تنهنجي نه اکڙين ۾،
گهٽن جي گهور ۾ آهيون،
نه سک جي ڪا گهڙي گهاري،
سدا عاشور ۾ آهيون،
ڪندا سڀ رشڪ قسمت تي،
نگاهن نور ۾ آهيون،
وڏي ڇو ديس ۾ نفرت؟
انهي ويسور ۾ آهيون،
*